# مدح نامه سنڌ

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين



مترجم

حضرت مولانا الحاج محمد ادريس ڏاهري

نقشبندی مدظله العالی

# ALL RIGHTS RESERVED



| | |
|---|---|
| Title Name | Midha Nama Sindh |
| Authore | Hazrat Allama Makhdoom Muhammad Hashim Thatavi (AR) |
| Sindhi Translator | Hazrat Allama Maulana Muhammad Idrees Dahri |
| Publisher | Idara Khidmat-ul-Quraa Wal Sunnah Shahpur Jehania, Distt: Nawabshah Sindh |
| Under supervision | Ashiq Hussain, Ehsanullah, Asadullah Dahri, Ubaidullah, Waliullah Dahri |
| Printed at: | New Green Printers, Saddar, Hyd. Ph: 2784848 |
| Publishing Date | December 2006 |
| Price | Rs. 120/= |

Available at:

**Madarsa Jamia Muhammadia**

Shahpur Jehania, Distt: Nawabshah, Sindh.

# مدح نامہ سنڌ

مصنف

حضرت علامہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمۃ اللّٰہ عليہ

مترجم

حضرت علامہ مولانا الحاج محمد ادريس ڏاهري

مهتمم مدرسہ محمديہ، ومدير اداره خدمۃ القرآن والسنۃ

شاهپور جهانيا. ضلع نواب شاهہ سنڌ


ناشر

اداره خدمۃ القرآن والسنۃ

شاهپور جهانيا. ضلع نواب شاهہ سنڌ.

# جمله حقوق محفوظ



ڪتاب: ...................................... مدح نامه سنڌ

مصنف .. حضرت علامه مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليه الرحمة

مترجم سنڌي.................. علامه مولانا محمد ادريس ڏاهري

ناشر: .......................اداره خدمة القرآن والسنة

شاهپور جهانيا، ضلع نواب شاه سنڌ

زير اهتمام : .....................صاحبزادگان: عاشق حسين

احسان الله، اسد الله

عبيد الله، ولي الله ڏاهري صاحبان

تاريخ اشاعت.....................ڊسمبر 2006ع ذوالقعدة 1427ھ

هديه: ................................... =/120

ڇپيندڙ: ......................نيو گرين پرنٽرس صدر حيدرآباد.

فون 2784848

ملڻ جو هنڌ:

مدرسه جامعه محمديه

شاهپور جهانيا ضلع نواب شاه سنڌ

## مضمون جي فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ١. | انتساب | صفحہ (د) |
| ٢. | تقريظ محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | صفحہ (و) |
| ٣. | مترجم طرفان مهاڳ | صفحہ ١ |
| ٤. | مخدوم صاحب جي سوانح حيات | صفحہ ٧ |
| ٥. | مخدوم صاحب جا استاد ۽ انهن جو تعارف | صفحہ ٨ |
| ٦. | مدح نا مہ سنڌ جو ترجمہ | صفحہ ٢٤ |
| ٧. | اعتراض نمبر 1 - جواب | صفحہ ٢٩ |
| ٨ | اعتراض نمبر 2 - جواب | صفحہ ٣١ |
| ٩. | اعتراض نمبر 3 - جواب | صفحہ ٣٤ |
| ١٠. | اعتراض نمبر 4 - جواب | صفحہ ٤١ |
| ١١. | اعتراض نمبر 5 - جواب نمبر1 - نمبر2 | صفحہ ٤٥ |
| ١٢. | اعتراض نمبر 6 - جواب | صفحہ ٤٧ |
| ١٣. | شفاعت جو بيان | صفحہ ٨٩ |
| ١٤. | حبيب ڪريم ﷺ جي دربار ۾ عرض | صفحہ ١٠٠ |
| ١٥. | باري تعالىٰ جي بارگاھ ۾ مناجات | صفحہ ١١٥ |
| ١٦. | باري تعالىٰ جي بارگاھ ۾ بي مناجات | صفحہ ١١٦ |
| ١٧. | تقريظ نمبر 1 | صفحہ ١٢٣ |
| ١٨. | تقريظ نمبر 2 | صفحہ ١٢٧ |

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# انتساب

ڪنهن بہ ڪتاب جو مصنف، مؤلف يا ترجمو ڪندڙ جڏهن پنهنجي ڪتاب جي انتساب ڪرڻ جو ارادو ڪندو آهي تہ ان شخصيت ڏي ڪندو آهي جنهن سان سندس عقيدت، محبت ۽ دل جو تعلق هوندو يا جنهن جو ممنون ۽ ٿورائتو هوندو يا جنهن جون ملڪ ۽ ملت لاءِ خدمتون گهڻيون هونديون آهن. مون بہ حضرت علامہ مولانا مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليہ الرحمتہ جي فارسيءَ ۾ لکيل ڪتاب "مدحنامہ سنڌ" جو ترجمو ڪرڻ وقت سوچيو ٿي تہ هن ڪتاب جو انتساب سنڌ سڄوريءَ جي ڪنهن معمار، خدمت گذار ۽ ڪيس گل و گلزار بنائيندڙ شخصيت ڏي ڪجي سوچيندي سوچيندي منهنجي ناقص عقل ۾ سنڌ سڄوريءَ جي هڪ سٺي خاندان جا تمام سٺا فرد جناب عزت ماب سردار با وقار الحاج رئيس علي نواز خان (مرحوم) جن آيا. رئيس صاحب جن هر دلعزيز، سهڻي اخلاق جا صاحب، قربائتا، نهٺا، متواضع منڪسر المزاج ۽ نهايت سنجيده هئا. رئيس حاجي علي نواز خان ولد رئيس ولي محمد خان انڙ جن سنڌ جي سهڻي شهر قاضي احمد ۾ 1922ع ۾ سنڌ سماٽ جي سردار گهراڻي ۾ ڄاوا پاڻ تعليم پنهنجي شهر ۾ ورتائون پاڻ پشتان پشت زميندار هئا. زراعت سان سندن تعلق موروثي آهي.

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

## مترجم طرفان

# مُهاڳ

امابعد

چاڻڻ گهرجي تہ جيڪو انسان جنهن سر زمين ۾ ڄمندو يا رهندو آهي تہ فطري طور ان جي دل ۾ ان سر زمين جي محبت سمايل هوندي آهي ۽ هجڻ بہ کپي، پنهنجي وطن سان پيار ڪرڻ ۽ پنهنجي قوم جي ڀلائي گهرڻ، انهن جي رهنمائي ۽ رهبري ڪرڻ ۽ انهن جي حقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ آواز بلند ڪرڻ الله تعاليٰ ۽ ان جي پياري رسول مقبول صلى الله عليہ وسلم جي حڪم جي خلاف نہ آهي. پنهنجي مظلوم ۽ مسڪين قوم جي حقن گهرڻ کان نہ الله تعاليٰ منع ڪئي آهي. نہ ان جي پياري حبيب ڪريم صلى الله عليہ وسلم منع ڪئي آهي. اسلام جي نالي سان ڪنهن مظلوم جي حق جي گهر ڪرڻ کان منع ڪرڻ خود اسلام جي دشمني آهي. جيڪڏهن ڪو مهمان ميزبان جا حق تلف ڪري، ميزبان جي اولاد کي قتل ڪري، انهن جي عزت ۽ مال کي لٽي تہ اهو ڪهڙو انصاف آهي جو ميزبان دانهن بہ نہ ڪريٰ ۽ پنهنجي حق جي گهر بہ نہ ڪري، الله تعاليٰ جا جيڪي بہ انبياء سڳورا عليهم الصلوٰة والسلام حضور صلى الله عليہ وسلم کان اڳ۾ آيا هئا. انهن کي تہ موڪليو ئي پنهنجي قومن جي رهبريءَ لاءِ ويو هو پر الله تعاليٰ جي آخري پيغمبر اسان جي آقا حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ صلي

الله عليہ وسلم جن جيڪي ساري دنيا لاءِ نبي ۽ سيني جهانن لاءِ رحمت بنجي آيا ۽ پاڻ دشمنن سان ڀلائي ڪرڻ ۽ ٻي وڙن سان وڙ ڪرڻ ۾ بہ مشهور ۽ معروف آهن، پر تنهن هوندي بہ پنهنجي قوم کي خصوصي دعائن سان نوازيندا رهيا.

جيئن تہ روايتن ۾ آيل آهي تہ جڏهن اسلام جي پيغام کي پهچائڻ لاءِ پاڻ ڪريم صلى الله عليہ وسلم ميدان ۾ آيا، تہ ڪافرن مٿن بي انتها ظلم ڪيا. پاڻ رحمت وارا نبي صلى الله عليہ وسلم آهن، ڪنهن جي ظلم کان تنگ نہ ٿيندا هئا، الله تعاليٰ جي ملائڪن سڳورن کين عرض ڪيو تہ اوهان جيئن چئو تيئن ٿيندو. تہ پاڻ دعا گهريائون.

"اَللّٰهُمَّ اهْدِ قَوْمِيْ فَاِنَّهُمْ لَايَعْلَمُوْنَ"

اي الله! منهنجي قوم کي هدايت نصيب ڪر، اهي بي علم آهن. حضور صلى الله عليہ وسلم جن جي قوم لاءِ خصوصي دعا گهرڻ ۽ انهن جي ظلمن کي برداشت ڪرڻ مان سبق ٿو ملي تہ اسين بہ پنهنجي سنڌي قوم جي لاءِ خصوصي دعائون گهرون. انهن جي غلطين ۽ زيادتين کان در گذر ڪري انهن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪوشش ڪندا رهون ۽ حضور پاڪ صلى الله عليہ وسلم جي نقش قدم تي هلون.

حضور صلى الله عليہ وسلم جي ولادت باسعادت مڪہ مڪرمہ ۾ ٿي هئي. پاڻ پنهنجي زندگيءَ مبارڪ جا پهريان 53 سال بہ مڪي پاڪ ۾ رهيا. جڏهن قريشي سردارن جي ظلم ۽ جبر جي ڪري اصحابي سڳورا رضي الله عنهم هجرت ڪري مديني منوره ۾ آيا ۽ الله تعاليٰ جي حڪم سان پاڻ بہ مڪي پاڪ مان هجرت

پاڻ تعميري ذهن رکندڙ هئا. کين پنهنجي شهر کي سنوارڻ ۽ سينگارڻ جو گهڻو شوق رهيو. سندن باغ " ناز باغ" نالي سان مشهور، ڏسڻ ۽ گهمڻ جهڙو آهي. سندن مهمان خانو وسيع هو ڪڏهن بہ ڪو مهمان ايندو هو تہ سندن منهن تي مرڪ محسوس ڪندو هو دنيوي زيب ۽ زينت سان گڏ پاڻ عقيدن جا پڪا سني ۽ نماز ۽ روزي جا پائبند هئا. حرمين شريفين بہ پيرا ويا هئا. هڪ پيرو حج ڪرڻ لاءِ ٻيو پيرو عمرو شريف لاءِ. پاڻ بهترين مسجد ۽ عاليشان مدرسو "دارالفلاح" نالي ٺهرايو هيائون جنهن ۾ خدا واسطي مفت ديني تعليم ڏني ويندي آهي. مدرسي سان متصل هڪ اعليٰ قسم جي لائبريري هر روز وقت مطابق کلندي آهي علم جا شوقين ويهي مطالعہ ڪندا ۽ اندر جي اڄ اجهائيندا آهن. هن ڪتاب جي ڇپارائڻ ۾ سندس خصوصي تعاون هو پاڻ وفات ڪري ويا آهن پر ان هوندي بہ هن ايڊيشن جو انتساب سندن شخصيت ڏانهن برقرار رکي سندن روح کي راحت ڏجي ٿي.

اللهم اغفولہ وارحمہ

دعاگو

**فقير محمد ادريس عفي عنہ**

# سنڌ جي ساراهہ

جناب مولانا الحاج محمد ادريس ڏاهري صاحب مبارڪ جي لائق آهي جو وڏي عالم مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ جي فارسيءَ ۾ لکيل ڪتاب "مد حنامہ سنڌ" کي هن سائين صحيح سهڻي سنڌي عبارت ۾ ترجمو ڪري پڙهندڙن جي آڏو پيش ڪيو آهي.

نهايت خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو موجوده دور ۾ سنڌ جي اڳين عالمن خصوصاً مخدوم محمد هاشم رحہ جي سوانح ۽ تصنيفن جو مطالعو تي رهيو آهي. مخدوم صاحب جا وڏا ڪتاب فقهہ، حديث، اسلامي احڪامن ۽ اسلامي تاريخ بابت آهن. سندن هن ڪتاب جو خاص موضوع سنڌ جي عالمن جي ساراهہ آهي. هي ڪتاب مخدوم صاحب وطنيت جي جذبي سان لکيو پر حق جي حمايت ۾ لکيو. سنڌ ۾ عالمن عارفن جي تعليم ۽ تبليغ سنڌ کي اسلامي مضمون جو گلدستو بنايو انهيءَ حقيقت خلاف ٻي راءِ کي مخدوم صاحب صحيح نہ سمجهيو ۽ پنهنجي هن ڪتاب ۾ اهڙي مخالفانہ راءِ جو رد لکيو عجب اتفاق آهي جو قاضي احمد جي هردلعزيز شخصيت رئيس علي نواز انڙ جنهن قدرداني ڪري هي ڪتاب پهريون ڀيرو سورهن سال اڳ سنہ 1411هہ ۾ ڇاپايو، سو تازو 6 شعبان 1427هہ (31 آگسٽ 2006ع) تي رضا الاهي کي لبيڪ چئي رحلت ڪري ويو آهي. هن ڪتاب جي دوباره اشاعت سندس قدرداني جي ياد کي تازو ڪندي.

علامہ آءِ. آءِ قاضي چيئر

سنڌ يونيورسٽي

13 شوال 1427هہ

5 نومبر 2006ع

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

ڪري مديند شريف پهتا تہ اڳ واري زندگيءَ جي ڪري ڪين مڪي سڏيو ويندو آهي ۽ پوين ڏهن سالن واريءَ زندگيءَ جي ڪري مدني سڏيا ٿا وڃن. مگر اسان جي هن سنڌ سڳوريءَ ۾ ٻاهران اچڻ وارا ڪاٺِن ٻہ سنڌ جو ڪمائن ٻہ سنڌ ۾ پر انهن کي سنڌي سڏائڻ خبر نہ آهي تہ ڇو ٿو برو لڳي؟ انهن کي ويچا وساري ضد ڇڏي سنڌي سڏائڻ گهرجي.

حضور پر نور صلى الله عليہ وسلم جن عرب قوم مان آيا تہ پنهنجي قوم لاءِ ڪيترا نہ مهربان هئا. عربن جي محبت کي ايمان سڏيو اٿن. جيئن علامہ علي قاري عليہ الرحمة پنهنجي ڪتاب الاسرارالمرفوعة ۾ آندو آهي تہ حضور ﷺ فرمايو آهي:

"حُبُّ العَرَبِ مِنَ الايِمانِ"

عربن جي محبت ايمان آهي.[1]

حضرت سلمان فارسي رضي الله تعالىٰ عنہ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن مون کي فرمايو تہ "مون سان بغض نہ رکجان ٻي صورت ۾ پنهنجي دين کان جدا نہ ٿي وڃين" مون عرض ڪيو تہ يا رسول الله! صلى الله عليہ وسلم اوهان سان ڪيئن بغض رکندس؟ حالانڪ اوهان جي ذريعي تہ اسان کي الله تعالىٰ هدايت ڪئي آهي. پاڻ فرمايائون. تہ "عربن سان بغض رکندين تہ مون سان بغض رکيئي" ۽ حضرت عثمان بن عفان رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن فرمايو. "جنهن عربن سان ٺڳي ڪئي سو منهنجي شفاعت ۾ داخل نہ ٿيندو ۽ ان کي منهنجي

---

[1] الاسرار المرفوعمة ص: 110

محبت نصيب نہ ٿيندي“ [2]

حضور صلی الله عليہ وسلم جن جي انهن حديثن مان وطن ۽ قوم جي محبت صاف صاف ثابت ۽ روشن آهي. حبيب اڪرم نور مجسم ﷺ جن جي عاشقن، الله تعالىٰ جي ڪاملن ولين سڳورن، صوفي بزرگن پنهنجي وطن ڪي وڏي محبت ۽ پيار سان ياد ڪيو آهي.

حضرت غوث العالم شيخ بهاؤ الحق زڪريا ملتاني عليہ الرحمة ملتان شريف لاءِ هيئن فرمايو آهي.

”مُلتان مابہ جنت اعلیٰ برابر است، آهسته پابہ نہ کہ ملک سجده مي کنند“

يعني اسان جو ملتان مٿاهينءَ جنت سان برابر آهي، آهستي آهستي پير رک جو ملائڪ سجدو ٿا ڪن. ايران جي مشهور صوفي شاعر حافظ جنهن جي شعرن جو مجموعو ديوان حافظ جي نالي سان مشهور آهي. ان پنهنجي وطن شيراز ڪي هنن لفظن سان ياد ڪيو آهي.

**”خوشا شيراز وضع بي مثالش، خداوندا نگهدار از زوالش“**

يعني شيراز تمام سٺو آهي ان جي وضع بي مثال آهي يا الله! ان ڪي زوال کان نگهبانيءَ ۾ رک.

اهڙيءَ طرح سنڌ جي مشهور ۽ معروف بزرگ پلاري پٽائيءَ عليہ الرحمت بہ وطن ڪي پيار جي هنن لفظن سان ياد ڪيو آهي.

(1)

”واجهائي وطن ڪي، ساري ڏيان ساهہ،
بُت منهنجو بند ۾، قيد مَ ڪريجاهہ،
پر ڏيهاڻي پرينءَ ري، ڏار م ڏريجاهہ.

---

[2] مشڪواة المصابيح ص : 552 باب مناقب قريش

ٺڏي وسائجاه ٽرن جي، مٿي مٽي مٽاه
جي ڀويون ٽئي پساه، تہ نجاه مڙه ملير ڏي“
”واجهائي وطن کي، ساري ساه ڏيان،
هيءَ سِرُ ساٽيهہ سامهون، منهنجونج ميان،
مقا مياٽي مارئين وڃي ٽرٽيان،
مُيائي جيان، جي وڃي مڙه ملير ڏي“

هن کان بہ وڌيڪ روشن ۽ ڪليل لفظن ۾ حضرت ڀٽائي صاحب عليہ الرحمة سنڌ جي سرزمين کي هن طرح دعا ڪئي آهي.

”سائينمر سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ ڪرين آباد“

سنڌ جي سرزمين جنهن کي باب الاسلام (اسلام جي اچڻ جو دروازو) جو لقب مليل آهي، ان جي محبت هر سنڌيءَ جي دل ۾ هجڻ ضروري آهي، چاهي اهو پير هجي يا امير، مسڪين هجي يا شاهوڪار، غريب هجي يا دنيادار، عالم هجي يا جاهل، ڪارخانيدار هجي يا مزدور، هر ڪنهن کي هن مٽيءَ جو مان مٽاهون ڪرڻ گهرجي، ان ۾ پيدا ٿيندڙ ٻچن جي حقن جو تحفظ ڪرڻ گهرجي. ”حُبّ الوَطَنِ مِنَ الاِيمَانِ“ مشهور ۽ معروف قول آهي. سنڌ ۾ رهڻ وارن عالمن سڳورن کي هر وقت سنڌين جي حقن جي حاصل ڪرڻ لاءِ آواز اٿارڻ گهرجي. علماء کي اهو چورڻ نہ ٿو سونهي تہ اسان جو ڇا. اسان جو ڪجهہ نہ وڃي اسين فقير ماڻهو آهيون. اسان جو ڪوبہ دخل نہ آهي. سنڌ جي نامور عالم، عظيم مصنف ۽ ڪامل ولي حضرت مولانا مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليہ الرحمة جڏهن هڪ عبدالرؤف نالي پٺاڻ جو مضمون سنڌ ۽ ان

۾ رهندڙ سنڌين جي خلاف لکيل ڏنو تہ سنڌس طبيعت ۽ وطن سان محبت اها ڳالهہ برداشت نہ ڪئي. پاڻ ان جي جواب ۾ هيءُ ڪتاب لکيائون ۽ ان جو نالو "مدح نامه سنڌ" رکيائون. هن ڪتاب ۾ حضرت مخدوم صاحب عليہ الرحمة شروعات ۾ ان پناڻ جي اعتراضن جا جواب ڏنا آهن. ان کان پوءِ نصيحتون ۽ هدايتون لکيون آهن ۽ حضور پر نور ﷺ جي حيات هجڻ ۽ سنڌ ن شفاعت جي متعلق روايتون آنديون آهن.

هن ڪتاب ۾ حضرت مخدوم صاحب عليہ الرحمة حضور ﷺ کي غائبانہ سڏ ڪيا آهن، جن مان ثابت آهي تہ سنڌس عقيدي ۾ الله تعالىٰ جي پياري حبيب ڪريم ﷺ کي غائبانہ سڏڻ جائز آهي ۽ اسان جو بہ اهو ئي عقيدو ۽ ايمان آهي. پاڻ جن محبت وارن ۽ ادب سان پريل عشق ۽ الفت وارن لفظن کي پنهنجي عرض ۾ آندو اٿس اهي پڙهڻ ۽ سوچڻ جهڙا آهن. هر هڪ لفظ مهراڻ جو موتي ۽ سڪ ۽ سوز جو مظهر آهي آخر ۾ بارگاه ايزديءَ ۾ التجا ڪئي اٿس، جيڪا تمام گهڻي عجز ۽ انڪساريءَ واري آهي. الله تعالىٰ حضرت مخدوم صاحب عليہ الرحمة کي جنت ۾ اعلىٰ مقام عطا ڪري ۽ اسان گنهگارن کي سنڌس فيض مان مستفيض ٿيڻ جي توفيق عطا ڪري.

آمين يا رب العالمين بحرمة حبيبڪ سيدالمرسلين عليہ وعلىٰ آلہ واصحابہ الصلواة والسّلام الىٰ يَومِ الدين.

**محمد ادريس ڏاهري**

مهتمم

جامعہ محمديہ شاهپور جهانيا

ضلعو نوابشاهہ سنڌ

# سوانح حيات

## حضرت مولانا مخدوم محمّد هَاشم ٺٽوي رحمت الله عليہ

سندس نالو مبارڪ محمد هاشم پيءُ جو نالو مولانا عبدالغفور (عليہ الرحمة) آهي. ذات جو پنهور هو. سندس نسب جو سلسلو سندس لکت موجب هن طرح آهي: محمد هاشم بن عبدالغفور بن عبدالرحمان بن خيرالدين. سنڌي، ٺٽورائي. ان ڪانپوءِ بهرام پوري ان ڪانپوءِ ٺٽوي[3] حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليہ الرحمة جو والد مخدوم عبدالغفور پهريان سيوهڻ شريف جو رهاڪو هو. پوءِ اتاهين لڏي لاڙ جي پاسي ٻٺوري شهر ۾ رهيو جتي مخدوم محمد هاشم (عليہ الرحمة) جي ربيع الاول شريف مهيني جي ڏهين تاريخ سن 1104 هہ ۾ ولادت ٿي[4] جيئن تہ سندس والده سڳوري بہ نهايت پرهيزگار ۽ نيڪ سيرت عورت هئي. ان جي ڪري سندس گهرو پرورش بہ پاڪيزي ۽ سٺي ماحول ۾ ٿي هئي. سندس والدين وڏي بخت ۽ ڀاڳ وارا هئا. جن کي الله تعالىٰ اهڙو فرزند ارجمند عطا ڪيو هو. جيڪو اڳتي هلي مشهور مفسر، محدث، فقيہ، شاعر ۽ ڪامل ولي بڻيو. الله تعالىٰ کيس حبيب ڪريم، رؤف رحيم، صاحب "خُلقِ عَظِيم" ﷺ سان تمام گهڻي محبت ۽ عشق عطا ڪيو هو. پاڻ پنهنجي شعرن ۾ جيڪي عشق ۽ الفت وارا نوراني الفاظ استعمال فرمايا اٿس، انهن مان سندس عقيدو ۽ مسلڪ صاف صاف ظاهر ۽ سج وانگر روشن آهي. پاڻ

[3] حاشہ مقالات الشعراء فارسي صفحو 841

[4] حاشہ تڪملہ مقالات الشعراء فارسي صفحو 52

عقيدي ۾ پڪا سني هئا. سنيت ۾ پهاڙ وانگر مضبوط ۽ محبت ۾ راسخ هئا.

**علم پڙهڻ ۽ پرائڻ:**

پاڻ ابتدائي تعليم پنهنجي والد بزرگوار حضرت مخدوم عبدالغفور عليہ الرحمة کان حاصل ڪيائون. ذهين ۽ ذڪي هجڻ جي ڪري ڇهن مهينن ۾ قرآن پاڪ حفظ ڪيو هئائون [5] پاڻ علم فارسي، صرف نحو ۽ فقہ جا ڪتاب پنهنجي والد ماجد وٽ پڙهيا هئا. عربيءَ تي عبور حاصل ڪرڻ لاءِ ٺٽي شهر جي مشهور ۽ معروف مدرس، عربيءَ جي ماهر حضرت مولانا محمد سعيد رحمة الله عليہ وٽ حاضر ٿي پڙهندا رهيا. درجہ اوسط يعني وچ وارن ڪتابن کي حضرت علامہ محمد سعيد عليہ الرحمة وٽ پڙهي، حديث شريف جا ڪتاب ۽ ٻي تعليم حضرت علامہ ضياءُ الدين ٺٽوي عليہ الرحمة وٽ پڙهيا ۽ 9سالن جي عرصي ۾ متد اول علوم جي تڪميل ڪري فارغ ٿيا. انهيءَ دوران سن 1136ھ مطابق 26 مارچ 1724 عيسوي ۾ مديني منوره ۾ پهتا. [6]

## مخدوم صاحب جا استاد ۽ انهن جو تعارف

پاڻ جن وڏن محدثن ۽ بزرگن کان علم حاصل ڪيو هئائون، انهن جا نالا هن ريت آهن:

(1) سنڌن والد بزرگوار مخدوم عبدالغفور عليہ الرحمة جنهن 1113 ھ ۾ بنوري شهر ۾ وفات ڪئي ۽ اتي ئي دفن ڪيو ويو.

---

[5] مقدمہ بناء الاسلام صفحو 6

[6] تاريخ ڪلهوڙا اردو جلد 2 صفحو 993

(2) مخدوم محمد سعيد ٺٽوي رحمة الله عليہ هن بزرگ جي زندگيءَ جو احوال ڪونہ ٿو ملي.

(3) مخدوم ضياءُ الدين ٺٽوي رحمة الله عليہ

هيءُ بزرگ سهروردي سلسلي جي سالار غوث بهاءُالحق زڪريا ملتاني قدس سره، جي مرشد خواجہ شهاب الدين سهروردي عليہ الرحمة جي اولاد مان هو.

مخدوم ضياءُ الدين عليہ الرحمة 1091 هہ ۾ ٺٽي ۾ ڄائو ۽ ٺٽي جي مشهور عالم مخدوم عنايت الله کان تعليم حاصل ڪئي هئائين. گهڻي علم ۽ بزرگيءَ جي هوندي سالڪ ۽ نوڙت وارو بہ هو. سندس عمر 80 سال هئي ۽ سن 1171 هہ ۾ وفات ڪيائين.[7]

(4) حضرت مولانا مخدوم رحمة الله قدس سره: هي ڀلارو حضرت مخدوم اسحاق بن مخدوم عبدالحميد جو پٽ آهي. هن جي لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق اها آهي تہ اهو بہ مخدوم محمد هاشم صاحب جو استاد آهي. 8

(5) حضرت مولانا مخدوم عنايت الله صاحب عليہ الرحمة: هيءُ بزرگ مخدوم محمد هاشم جي استاد مخدوم ضياءُ الدين جو بہ استاد آهي. وڏو عالم، متقي ۽ پرهيزگار هو. مخدوم معين الدين ٺٽوي عليہ الرحمة بہ هن جو شاگرد هو. پنهنجي وقت جو ناميارو عالم ٿي گذريو آهي.

---

[7] تحفہ الڪرام سنڌي صفحو 561

[8] مقدمو مصلح المفتاح سنڌي صفحو 27

## مخدوم صاحب جا غير سنڌي استاد

حضرت مخدوم محمد هاشم عليه الرحمة جڏهن سن 1135هہ ۾ حرمين شريفين جي زيارت ڪرڻ لاءِ پهتو تہ اُتي حديث شريف جي علم ۾ هيٺين استادن کان فائدو ورتائين ۽ سندون حاصل ڪيائين.

1. **شيخ عبدالقادر حنفي صديقي مڪي عليہ الرحمة:** هيءُ بزرگ شيخ ابوبڪر صديقيءَ جو فرزند، گجرات جي مشهور ۽ معروف محدث محمد طاهر عليہ الرحمة جي اولاد مان هو. شيخ عبدالقادر مڪي فصاحت، بلاغت، علم، فضل ۽ فقہ ۾ ممتاز ۽ برگزيده هو. مڪي پاڪ جي حرم جو مفتي ٿي رهيو هو. سندس فتوائن جو مجموعو "فتاوىٰ قادريہ" جي نالي سان ڇهن جلدن ۾ سندس يادگار آهي پاڻ سن 1138 هہ ۾ وفات ڪيائين.
2. **شيخ عبد بن علي مصري عليہ الرحمة:** هن ڀلاري جا حالات معلوم نہ ٿي سگهيا آهن مگر مصر جي ملڪ سان تعلق رکڻ جي ڪري کيس مصري سڏيندا هئا. سندس وفات سن 1138هہ ۾ ٿي.
3. **شيخ ابو طاهر محمد مدني عليہ الرحمة:** هن ڀلاري بزرگ جي والد جو نالو ابراهيم هو. ڪردي مدني سڏيو ويندو هو. پنهنجي والد کان خلافت جو خرقو ڏکيو هئائين ۽ ٻين بزرگن کان بہ فيض حاصل ڪيو هُيائين.
4. **شيخ علي بن عبدالمالڪ دراوي عليہ الرحمة:** هن بزرگ جي حالات جي متعلق ڪوبہ صحيح سچو احوال ڪونہ ٿو ملي پر

سندس وفات جي خبر آهي تہ سن 1145ھہ ۾ وفات ڪيائين[9]

حضرت مخدوم صاحب مناظر اسلام هو: حضرت مخدوم محمد هاشم عليہ الرحمة جي لاءِ غير مسلم جو رايو.

انگريزي تاريخ نويس رچرڊ برٽن لکيو آهي تہ: مخدوم صاحب هندستان ۽ عربستان جو سير ڪيو. عربي ۽ فارسي ٻولين ۽ فقہ جو علم چڱيءَ طرح سکيو چون ٿا تہ مسافريءَ جي وقت ۾ هن عيسائي پادرين سان ڪيترا مناظرا ڪيا ۽ سندن مذهب جي خلاف رسالا پڻ لکيا هئا.[10]

**روحانيت جي تحصيل:** حضرت مخدوم صاحب ظاهري علم جي تحصيل کان پوءِ روحانيت ۽ علم طريقت جي حاصل ڪرڻ لاءِ حج تان موٽندي، سورت بندر ۾ رهندڙ هڪ بزرگ سيد سعد الله قادريءَ عليہ الرحمة جي بيعت ڪري ان وٽ رهيو ۽ عبادت ۽ رياضت ڪري ان بزرگ کان خلافت جو خرقو حاصل ڪيائين. پاڻ قادري مشرب هو.[11]

**مخدوم صاحب جون علمي ۽ تبليغي سرگرميون:**

حضرت مخدوم صاحب علم جي تحصيل کان پوءِ پڙهائڻ سان گڏ دين جي اشاعت ۽ ترويج لاءِ وعظ ۽ تقريرون بہ ڪندو هو. درس ڏيڻ سان گڏ ڪتابن لکڻ جو سلسلو بہ شروع ڪري ڇڏيو هئائون. سندس درسگاهہ "مدرسہ هاشميہ" ڪري سڏيو ويندو هو. پاڻ هر روز پنهنجي مسجد ۾ ٽيهري نماز کان پوءِ درس ڏيندا هئا ۽

---

[9] مقدمہ التحفة المرغوبة عربي ص: 17

[10] ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ص: 30

[11] حوالو ساڳيو. ص: 32

ڪيترا علم جا طالب سندن خدمت ۾ اچي علم حاصل ڪندا هئا.

**حضرت مخدوم صاحب جا مشهور ۽ معروف شاگرد:** سندن شاگرد تمام گهڻا هئا. پر سندن وجود جي شهرت جي ڪري اهي ايتريءَ مشهوريءَ کي ڪونہ پهتا ۽ نہ انهن جو ذڪر تفصيل سان ملي ٿو. تنهن هوندي بہ سندن ڪجهہ شاگردن جو ذڪر هتي لکجي ٿو.

1۔ **مخدوم عبدالرحمان عليہ الرحمة:** هيءُ بزرگ حضرت مخدوم صاحب عليہ الرحمة جو وڏو فرزند هو. حديث شريف ۽ فقہ جو وڏو ماهر هو. والد صاحب جي وفات کان پوءِ جهونا ڳڙهہ هليو ويو هو ۽ اتيئي تقريباً سن 1181ھ ۾ وفات ڪيائين.

2۔ **مخدوم عبداللطيف صاحب عليہ الرحمة:** هيءُ بہ مخدوم صاحب جو فرزند هو. صالح, فرمانبردار, علم ۽ فضل جو صاحب وڏو ڪامل هو. سنڌ جي حاڪم ميان سرفراز ڪلهوڙي جي دور ۾ سن 1187ھ ۾ قاضي مقرر ٿيو هو.

3۔ **مخدوم عبدالخالق نتوي عليہ الرحمة:** هيءُ بزرگ مخدوم صاحب جو پيارو شاگرد, محبت وارو مريد, سچو صحبتي ۽ سالڪ هو. مخدوم صاحب جي درسگاه (مدرسہ هاشميہ) ۾ نائب معلم طور تعليم بہ ڏيندو هو. ان هڪ ڪتاب "مطلوب المومنين" نالي سان سنڌي نظم ۾ تحرير ڪيو هو. جنهن کي حضرت مخدوم صاحب درست ڪري منظور فرمايو هو.

4۔ **مخدوم عبدالله نرئي وارو عليہ الرحمة:** هيءُ پلارو ذات جو منڊرو بدين تعلقي ۾ مانڊر واريءَ ايراضيءَ ۾ رهندڙ هو. پوءِ اتاهين لڏي ڪڇ جي پاسي نرئي نالي ڳوٺ ۾ وڃي رهيو. اتي

ڪجھ وقت رهڻ ڪان پوءِ اتاهين بہ لڏي سري نالي ڳوٺ "تعلقي ابڙاسي" ۾ وڃي رهيو. ڪڇ جو راجا سندس معتقد هو. هن ٻلاري جو اولاد ڪراچيءَ ۾ رهندو آهي ۽ سندس ڪتابن جو وڏو ذخيرو سندس پوين وٽ ڪڇ ۾ رهجي ويو.

5۔ **مخدوم ابوالحسن صغير ٺٽوي مدني عليہ الرحمة:** هن ٻلاري جو نالو غلام حسين بن محمد صادق نقشبندي آهي. مخدوم ابوالحسن "ڪبير" کان جدا سڃاڻڻ جي لاءِ هن کي صغير سڏيو ويندو آهي. هيءَ بہ اصل ٺٽي جو هو ۽ اتيئي مخدوم صاحب کان علم جي تحصيل ڪيائين. پوءِ وري خوشقسمتيءَ سان مديني منوره ۾ وڃي رهيو ۽ اتي بہ سنڌ جي نامور عالم مولانا حيات سنڌيءَ مدنيءَ عليه الرحمة کان علم حاصل ڪيائين ۽ مخدوم محمد حيات عليہ الرحمة جي وفات کان پوءِ سندس جاءِ تي پڙهائيندو رهيو. حضرت ابوالحسن صغير عليہ الرحمة جا هي ڪتاب يادگار آهن 1۔ شرح نخبة الفڪر 2۔ فقہ جي مشهور ۽ معروف ڪتاب درمختار جو حاشيہ 3۔ مختارالانوار 4۔ رجال مسند امام احمد بن حنبل وغيره. سندن وفات رمضان المبارڪ مهيني ۾ سن 1178 ھ ۾ مديني منوره ۾ ٿي ۽ کيس نهايت ئي برڪت واري قبرستان جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو.[12]

6۔ **حضرت شاھ فقيرالله شڪارپوري عليہ الرحمة:** هن بزرگ جا وڏا جلال آباد "افغانستان" ويجھو حصارڪ ۾ رهندا هئا. سندس ولادت بہ حصارڪ جي ويجهو روتاس نالي ڳوٺ ۾ سن

---

[12] ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي 39

1100 ھہ ڌاري ٿي. ظاهري علوم افغانستان ۽ هندستان جي عالمن کان حاصل ڪيائين. حرمين شريفين ۾ حاضري ڀرڻ ويندو هو. اتي جي محدثن کان بہ حديث جو علم حاصل ڪيو هئائين طريقت ۾ خواجہ محمد مسعود پشاوريءَ ۽ خواجہ محمد سعيد لاهوريءَ کان خلافت جو خرقو حاصل ڪيو هئائين. جوانيءَ ۾ سير ۽ سفر گهڻو ڪندو هو. آخر سن 1150ھہ ۾ سنڌ سڄوريءَ جي مشهور ۽ معروف شهر شڪارپور کي وطن ڪري ويهي رهيو. حديث پاڪ جي علم جي سند حضرت مخدوم محمد هاشم کان ورتي هئائين. ٻين ديني علمن سان گڏ تصوف ۾ بہ ڪامل هو. هميشہ هدايت ۽ تلقين جو شغل جاري رکندو هو. ان وقت جا وڏا وڏا امير بہ سندس معتقد هوندا هئا. جهڙوڪ احمد شاه ابدالي، افغانستان جو والي، نصير خان بروهي قلات جو والي، محبت خان بلوچ مڪران جو والي ۽ ميان سرفراز خان ڪلهوڙو سنڌ جو والي وغيره. پاڻ عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ شعر بہ چوندو هو. بهترين ڪتب خانہ هوندو هوس ۽ پاڻ بہ ڪتاب لکندو هو. جيئن 1. مڪتوبات 2. فتح الجميل 3. براهين نجات 4. فيوضات الاهيہ 5. طريق الارشاد 6منتخب الاصول 7.وثيقة الاڪابر 8. قطب الارشاد 9. فتوحات غيبيہ10.قصيده مبروره 11. ڪتاب الازهار 12. فوائد فقير الله 13.شرح قصيده بانت سعاد 14. مثنويءَ جي بعض بيتن جو شرح. هن بزرگ ۽ ڀلاري ٻانهي جي وفات صفر مهيني جي 3 تاريخ سن 1195ھہ ۾ شڪارپور شهر ۾ ٿي ۽ اتيئي دفن ڪيل آهي. سندس مزار

تي ڪيترائي ماڻهو زيارت ڪرڻ لاءِ ايندا رهن ٿا.

7_ **سيد شهمير شاهہ متياروي عليہ الرحمة:** هيءُ الله تعاليٰ جو پيارو سيد سڳورو حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي عليہ الرحمة جي عزيزن مان هڪ وڏو عالم فاضل ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليہ الرحمة جو شاگرد هو. سيد شهمير شاهہ سنت جي زنده رکڻ ۽ اسلامي مقدمن جي حمايت ۾ تمام گهڻو مبالغو ڪندو هو. هر دين جي ڪم لاءِ طالب علمن جي جماعت وٺي دين پاڪ جي تقويت لاءِ دل ۽ جان سان ڪوشش ڪندو هو. هن سيد سڳوري سن 1177هہ ۾ وفات ڪئي.[13]

8_ **مخدوم نور محمد نصرپوري عليہ الرحمة:** هيءُ الله تعاليٰ جو پيارو ٻانهو سنئون سڌو مخدوم محمد هاشم عليہ الرحمة جو شاگرد هو ان جي ڪري اسلامي علوم ۾ وڏي مرتبي جو صاحب هو. هن جو شاگرد مخدوم محمد عثمان متياروي عليہ الرحمة بہ وڏو محدث ٿي گذريو آهي. جيڪو مخدوم عبدالواحد سيوهاڻيءَ ۽ مخدوم محمد هاشم جي پوٽي مخدوم ابراهيم عليہ الرحمة جو همعصر ٿي گذريو آهي.[14]

9_ **شيخ الاسلام محمد مراد انصاري سيوهاڻي عليہ الرحمة:** هيءُ صالح ٻانهو سيوهڻ شريف جو رهاڪو هو. ان جو لقب شيخ الاسلام هو. پاڻ پنهنجي اهل ۽ اولاد سميت سنڌ مان هجرت ڪري عربستان ۾ وڃي رهيو هو. هن بزرگ قصيدي برده شريف جي پڙهڻ جي اجازت بہ پنهنجي استاد مخدوم محمد هاشم کان ورتي هئي.

---

[13] تحفة الڪرام ص: 442

[14] مڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ص: 41

وفائي صاحب جو قول آهي تہ حضرت شيخ الاسلام مراد انصاري عليہ الرحمة جي حضرت خضر عليہ السلام سان ملاقات ٿيندي رهندي هئي ۽ ان کان ئي تصوف جو خرقو بہ ڏکيو هئائين. وفات وقت پنهنجي پٽ حسين سنڌيءَ کي چيائين تہ اجهو خضر عليہ السلام مون کان موڪلائڻ آيو آهي ۽ ان کي تنهنجي پارت ڪئي اٿم، تہ ڏکيي وقت ۾ تنهنجي مدد ڪندو رهي. مولانا محمد مراد سيوهاڻيءَ جو پٽ شيخ حسين سنڌي ۽ پوٽو شيخ محمد عابد سنڌي وڏا بزرگ ۽ محدث ٿي گذريا آهن.[15]

**حضرت مخدوم محمد هاشم عليہ الرحمة جي حق گوئي:** دين جي عالمن جي ذميواري آهي تہ اهي حق جو پيغام پهچائين، برائين کان منع ڪن. ڀلائيءَ جو امر ڪن. ان معاملي ۾ حضرت مخدوم صاحب عليہ الرحمة محنت ڪئي ۽ ڪامياب رهيو. مير علي شير قانع ٺٽوي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ مخدوم محمد هاشم عليہ الرحمة سنت جماعت جي مذهب جي تقويت ۽ دين متين جي رسمن کي زنده ڪرڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هن جي ڏينهن ۾ سندس ڪوشش سان اهڙا وڏا وڏا ڪم سرانجام ٿيندا هئا. جيڪي سچي دين جي تائيد جو ڪارڻ هوندا هئا مشرڪن ۽ دين جي دشمنن تي سندس ڪنٽرول چڱيءَ طرح جاري رهيو. سندس وقت ۾ گهڻ ۾ گهڻ سوين ذمي (ڪافر) ايمان سان مشرف ٿيا. نادر شاهہ ۽ احمد شاهہ جهڙن وقت جي بادشاهن سان خط و ڪتابت جو رستو کليل رکندو هو ۽ سندس استدعائن تي دين جي تقويت

[15] تذڪره مشاهير سنڌ ج 2 ص: 248 کان 252

متعلق دل گهريا احڪام جاري ٿيندا ۽ چڱيءَ طرح عمل ۾ ايندا هئا مطلب تہ سنڌن وجود غنيمت هو[16] پاڻ ديني ڪمن لاءِ رات ڏينهن ڪوشش ۾ رهندا هئا. دين جي ترويج ۽ تائيد ڪرڻ سنڌن نصب العين هو. سنڌس همت ۽ جرئت کي سلام آهي جو شريعت پاڪ جي احڪام جي پائبنديءَ ۾ ڪنهن بہ ننڍي يا وڏي پنهنجي يا پرائي جي پاسخاطري ۽ رک رکاءُ نہ ڪندو هو.

## مخدوم صاحب تي محبوب نبي عليہ الصلواة السلام جي خصوصي مهرباني

جيڪو بہ شخص الله تعالىٰ جي دين جي خدمت ڪندو اهو الله تعالىٰ ۽ ان جي پياري رسول مقبول صلى الله عليہ وسلم جن جو تمام گهڻو پيارو هوندو آهي. حضرت مولانا مخدوم محمد هاشم عليہ الرحمة بہ زاهد، عابد، ذڪر ڪندڙ سالڪ، شريعت جو صاحب ۽ حبيب ڪريم رؤف رحيم صلى الله عليہ وسلم جو سچو عاشق هو. ان جي ڪري مٿس محبوب عليہ الصلواة والسلام جي خاص نگاه ۽ مهرباني هوندي هئي. جيئن هيٺ لکيل واقعن مان ظاهر ٿئي ٿو.

1ـ حضرت مخدوم محمد هاشم صاحب عليہ الرحمة پنهنجي استاد مخدوم ضياءُ الدين ٺٽوي عليہ الرحمة جي مرشد مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ سان گهڻي عقيدت ۽ محبت رکندو هو. ايتري قدر جو سنڌس ويهڻ واريءَ کٽ کي چنبيندو ۽ صاف ڪندو هو. هڪ ڏينهن حضرت ابوالقاسم نقشبنديءَ عليه الرحمة وضو پئي ڪيو ۽ پانهن ڌوئڻ مهل پاڻي ٺونٺ کان ٽي ناياڻين جيڪو هيٺ ڪارائيءَ ۽ هٿ ڏي ٽي وهيو. مخدوم محمد هاشم عليہ الرحمة

[16] تحفة الڪرام ص: 566

ڪيس عرض ڪيو تہ فقہ جي ڪتابن موجب پاڻي هٿ ۾ ڪارائيءَ
کان مٿي ٿونٽ ڏانهن نائڻ گهرجي. مخدوم ابوالقاسم نقشبندي
عليہ الرحمة فرمايو تہ مون رسول الله صلی الله عليہ وسلم جن کي
اهڙيءَ طرح ڪندي ڏٺو آهي. (ڪنهن وقت ڪو ديدار ٿيو هوندو)
مخدوم صاحب وري عرض ڪيو تہ فقہ جي روايت هوءَ آهي، جيڪا
مون عرض ڪئي. وڏيڪ اوهان جي مرضي. مخدوم ابوالقاسم
نقشبندي حضوري بزرگ هو ان وقت حضور ﷺ ڏانهن متوجہ ٿيو ۽
پوءِ فرمايائين تہ حضور صلی الله عليہ وسلم جن فرمائن ٿا تہ "جيئن
محمد هاشم چوي ائين معمول بناءِ". هاڻي جيئن مخدوم صاحب
چيو اهڙي نموني ٿو وضو ڪيان.

مقالات الشعراءِ جي تڪملي جي صاحب لکيو آهي تہ
سبحان الله مخدوم صاحب جي حق چوڻ جو مرتبو هن مان ڏسڻ
گهرجي جو اهو امر نہ فرض هو نہ واجب بلڪ محض احتياط هو ۽
حضرت مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ جي تصرف جو بہ ڪمال هو جو
اڪ ڇنڀ ۾ حضور صلی الله عليہ وسلم جن کان جواب بہ وٺي آيو.[17]

اهڙن ڀانهن جو ديدار بہ وڏي دولت آهي. حضرت ڀٽائي
صاحب عليہ الرحمة فرمايو آهي:

اکيون سيئي ڏار، جن سان پسين پرينءَ کي،
ٻي ڏانهن ڪيم نهار، گهڻو ريساراسپرين.
شاهہ

2۔ هڪ شخص حضرت مخدوم صاحب کان مسئلو لکايو ۽

---

[17] تڪملہ مقالات الشعراءِ فارسي ص: 44

تصديق لاءِ مخدوم ضياءُ الدين ٺٽويءَ عليه الرحمة وٽ ڪٽي ويو. جيڪو مخدوم محمد هاشم عليہ الرحمة جو استاد ۽ حضرت ابوالقاسم نقشبنديءَ عليہ الرحمة جو مريد هو. ان اها تحرير ڏسي تصحيح ۽ تصديق نہ ڪئي. ڇو تہ ان مسئلي ۾ ان جي راءِ ٻي هئي. رات جو خواب ۾ مخدوم ضياءُ الدين عليہ الرحمة کي حضرت رسول مقبـــول ﷺ جن جو ديدار ٿيو ۽ پاڻ حڪم فرمايائون تہ جيئن محمد هاشم لکيو آهي، اوهان انهيءَ تي فتوىٰ ڏيو مخدوم ضياء الدين انهيءَ ماڻهوءَ کي گهرايو ۽ ان تحرير تي تصديق ڪيائين. ان کان پوءِ جيڪڏهن ڪوبہ ماڻهو ان وٽ ڪنهن مسئلي جي لاءِ ايندو هو تہ ان کي مخدوم محمد هاشم عليہ الرحمة وٽ موڪليندو هو ۽ چوندو هو تہ حضور ﷺ جن فتوىٰ ان جي هٿ ۾ ڏني آهي.

3_ حرمين شريفين جي سفر دوران مخدوم صاحب جڏهن مديني منوره ۾ رسول الله صلى الله عليہ وسلم جي روضي مبارڪ تي حاضري ڏني ۽ سلام پڙهيو تہ روضي مبارڪ مان حضور صلى الله عليہ وسلم جن جي طرفان ڪيس سلام جو جواب مليو ۽ ائين ڪيڪاريو ويو تہ "يلي آئين محمد هاشم ٺٽي وارا." ڇو تہ محمد هاشم نالي سان ٻيا ماڻهو بہ رسول الله صلى الله عليہ وسلم جي حرم ۾ حاضر ۽ موجود هئا. [18]

**سوال:** ڇا ائين جواب ملڻ ممڪن آهي؟

**جواب:** بالڪل ممڪن بلڪ واقع ۽ ثابت آهي. حضرت شاهہ ولي الله

---

[18] ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ص: 28

محدث دهلوي عليہ الرحمہ جو ڪتاب فيوض الحرمين پڙهو تہ اهڙيون عجيب ڪيفيتون معلوم ٿينديون جو انڪار جي جاءِ نہ رهندي.

**وفات ۽ مدفن:** حضرت مخدوم محمد هاشم عليہ الرحمة سڄي عمر دين جي خدمت ڪندي گذاري. جڏهن سندس عمر ستر (70) سالن جي قريب ٿي تہ کين 16 تاريخ ربيع الاول سن 1174ھ ۾ سخت بخار ٿيو ۽ ان سان گڏ کين پيچش جو عارضو بہ رهيو. تانجو رجب شريف جي ڇهين تاريخ خميس جي ڏينهن سن 1174ھ 6 فيبروري 1761ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪري دارالبقاء ڏانهن روانا ٿيا.

**مخدوم صاحب جي ڪرامت:** سندن خاص ڪرامت هيءَ آهي تہ جنهن حويليءَ ۾ پاڻ بيمار ٿيا ۽ اتيئي وصال ڪيائون ۽ کين غسل بہ اتيئي ڏنو ويو هو. ان جاءِ تان پنج ڇهہ مهينا خوشبوءِ ايندي رهندي هئي.[19]

**اولاد:** حضرت مخدوم صاحب عليہ الرحمة کي بہ پٽ هئا. هڪ مخدوم عبدالرحمان جنهن والد جي وفات کان پوءِ جهونا ڳڙهہ ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ اتيئي تقريباً 1181 ھ ۾ وفات ڪيائين.

ٻيو مخدوم عبداللطيف عليه الرحمة هن پلاري والد صاحب جي ڪم کي سنڀاليو ۽ سندس وفات بہ ٺٽي شهر ۾ ٿي. پاڻ پنهنجي والد بزرگوار جي پيرانديءَ کان مڪليءَ ۾ دفن ٿيل آهن. مخدوم عبداللطيف کي هڪ پٽ هو ان جو نالو مخدوم محمد ابراهيم هو. جنهن جي ولادت سندس ڏاڏي محمد هاشم عليہ الرحمة جي حياتيءَ ۾ سن 1162ھ ۾ ٿي هئي. هيءَ پلارو ٻانهو

---

[19] ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ص: 56

ڪشف ۽ ڪرامت جو صاحب هو. ٻہ لک ماڻهو سندس مريد هئا. طريقت ۾ خواجہ صفي الله ڪابل واري بزرگ جو مريد هو. حضرت خواجہ صاحب ڪيس خلافت بہ عطا ڪئي هئي. هن جي وفات مڏئي بندر ۾ ڪڇ جي پاسي سن 1225هہ ۾ ٿي. هن جو هڪ پٽ هو جنهن جو نالو عبداللطيف هو. اهو عبداللطيف ثاني سڏيو ويندو هو. هن پنهنجي والد کان تعليم ورتي ۽ طريقت ۾ خواجہ صفي الله جي بيعت ڪئي هيائين. پنهنجي والد کان خلافت حاصل ڪئي هيائين. سندس وفات جي تاريخ معلوم نہ ٿي سگهي آهي. مخدوم عبداللطيف ثانيءَ کي ٻہ پٽ هئا. هڪ جو نالو عبدالغفور ٻئي جو نالو عبدالله هو. عبدالله جو تخلص "اميد" هو. اهي ٻئي ٻہ سنڌ ۽ جيد عالم هئا. انهن کان پوءِ مخدوم محمد هاشم عليہ الرحمة جي اولاد مان ڪير ڪو معلوم نہ آهي.

## حضرت مخدوم صاحب عليہ الرحمة جي تصنيف:

حضرت مخدوم محمد هاشم عليہ الرحمة جي ذات پڙهائڻ سان گڏ تصنيف بہ تمام گهڻي ڪئي آهي. سندس لکيل ڪتاب ڪيترا آهن. انهن ۾ اختلاف آهي. سنڌ جي مشهور اسڪالر ۽ اديب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب هڪ سؤ پنجن ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي. مولانا ابراهيم خليل مقالات الشعراءِ جي تڪملہ ۾ هڪ سؤ چوڏهن ڪتاب لکيا آهن.

حضرت مولانا مخدوم امير احمد صاحب رحمة الله عليہ مخدوم محمد هاشم عليہ الرحمة جي تصنيف جي تعداد جي باري ۾ لکيو آهي تہ سندس لکيل ڪتاب ٽن سون کان بہ وڌيڪ آهن. غلام رسول مهر، تاريخ ڪلهوڙا ۾ "مخدوم صاحب جي ڪتابن جو تعداد

ساڍا ٽي سؤ لکيو آهي. جيڪو بہ انگ مجيو وڃي ٿورو نہ آهي. الله تعاليٰ هن سنڌ جي سونهاري سرزمين کي اهڙن بزرگن جي صدقي نوازيو آهي. رب پاڪ هميشہ هميشہ سنڌ جي هن سرسبز علائقي کي هر مصيبت کان محفوظ رکي. آمين يا رب العالمين".

دعائن جو طالب

**الفقير محمد ادريس الداهري**

عفي عنه

ᠮᠣᠩᠭᠣᠯ ᠰᠠᠨᠠᠭ᠎ᠠ ᠪᠣᠳᠣᠯ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

سڀ ساراهه ثابت آهي الله جي لاءِ ۽ آسمان ۽ زمين ۾ شڪرانو ۽ ثنا به خاص الله عزوجل جي لاءِ آهي جو سارو جهان ان جي قدرت جو ذرو آهي. حمد ۽ تعريف خاص رب العالمين جي لائق آهي، جو هر شيءِ تي قادر هجڻ اُن جو شان آهي ۽ هڪ پاسي کان ٻئي پاسي تائين ظاهر ۽ لڪل، ان جي جمال واري جهان کي روشن ڪندڙ سج جي جهلڪ آهي ۽ هستيءَ ۽ موجودات هيٺاهينءَ ۽ مٿاهينءَ جي سيني ذرن جي زبان ان جي جلال جو ذڪر ڪندڙ آهي.

خداوند زمين و آسمانہا
بود روزی رسان جملہ جہانہا

زمين ۽ آسمانن جو مالڪ سيني ساهه وارين شين کي روزي پهچائيندڙ آهي.

خلائق را بود از لطف او کام
همه عالم ازو دارد سرانجام

ساري مخلوق کي ان جي مهربانيءَ سان مراد حاصل ٿيندي آهي، سڄو جهان ان کان ئي ڪاميابي حاصل ڪندڙ آهي.

ساري مخلوق شريف آهي يا ڪميڻي، سڀ ان جا فرمانبردار آهن ۽ الله تعالىٰ غني، ساراهيل ۽ هر شيءِ تي حاضر آهي ۽ الله پاڪ خالق، پيدا ڪندڙ صورت بخشيندڙ قوت ۽ بخشش ڪرڻ جو مالڪ آهي ۽ ان جي ذات جون صفتون بي نهايت آهن.

جو جيڪڏهن درياءَ ۽ ڪکرن جو سمورو پاڻي مس بنائجي ۽ ننڍا ۽ وڏا وڻ قلم ڪجن ۽ مڙئي مٽيءَ مان پيدا ڪيل انسان ۽ ملائڪ لکندڙ هجن ۽ ازل کان ابد تائين ويهي لکن، تہ بہ ان جي بي انتها درياءَ مان هڪ ڦڙو بہ لکيل نہ ٿئي ۽ ان جي صفتن مان هڪ ذرو بہ ڳڻيل نہ ٿئي. "ع" چہ گويم سخن برزبان آفرين." يعني مان زبان پيدا ڪندڙ (مالڪ) جي ڪهڙي تعريف ڪيان. ان آسمانن ۽ زمين جي پيدا ڪندڙ جي ثناءَ کان پوءِ ڪائنات جي سردار، موجودات جي خالص، پسنديده ڪيل هدايت جي نور، اونداهيءَ کي چمڪائيندڙ چنڊ، روشنيءَ جي سج، وڏي پرهيزگار، وڏيڪ صفائيءَ واري، الله تعاليٰ جي چونڊيل، حضرت محمد مصطفيٰ عليہ وعليٰ آلہ واصحابہ وازواجہ و ذرياته و اهل بيته واحبابہ افضل الصلوات واڪمل التحيات، تي درود آهي.

## (اشعار)

محمّد گوهر درج رسالت
محمّد اختر برج جلالت

(حضرت) محمد صلى الله عليہ وسلم رسالت جي درج (بند ٿيل دبي) جو گوهر آهي. حضرت محمد صلى الله عليہ وسلم جلال جي برج جو ستارو آهي.

محمّد سرور و سالاردين است
محمّد رحمته للعالمين است

(حضرت) محمد صلى الله عليہ وسلم دين جو سردار ۽ سالار آهي (حضرت) محمد صلى الله عليہ وسلم جهانن جي لاءِ رحمت آهي.

محمدؐ پیشوائی دوجہان است
محمدؐ رہنمائی انس وجان است

(حضرت) محمد ﷺ ٻنهي جهانن جو اڳواڻ ۽ انسانن ۽ جنن جو رهنما آهي.

محمدؐ صدر دیوان قیامت
محمدؐ دُرّ دریائی کرامت

(حضرت) محمد صلی الله عليہ وسلم قيامت جي دفتر جو صدر ۽ ڪرامت جي درياءَ جو موتي آهي.

دلیل شرع برجان طریقت
امین دین سُلطان حقیقت

شريعت جو دليل، طريقت جو برهان، دين جو امين، حقيقت جو سلطان آهي.

خدایش برخلائق برگزیده
ہمہ عالم زبہرش آفریده

الله تعالىٰ ان کي مخلوقات ۾ چونڊيو آهي ۽ سڄو جهان ان لاءِ پيدا ڪيو اٿس.

رسول حضرت رب جلیل است
بُخلق وخلقت ازنسل خلیل است

الله جليل جو رسول آهي. اخلاق ۽ پيدا ٿيڻ ۾ (حضرت ابراهيم) خليل (عليہ الصلواة والسلام) جي نسل مان آهي.

بقوم مرسلاں سالار سرور
شفیع روز محشر نزد داور

مرسلن (عليهم الصلواة والسلام) جي جماعت جو سالار ۽ سردار آهي. قيامت جي ڏينهن الله وٽ شفاعت ڪندڙ آهي.

خداوندش که باشد خاص و عامش
نهاده احمد مختار نامش

عام ۽ خاص (خلق) ۾ جيڪي به آهي الله تعالىٰ (صرف) ان جو نالو احمد مختار رکيو آهي.

بجان ودل مطيع چار يارم
بوصف وثام شان هريک شمارم

دل ۽ ساه سان چئن يارن جي تابعداري ڪندڙ آهيان. هر هڪ کي نالي ۽ وصف سان بيان ٿو ڪيان.

اميرالمومنين ابوبکر صديق
که علم دين و دانش کرد تحقيق

مومنن جو امير (حضرت) ابوبڪر صديق (رضي الله عنه) جو دين جي علم ۽ ڄاڻ جي تحقيق ڪيائين.

عمر آن بادشاو عدل و انصاف
که از عدلش غبار ظلم شد صاف

(حضرت) عمر (رضي الله عنه) عدل ۽ انصاف وارو بادشاهه جو ان جي عدل سان ظلم جو غبار صاف ٿيو.

بود عثمان حياؤ حلم را کان
نهاده حق حياورشان عثمان

(حضرت) عثمان (رضي الله عنه) حياءَ ۽ بردباريءَ جي کاڻ هو الله تعالىٰ حياءَ (حضرت) عثمان (رضي الله عنه) جي شان ۾ رکيو آهي.

شہ مرداں کہ تیغ ذوالفقارش
علی المرتضیٰ دلدل سوارش

مردن جو بادشاهه جنهن جي تلوار ذوالفقار هئي، (حضرت) علي مرتضيٰ (رضي الله عنه) آهي جيڪو دلدل تي سوار هوندو هو.
صلی الله تعالیٰ علیٰ خیر خلقه سید نامحمد و آله واصحابه اجمعین.

## امابعد

الله جي ٻانهن ۾ گهٽ ضعيف، الله جي رحمة ۾ اميد رکندڙ جنهن جا صالح عمل ٿورا ۽ گناهه گهڻا آهن، جيڪو سڀني جوان کان گهٽ آهي يعني محمد هاشم ٺٽوي (عليه الرحمة) چوي ٿو ته مان جڏهن حج شريف کان موٽي آيس ته سنڌ جي گهٽتائيءَ ۽ توهين جي موضوع تي هڪڙو ڪتاب لکيل ڏٺم جڏهن مطالعو ڪيم ته هڪ افغانيءَ جو لکيل هو. ان لکندڙ جو نالو عبدالرؤف خان هو جنهن سنڌ جي توهين ۽ مذمت ڪئي ۽ بنا فائدي جي مغز هڻيو ۽ اجايو وقت وڃايو هو. مون جڏهن پڙهي ڏٺو ته حيران ٿيس، حيرت ۾ رهندڙ دل ۾ خيال ڪيم ته جيڪڏهن ماٺ ڪري رهندس (۽ ان جو جواب نه ڏيندس) ته سنڌ جي گهٽتائي ثابت ٿيندي ۽ جڏهن ثابت ٿي ته مان به ان ۾ داخل آهيان. جنهن سنڌ جي برائي بيان ڪئي. تنهن ڄڻ ته منهنجي برائي ۽ توهين ڪئي. هيءَ مون ان جو جواب لکيو آهي. جيڪو هر داناءَ جي دل کي پسند ايندو ۽ بزرگن جي نظر ۾ مقبول ٿيندو. (هاڻي حضرت مخدوم صاحب عليه الرحمه ان افغانيءَ سان مخاطب ٿي لکيو آهي) اي افغاني، ٻار،

بيوقوف. اڃا ڇا ڇيو اٿئي ۽ پنهنجو وقت سڄو گلا ڪرڻ ۾ وڃايو اٿئي. هينئر جواب ٻڌ. تون پڻ عقل ۽ فصاحت جي ميدان ۾ علم جي گوءِ ظاهر ڪر ۽ دانائيءَ جي ميدان ۾ علم، عقل ۽ سمجهه جو تنبو ظاهر ڪري هڻ ۽ هن مسڪين سان جهيڙو نہ پر (علمي) مقابلو ڪر تہ تنهنجي علم جي چاڻ ۽ عقل جي خبر پوي ۽ هيءَ کهڙو ڪتاب ٺاهيو اٿئي؟ بنا فائدي جي عمر وڃائي اٿئي (هاڻي) هر هڪ اعتراض جو جواب ٻڌ.

**اعتراض1**

سوال: ڪيو اٿئي تہ سنڌ ۾ عقل نہ آهي مڙئي بيوقوف آهن.

**جواب1**

هيءَ خالص خطا آهي سنڌ ۾ عقل، سمجهه، سياڻپ، تمام گهڻي آهي، پر دشمن کي ڪجهہ نظر نہ ٿو اچي. ڀلا جيڪڏهن فرضي طور چئون تہ سنڌ ۾ عقل نہ آهي تہ اعتراض ڪنهن تي ٿو ڪرين جنهن پاڪ ذات سنڌ کي پيدا ڪيو آهي سنڌ جي ملڪ کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟ الله تعالیٰ پيدا ڪيو آهي. جيڪڏهن (تنهنجي چوڻ مطابق) هن ملڪ ۾ عقل گهٽ رکيو آهي تہ بہ الله تعالیٰ رکيو آهي ۽ مخلوق مان عيب ڪيڻ خاص الله مان عيب ڪيڻ (جي برابر) آهي، ڇو تہ جيڪي ڪري ٿو اهو ٿو ڪري (جيئن هن آيت سڳوريءَ ۾ آيل آهي)

"قُلِ اللّٰهُمَّ مَالِكَ الْمُلْكِ تُؤْتِي الْمُلْكَ مَنْ تَشَاءُ وَتَنْزِعُ الْمُلْكَ مِمَّنْ تَشَاءُ وَتُعِزُّ مَنْ تَشَاءُ وَتُذِلُّ مَنْ تَشَاءُ بِيَدِكَ الْخَيْرُ إِنَّكَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ"

فرمايو (اي حبيب ﷺ) تہ اي الله! اي ملڪ جا مالڪ! جنهن کي گهرين تنهن کي بادشاهي ڏين ۽ جنهن کان گهرين تنهن کان بادشاهي کسين ۽ جنهن کي گهرين عزت ڏين ۽ جنهن کي گهرين ذليل ڪرين. تنهنجي (قدرتي) هٿ ۾ ڀلائي آهي بيشڪ تون سڀ شئي تي قادر آهين. (1)

گلا ڪرڻ داناء جي لائق نہ آهي. گلا عظيم گناهہ ۽ وڏي غلطي آهي. شايد ڀلارن جو قول تنهنجي دل تان وسريل آهي جو فرمايو اٿن. (ڪنهن جي) برائي (بيان) نہ ڪر جو تون پاڻ برائيءَ ۾ پوندين ۽ (ٻئي لاءِ) ڪڏ نہ ڪڻ جو پاڻ ان ۾ ڪرندين ۽ گلا ڪرڻ وڏي اونهي ڪڏ آهي، جو گلا ڪندڙ پنهنجي لاءِ کٽي ٿو.

مطالع الانوار ۾ امير خسري آندو آهي تہ هڪ شخص بدشڪل ۽ خراب منهن وارو هو. (ٻئي) ڪنهن شخص ان ڏانهن ناپسنديءَ جي نظر سان نهاريو ۽ ان کي بڇڙي صورت وارو سڏيو. تہ ان شخص ڪيس جواب ڏنو تہ "مون پنهنجي صورت پاڻ پنهنجي هٿ سان تہ نہ ٺاهي آهي (جو مون کي خراب شڪل وارو ٿو سڏين) جيڪڏهن تون ٺاهي ٿو سگهين تہ منهنجي صورت کي سهڻو ڪري ٺاهہ اُهو (عيب ڪيندڙ) شخص (اهو جواب ٻڌي) ڏاڍو شرمسار ٿيو.

رشيدالمجالس ۾ آندو اٿس تہ گلا ڪندڙن تي بهشت حرام آهي، هڪ ڪتاب ۾ مون ڏٺو آهي تہ ،هڪ شخص جي شڪل بڇڙي هئي. ڪو ماڻهو ان کي ڏسي کليو تہ ان شخص ڪيس چيو! "مون تي ٿو کلين يا منهنجي پيدا ڪندڙ تي؟" اهو (کلندڙ شخص) ڏاڍو شرمسار ٿيو.

**جواب: 2**

هن ملڪ ۾ الله تعالىٰ کان ڊڄندڙ ۽ نماز ۽ روزي جا صاحب گهڻا آهن (اهي ئي عقلمند آهن) ۽ جيڪو عقلمند ۽ داناءُ (سڏائيندڙ ته آهي پر الله تعالىٰ کان نه ٿو ڊڄي ۽ ان جو فرمان پورو نه ٿو ڪري ته ان کي داناءُ چئي نه سگهبو حضرت رسول الله صلى الله عليه وسلم فرمايو آهي! اَهلُ الْجَنَّةِ بُلْهُ (گهڻا) جنتي (دنيا جي لحاظ سان) ٿوري عقل وارا آهن ۽ اهي الله تعالىٰ جي فرمان کي پورو ڪرڻ ۾ داناءُ هوندا ۽ هي (سنڌي) ماڻهو جيڪڏهن (تنهنجي چوڻ مطابق) ڪٽي ٿوري عقل وارا آهن ته به نماز پڙهڻ ۽ روزي رکڻ ۾ داناء آهن ۽ جيڪي ماڻهو نماز نه ٿا پڙهن، اسان کي انهن جي عقل سان ڪهڙو ڪم ۽ انهن جي داناء هجڻ تي ڪهڙو اعتبار؟ ۽ هيءُ جو چيو اٿن ته اَلعَقلُ نِصفُ الكَرَامَةِ (عقل اڌ ڪرامت آهي) ان مان مراد ديني ڪمن ۾ عقل جو هجڻ آهي (صرف) دنياوي عقل نه آهي، چو ته جڏهن ڪو به ماڻهو عقل وارو هوندو ته الله تعالىٰ کان ڊڄندو ۽ آخرت جو ڊپ رکندو ۽ هن ملڪ (سنڌ) ۾ غريب ماڻهو ۽ الله تعالىٰ کان ڊڄندڙ گهڻا آهن ۽ دانائي حق جي وات ۾ هجي. نه اها جو رڳي دنيا ۾ ڪم اچي.

**اعتراض2**

سنڌ ۾ علم گهٽ آهي

**جواب**

اهو چوڻ به اجايو آهي، چو ته علم عمل ڪرڻ لاءِ گهرجي نه زياده ۽ عمل ڪرڻ لاءِ هتي علم گهڻو آهي. صرف هن شهر (ٺٽي) ۾ جتي اسين آهيون، علم جا به (وڏا) درسگاهہ آهن ۽ سنڌ ۾ ٻين جاين تي

۽ علم گھٽو آهي. علم اهو ڀلو جنهن تي عمل ڪجي عمل کان سواءِ علم پڙهڻ مٽيءَ جي برابر آهي. علم پڙهڻ مان هدايت حاصل ڪرڻ گهرجي نہ گمراهي. ڪيترن هندن، ڪافرن هندستان ۾ علم پڙهي تحصيل ڪئي آهي، پر انهن هدايت قبول نہ ڪئي تہ انهن جي علم ڪي علم ئي چوڻ نہ گهرجي. اُتي (هندستان ۾) عمل جي مقابلي ۾ علم گھٽو آهي. چوٽي آهي تہ بنا عمل جي عالم ڄڻ تہ بنا ماڪيءَ جي مک آهي ۽ هن ملڪ (سنڌ ۾) جيڪڏهن ڪو ماڻهو صرف قرآن ڪريم پڙهيل آهي تہ بہ نماز ۽ روزو ڪري ٿو ۽ بدعت (سيئہ) جي واٽ کان پري ٿو رهي ۽ حق جي واٽ تي هلي ٿو ۽ جيڪو پڙهي ۽ (حق) نٿو ڄاڻي، تہ ان ڪي عالم نٿو چئي سگھجي. هندستان ۾ علم معقول، منطق گھٽو تا پڙهن ۽ معقول گھٽي پڙهڻ جي ڪري گمراهيءَ جي واٽ تا وٺن ۽ گمراهہ ٿا ٿين. الحمد لله جو اهو علم سنڌ ۾ نہ آهي ۽ نہ ڪي ڄڳائي. علم اهو ڀلو جو محمدي شريعت تي مستقيم رکي، سڌي واٽ وٺائي ۽ اهو علم هن ملڪ (سنڌ) ۾ گھٽو آهي. هن (ٺٽي جي) شهر ۾ جتي اسين رهندڙ آهيون فيضي فاضل ۽ فضل مشهور شاعر آهن ۽ سيد رشيدالدين بہ آهي، جنهن عربيءَ ۽ فارسي ٻوليءَ ۾ لغت جو ڪتاب ٺاهيو آهي ۽ سعيدالدين حسينيءَ قرآن ڪريم جو تفسير لکي موتي پويا آهن. اهو تفسير پنجويهہ (25) جلد آهي (ان جو نالو مبارڪ) درالبحر آهي ۽ محمد معين قاضي القضاة (قاضين جي مٿان قاضي) درالمسئلة ۽ هدايت المومنين (ڪتابن جو) مصنف آهي، جن ۾ اڪثر مجتهدن جا قول ڪم ۾ آندا اٿس. اهو مشهور ۽ معروف

آهي. شيخ محمد صالح (پنهنجي) وقت جي عالمن مان هڪ وڏو عالم ۽ وعظ ڪندڙن جو رئيس آهي. ان هڪ ڪتاب تصنيف ڪيو آهي جيڪو نصيحت ۽ وعظ جي احوال ۾ گهڻو سهڻو ۽ دانشمندن جي نظر فيض اثر جو مقبول آهي ان جو نالو انوار الوعظ آهي ستيتاليهہ(47) جلد آهي ۽ ٻيا پلارا بہ مشهور آهن جيڪي هن شهر ۾ هئا ۽ هاڻي ساهہ الله تعالىٰ جي حوالي ڪيو اٿن (وفات ڪري ويا آهن) ۽ ڪيترا ڪتاب يادگار ڇڏي ويا آهن. انهن جي پوِيان يقين جي صاحبن ڪان فيض حاصل ڪندڙ هيءُ ٻانهو (حضرت مولانا مخدوم محمد هاشم صاحب عليہ الرحمة) حاضر آهي جيڪو ڏينهن ۽ رات الله تعالىٰ ڪان هدايت ٿو گهري نہ گمراهي

(شعر)

علم ہماں بہ کہ ہدایت کند
علم ہماں نہ کہ ضلالت کند

علم اهو ڀلو آهي جو هدايت ڪري، اهو علم نہ جو گمراهہ ڪري

"وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِينَ"

۽ الله احسان ڪندڙن ۽ پاڪائي ڪندڙن سان محبت ٿو ڪري [20] ۽ جيڪڏهن هيءَ آيت آڻيو.

"وَالَّذِينَ أُوتُوا الْعِلْمَ دَرَجَاتٍ"

يعني جن کي علم ڏنو ويو انهن جي درجن کي الله تعالىٰ بلند ٿو ڪري [21]. تہ ان جو صحيح مفهوم مون ڪان ٻڌو. الله تعالىٰ

---

[20] سورة آلعمران آيت 134 ۔ سورة بقره آيت 222

[21] سورة المجادلہ آيت 11

جي ان فرمان مان مراد آهي تہ جن کي هدايت جو علم ڏنو ائٿون.
انهن جا درجا بلند ڪيا ائٿون ۽ جيڪڏهن (مطلق) علم مراد وٺندؤ
تہ مون کان ان جي باري ۾ مثال ٻڌو. مثلاً جيڪڏهن ڪو ڪافر
صرف، نحو، منطق ۽ تفسير پڙهي تہ ان جا درجا بلند چئي نہ سگهبا
۽ اها آيت سڳوري ان جي شان ۾ نہ آهي، ڇو تہ ان جي جاءِ جهنم
آهي. شيطان کي بہ علم گهڻو هو ۽ ٻين کان علم ۾ اڳرائي ڪري
ويو هو بلڪ ملائڪن کي بہ علم تي پڙهاياائين ۽ انهن جو استاد هو.
پر جڏهن هدايت جي واٽ کان ٿڙي، بي فرماني ڪيائين تہ ان تي
لعنت جو طوق اچي ويو. گهڻيون دانهون ڪيائين پر ڪوبہ فائدو نہ
ٿيو. جهڙيءَ طرح شيطان جو حال برو آهي ۽ علم ان کي ڪوبہ فائدو
نہ ڏنو ان جي عبادت، علم سڀ اجايو ويو (اهڙيءَ طرح بي عمل عالم
جو علم بہ بيڪار آهي) اي الله! اسان کي سڌي واٽ ڏيکار. اي
جهانن جا رب هيءَ دعا قبول ڪر.

**اعتراض** 3:

سنڌ ۾ دنيا ناهي، مڙئي محتاج آهن.

**جواب**:

هيءَ بہ تنهنجي بيوقوفي آهي، ڇو تہ دنيا جو گهڻو هجڻ برو آهي.
چڱو نہ آهي ۽ قناعت سيني شين کان ڀلي آهي، ان حرص ڪرڻ.
ڪائڻ ۽ پائڻ جي لاءِ دولت هن ملڪ (سنڌ) ۾ گهڻي آهي ۽ دنيا
ڪائڻ، پائڻ ۽ الله تعالىٰ جي نالي تي ڏيڻ لاءِ آهي، رکڻ لاءِ ناهي ۽ اها

دنيا ڪمائڻ لاءِ ٻئي ولايت ۾ نہ ٿا وڃن[23] ۽ افغان هتي (سنڌ ۾) گهڻو پريشان، دربدر، مٽي ۾ مٽي پيل، ڦرندا ۽ مزدوري ڪندا وتندا آهن ۽ ٻين ملڪن جا ماڻهو بہ سنڌ ۾ گهڻا آهن، دنيا گهڻي هجڻ چڱي بہ نہ آهي، ڇو تہ جيڪڏهن گهڻي ٿئي ٿي تہ برائي بہ گهڻي شروع ٿيندي آهي ۽ الله تعاليٰ کان منهن موڙڻ جو سبب بنجندي آهي، جيئن شيراز جي مٺي گفتار واريءَ بلبل[24] فرمايو آهي.

اگر دنيا نہ باشد درد مندم
وگر باشد، بمهرش پائبندم

جيڪڏهن دنيا نہ هوندي آهي تہ درد وارو هوندو آهيان ۽ جيڪڏهن آهي تہ ان جي محبت ۾ قيد هوندو آهيان.

بلائى زين جهاں آشوب ترنيست
کہ رنج خاطر است ارهست ورنيست

هن جهان ۾ هن کان وڌيڪ پريشان ڪندڙ ڪابہ مصيبت نہ آهي ڇو تہ دل جو ڏک آهي جيڪڏهن آهي ۽ جيڪڏهن نہ آهي ۽ ٻئي شاعر (هن طرح)

---

[23] مولانا شاهہ احمد نوراني عليه الرحمة سابق صدر جمعية علماء پاڪستان بہ اها ڳالهہ مون سان ڪئي هئي تہ سعدي ماڻهو حرمين شريفين (سعودي عرب) کان سواءِ ٻئي ڪنهن ملڪ ۾ تمام ٿورا ٿا رهن.

[24] هن صوفي ۽ سالڪ بزرگ جو نالو بهاءُ الدين اصفهاني آهي. هي اصل ۾ اصفهان جا هئا اتان ٻڪن جي حڪومت ۾ اصفهان کان نڪري شيراز ۾ پهتا. حافظ صاحب جي والده گاذرون جي هئي. حافظ صاحب جي ولادت 726هہ ۾ ۽ وفات 791 هہ ۾ ٿي هئي سندس عمر 25 سال هئي.

پاڻ پنهنجي پائرن ۾ ننڍو هو. محنت ڪري قرآن ڪريم ياد ڪري فارسي ۽ عربي علم ۾ عبور حاصل ڪيائين. ويهن سالن جي عمر ۾ شعر گوئيءَ ۾ بہ ڪمال حاصل ڪيائين. سندس شعرن جو مجموعو "ديوان حافظ" جي نالي سان مشهور ۽ معروف آهي.

(مقدمه ديوان حافظ مترجم)

فرمايو آهي.

دولت دنيا که دونان را بدان فخر و فر است،

اولش و آخرش.... حاصل درد سر است.

دنيا جي دولت جنهن تي ڪميڻن کي فخر ۽ رعب آهي شروعات کان وٺي آخر تائين دنيا جو حصول مٿي جو سُور آهي. ٻئي شاعر هن طرح فرمايو آهي.

حال دنيا سر بسر پرسيدم ازفرزانه،

گفت يا خاک است يابااداست يا افسانه،

دنيا جو حال هڪ داناءَ کان پڇيم ته فرمايائين، يا مٽي آهي يا واءُ آهي يا افسانو آهي.

حضرت علي رضي الله عنه فرمايو آهي:

رَضِيْنَا قِسْمَةَ الْجَبَّارِ فِيْنَا

لَنَا عِلْمٌ وَلِلْجُهَّالِ مَالٌ

جيڪا تقسيم الله تعاليٰ اسان جي حق ۾ ڪئي آهي اسين ان تي راضي آهيون، جو اسان جي لاءِ علم آهي ۽ جاهلن جي لاءِ مال آهي.

فَاِنَّ الْمَالَ يَفْنٰى عَنْ قَرِيْبٍ

وَ اِنَّ الْعِلْمَ لَيْسَ لَهٗ زَوَالٌ

بيشڪ مال جلد فنا تي ويندو ۽ علم لاءِ فنائيت نه آهي.

حضرت سيدالمرسلين، خاتم النبيين، محبوب رب العالمين صلى الله عليه وسلم فرمايو آهي.

مَنْ اَرَادَ الدُّنيا فَلَه الدُّنيا وَمَن اَرَادَ العُقبىٰ فَلَه العُقبىٰ وَمَن اَرادَ المَولَىٰ فله اُلمولىٰ

جنهن دنيا جو ارادو ڪيو ان لاءِ دنيا آهي ۽ جنهن آخرت جو ارادو ڪيو ان لاءِ آخرت آهي ۽ جنهن الله جو ارادو ڪيو ان لاءِ الله آهي.

دنيا جو طالب عورت، آخرت جو طالب ڪدڙو ۽ الله تعالىٰ جو طالب مرد آهي ۽ حديث ۾ آيو آهي تہ دنيا ڍوند آهي ۽ ان جي طلب ڪندڙ ڪتا آهن. ڪنهن شاعر بہ هن روايت جي معنىٰ هن طرح بيان ڪئي آهي.

*کہ دنیا است مردار طالب سگ است*

دنيا ڍوند آهي ان جي طلب ڪندڙ ڪتو آهي، مسڪيني ڀلي آهي (ان ۾ جيتوڻيڪ سوال ڪرڻو تو پوي پر) اهو سوال ڪرڻ ضرورت جي وقت حلال آهي حرام نہ آهي ۽ حلال شيءِ ۾ عيب نہ آهي.

سوال ڪرڻ جي باري ۾ شيخ سعدي عليہ الرحمة هن طرح فرمايو آهي ۽ حقيقت جا موتي پويا آهن.

*چو رخت از مملکت بربستہ خواہی*

*گدائی بہتراست ازبادشاہی*

يعني جڏهن بادشاهيءَ تان بہ سامان ٻڌي هلندين (مرندين) تہ بادشاهيءَ ڪرڻ کان گدائي ڀلي آهي ۽ ٻيءَ جاءِ تي هن طرح فرمايو اٿس.

*گدا بادشاہست نامش گدا*

پينو بادشاه آهي ان جو نالو پينو آهي. الله تعالىٰ قرآن ڪريم ۾ سيني کي فقير ڪري سڏيو آهي.

**وَاللّٰهُ الْغَنِيُّ وَاَنْتُمُ الْفُقَرَآءُ**

رضي الله عنه آهي ۽ اوهان محتاج آهيو (25) ۽ جيڪڏهن سوال ڪرڻ
برو هجي ها تہ حضرت (حبيب ڪريم صلى الله عليہ وسلم)
ڪان ڪو بہ سوال نہ ڪري ها ۽ حضور صلى الله عليہ وسلم
(ضرورت ۾ بہ) سوال ڪرڻ جي مذمت بيان ڪن ها پر الله
تعاليٰ (محبوب ڪريم صلي الله عليہ وسلم ڪي سائلن جي
باري ۾ هن طرح ارشاد فرمايو آهي.

"وَأَمَّا السَّائِلَ فَلَا تَنْهَرْ" (26)

(۽ پرسائل ڪي نہ جهڙڪ)

مولانا مولوي مثنوي (27)

ان جو بيان هن طرح آندو آهي.

روئی خوباں زآئینہ زیبا شود
روئی احسان از گدا پیدا شود

حسينن جو منهن آئيني ڏسڻ سان سهڻو ٿيندو آهي (جو منهن ڏسي

---

(25) سوره محمد آيت 38 (26) سوره والضحيٰ

(27) علامہ جلال الدين رومي عليہ الرحمتہ هي مشهور بزرگ ٿي گذريو آهي. سندس نالو محمد، لقب جلال الدين آهي. سندس والد صاحب جو نالو شيخ بهاءالدين الولد محمد بن حسين بن احمد البلخي هو جيڪو شيخ نجم الدين ڪبريا جو خاص مريد هو. علامہ روميءَ جي ولادت 6 ربيع الاول جمعہ جي ڏينهن سن 602 هـ مطابق 1207 عيسوي ۾ ٿي هئي پاڻ حضرت شمس الدين تبريزي عليہ الرحمتہ ڪان فيض ورتائون سندس مثنوي مشهور ۽ مقبول ڪتاب آهي سندس وفات جي تاريخ ۾ اختلاف آهي بعضي تاريخدانن 666هـ مطابق 1267. عيسوي لکي آهي تہ بعضي تاريخدانن 672 هـ مطابق 1273 عيسوي لکي آهي والله اعلم: (ازمقدمہ مثنوي فارسي)

ناھہ ۾ سينگار ڪندا آھن) احسان جو منهن وري سوال ڪرڻ واري جي صدقي سھڻو ٿيندو آھي (جيڪڏھن سوال ڪندڙ نہ اچي تہ سخاوت جو اظھار ڪيئن ٿئي)

بہر اين فرمود حق در وَالضُّحیٰ
اي محمدؐ بانگ کم زن بر گدا

ان جي ڪري الله تعاليٰ (سورة) "وَالضُّحیٰ" ۾ فرمايو آھي تہ اي (حضرت) محمد صلی اللہ عليہ وسلم سوال ڪندڙ تي آواز ڏاڍيان نہ ھڻ. يعني ان کي ڇڙٻ نہ ڏي.

چوں گدا آئينہء جود است ہاں
دم بود بر روئی آئينہ زياں

جڏھن سوال ڪندڙ سخاوت ڪندڙ جي سخاوت جو آئينو آھي تہ آئيني جي منھن تي اف ھڻڻ نقصان آھي. دنيا ايتري قدر ھجي جو قوت ۾ گذران ٿئي ۾ ايتري قدر (سنڌ) ۾ دنيا گھڻي آھي. ماٺھو جوئر جي ماني ۾ مڇي کائي سٺو گذر ٿا ڪن. ڪنھن جي محتاجي نہ اٿن ۾ جيڪي ھي چوندا آھن تہ مڇيءَ جي کائڻ سان عقل گھٽجي ٿو اھو بہ ڪوڙ آھي. ڇو تہ جيتري مڇي بنگال (بنگلہ ديش) ۾ ٿا کائن، ڪٿي بہ ڪونہ ٿا کائن ۾ انھن کي ايترو عقل آھي جو (ھرو ڀرو) جتي ڪٿي نہ ھوندو ۾ اھي قناعت ڪن ٿا. (جيئن شعر ۾ آھي)

قناعت تو انگر کند مرد را
خبردہ حريص جہاں گرد را

(دنيا جي محبت ۾) جھان گھمندڙ کي ٻڌاءِ تہ مڙس کي قناعت

شاھوڪار ڪندي آھي.
۽ اھي صبر ٿا ڪن (جيئن الله تعاليٰ فرمايو آھي)

و"اللهُ يُحِبُّ الصَّابِرِينَ"

۽ الله تعاليٰ صبر ڪندڙن سان محبت ٿو رکي [27] ۽ اھي ڪوشش ڪري ڪمائن ٿا ۽ گھڻا نوڪري ٿا ڪن صبر ٿا ڪن ۽ جيڪي الله تعاليٰ انھن کي ڏئي ٿو انھيءَ تي راضي آھن. ڇاڻ تہ جيڪڏھن دنيا جو (گھڻو) ھجڻ ڀلو ھجي ھا تہ اسان جي پيغمبر سڳوري عليه الصلواة والسلام کي جڏھن دنيا ڏني ٿي وئي تہ پاڻ قبول ڪن ھا. الله تعاليٰ جي پيارن تہ دنيا کي طلاق ڏئي ڇڏي آھي. حضرت (حبيب ڪريم ﷺ) جن مسڪينيءَ جي حق ۾ فرمايو آھي "اَلفَقرُ فَخرِي" مسڪيني منھنجو فخر آھي ھيءَ سخن (سوچيو تہ) حد ٿي نہ ٿو رکي. وڏيڪ مان ڇا چوان؟ الله توفيق ڏيندڙ مدد ڪندڙ آھي.

## اعتراض 4

سنڌ ۾ ولي گھٽ آھن

## جواب1

اھو چوڻ بہ بي عقلي آھي ڇو تہ (سنڌ ۾) خواجہ (الله تعاليٰ جو ولي) ملڪ جو شھباز اشھب جبروت جو واقف ملڪوت جو شھنشاھہ ناسوت ۽ لاھوت جو رھبر، شيخ، سيد، عثمان لعل شھباز قلندر رحمة الله عليہ ولين (مان ھتي) يگانو موتي ۽ زماني ۾ چوندڀ تيل مشھور ۽ معروف (بزرگ) آھي. ڪجھ ان جي ولايت جي باري ۾ بيان ٿو ڪيان. تانت توکي معلوم ٿئي. پھرين ڳالھہ تہ اھو قلندر

---

[27] سورة آل عمران آيت 146

آهي ٻيو تہ سيد آهي. ٽيون تہ بعضي (بزرگن) ان کي قطب سڏيو آهي. چوٿون تہ (حضرت) غوث بهاءُ الدين ملتاني (عليہ الرحمة) جو گهاٽو يار ۽ رفيق آهي ۽ غوث العالم (عليہ الرحمة) ولي هجڻ ۾ مشهور، معروف ۽ رب رؤف جو پيارو آهي. پنجون تہ عالم آهي جيئن سندس تصنيف ٿيل ڪتاب مشهور ۽ ظاهر آهن ۽ سيني ۾ وحدت الاهيءَ جا موتي پويل ۽ معنائن جا اسرار آهن. پاڻ ماٺ ۾ رهڻ جي باري ۾ هيءَ غزل چيو اٿن:

*گر خدا رادوست داری خاموشی باید گزید*

*باہزاراں سوزوزاری خاموشی باید گزید*

جيڪڏهن الله تعالىٰ سان دوستي ٿو رکين تہ ماٺ قبول ڪرڻ جڳائي، هزارين سوز ۽ زاريءَ سان بہ ماٺ قبول ڪرڻ جڳائي.

*چوں زباں بندی ولت خندہ بصد فرخندہ کے*

*ہمچو گلہائی بہاری خاموشی باید گزید*

جڏهن زبان بند رکندين تہ تنهنجي دل سؤ خوشين سان کلندي ۽ بهار جي گلن وانگر ٽڙندي ماٺ قبول ڪرڻ جڳائي.

*واردائم در حضوری دوست خودرا دم بدم*

*جملگی باحق سپاری خاموشی باید گزید*

پاڻ کي هميشہ ۽ هر وقت دوست جي حضور ۾ رک سيئي ڪم الله جي حوالي ڪري ماٺ قبول ڪرڻ جڳائي.

*خاموشی مس وجودت راکند زر بے خلاف*

*واز دوعالم سربر آری خاموشی باید گزید*

ماٺ ڪرڻ تنهنجي وجود جي ٽامي کي سونو بنائيندي ۽ ٻنهي

جھانن کان متو متي ڪندين. ماٺ قبول ڪرڻ جڳائي

در زمین دل ہمیں تخم محبت را بکار
زآب دیدہ کشتہ کاری خاموشی باید گزید

دل جي زمين ۾ محبت جو ٻج پوک اکين جي پاڻي سان پوکَ پوکِ ماٺ قبول ڪرڻ جڳائي

گفتگو باد خزاں است بہارِ قلب را
نیست دروی رُستگاری خاموشی باید گزید

(گھڻو ۽ غير ضروري) ڳالھائڻ دل جي بھار لاءِ خزان جو واءُ آھي ان ۾ ڇوٽڪارو نہ آھي ماٺ قبول ڪرڻ جڳائي.

دم بدم می باش باجان پاسبان باغ دل
یک زماں غفلت نیاری خاموشی باید گزید

ھر وقت دل جي باغ جي ساھہ سان نگھباني ڪندو رھ ھڪ گھڙي ۾ غفلت نہ ڪر. ماٺ قبول ڪرڻ جڳائي.

در طلب کاری وصلش بندۂ عثمان ہمی
می کند شب وروززاری خاموشی باید گزید

ان جي وصال جي طلب ۾ ٻانھو (حضرت سيد) "عثمان" (مروندي عليہ الرحمة) رات ڏينھن زاري ٿو ڪري ماٺ قبول ڪرڻ جڳائي. ٻ ھڪ شاعر جناب اعلىٰ (حضرت قلندر عليہ الرحمة) جي شان ۾ چيو آھي.

نہال حیدری و بلند پرواز
سخن سرور قلندر لعل شہباز

(حضرت علي) حيدر (رضي الله عنہ) جو اولاد ۽ مٿاھين پرواز وارو سخن جو سردار قلندر لعل شھباز آھي.

## جواب 2

روهڙي شريف ۾ سرور ڪائنات خلاصہ موجودات ﷺ جن جو وار مبارڪ آهي، جيڪو سيني ولين، قطبن ۽ غوثن کان وڏيڪ آهي. ان جي زيارت سان هر گنهگار جو ڇوٽڪارو آهي. حضرت قطب الاقطاب محبوب الوهاب ولي پلاري جناب قطب رباني حضرت سيد شاهہ شيخ عبدالقادر جيلاني قدس الله سره العزيز جي پڳ (مبارڪ) موجود آهي ۽ شاهہ معصوم جنهن جو (پنهنجي) وقت جي ولين ۾ آسمان سان مٿو ٽي لڳو ۽ وحدت الاهيءَ جي باغ جو گل آهي ۽ شاهہ خيرالدين بخاري (رحمت الله عليہ) جو وڏي طاقت وارو الله جو مقرب ۽ رب العالمين جي حضور جو پسند ڪيل آهي ۽ مولوي محمد اسماعيل عليہ رحمة الجليل طريقت جي جهان جو بهار ۽ حقيقت جي گلزار جو گل آهي. ايترا اولياءَ (جيترا سنڌ ۾ آهن) اوهان جي ملڪ ۾ نہ آهن بلڪ ملتان کان سواءِ ٻين علائقن ۾ بہ نہ آهن جو اتي (ملتان شريف ۾) هڪ لک پنجويهہ (125000) هزار ولي آهن ۽ اهو (ملتان شريف) بہ (هن وقت) سنڌ ۾ داخل آهي. ڇو تہ هي سڀ ملڪ دهليءَ جي بادشاهہ جي هٿ ۾ آهن ۽ پنجاب ۽ سنڌ سڀ هندستان سان متعلق آهن ۽ نواب جي بادشاهي بہ ملتان ۾ دارالامان ۽ سنڌ ۾ آهي ۽ سنڌ دهليءَ سان آهي ڇاڪاڻ تہ هڪ ولايت آهن ۽ اوهان جي ملڪ (افغانستان ۾) هڪ ملا بابا جي آهي جيڪو قنڌار کان ٻاهر آهي ۽ اهو بہ (اصل ۾) فرخ آباد هندستان جو رهاڪو آهي ۽ باقي خير ۽ عافيت، سنڌ ۾ ولي گهڻا آهن ۽ اهو عيب سنڌ سان نٿو لڳي ۽ جيڪي اسين چئون ٿا ان جو الله وڪيل

آهي ۽ اهو ئي سڌي واٽ ڏي رهنمائي ڪري ٿو. اي داناء! گلا سيني شين کان بري آهي. گلا ڪندڙ تي لعنت آهي. اول زبان گلا کان روڪ، ڪنهن بہ مسلمان جي گلا ڪرڻ پسند نہ ڪر. ماڻهن کي گلا خراب ڪندي آهي ۽ سينو ساڙي دل کي ڪباب ڪندي آهي. جيڪڏهن مڙس آهين تہ گلا ڪرڻ لائق نہ آهي گلا ڪرڻ مڙسي نہ آهي. پنهنجو ڪم ڪر ڪنهن جي گلا نہ ڪر. داناءَ جي اها ئي نصيحت ڪافي اٿئي ۽ بس. باقي رهيل اعتراضن جا جواب بہ ڏيون ٿا.

**اعتراض 5**

سنڌ ۾ رافضي ۽ شيعا گهڻا آهن.

**جواب 1**

اها ڳالهہ بہ گنجائش نٿي رکي ڇو تہ هر هڪ ملڪ ۾ گهڻائي نيڪ ۽ برا آهن. خالق مطلق سڄو جهان هڪ جهڙو نہ ڪيو آهي.

شعر

نہ ہرزن زن است و نہ ہر مرد مرد

خداپنج انگشت یکسان نکرد

نہ مڙئي عورتون (صحيح معنيٰ ۾) عورتون آهن نہ سيئي مڙس (حقيقت ۾) مڙس آهن. الله تعاليٰ پنج ئي آڱريون برابر نہ ڪيون آهن.

**جواب 2**

بيشڪ سنڌ ۾ رافضي آهن. پر تفضيلي آهن گارين ڏيڻ وارا نہ آهن. حضرت علي رضي الله عنہ سان محبت (جي دعويٰ ٿا) رکن ۽ (ان کي) ٻين کان پلو ٿا ڄاڻن ۽ سنين سان زيادتي نٿا ڪن. بلڪ سنين جي روبرو حضرت علي رضي الله عنہ جي (تفضيل جي

باري ۾) گفتگو نٿا ڪن ۽ اوهان جي ملڪ (افغانستان) جي پاسي ايران ۾ رافضي گارين ڏيڻ وارا آهن. افغان مغل ٻار آهن، جيڪي ٽن خليفن (حضرت ابو بڪر صديق، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان غني رضي الله عنهم) کي گاريون ٿا ڏين ۽ اتي سني سڏائڻ وارا به تفضيلي شيعا آهن ۽ انهيءَ پاسي سڀ رافضي آهن ۽ ڪاتب قرآن ڪريم جي لکڻ ۾ واڌارو ٿا ڪن ۽ به سورتون جيڪي نَيّرَيْنِ جي لقب سان مشهور ۽ نُورِينِ ڪان پوءِ آهن اهي ٻئي سورتون قُل اَعُوْذِ بِربِّ النَّاسِ ڪان پوءِ ٿا لکن ۽ قرآن ۾ داخل ٿا ڪن ۽ چون ٿا ته سنين اهي ٻئي سورتون قرآن (پاڪ) مان ڪڍي ڇڏيون آهن ۽ سنڌ ۾ ڪو رافضي آهي ته به اهڙو ڪم نه ڪندو. ها جيڪڏهن انهن جو لکيل (قرآن) هنن کي مليو هوندو ته اهو رکي ڇڏيو هونداءون ۽ اهو سنڌ جو عيب نه آهي ۽ الله تحقيق جو وڌيڪ علم رکندڙ آهي.

"إِنَّكَ لَا تَهْدِي مَنْ أَحْبَبْتَ وَلَكِنَّ اللَّهَ يَهْدِي مَنْ يَشَاءُ"

بيشڪ تون نٿو هدايت ڪرين جنهن سان محبت تو رکين پر الله هدايت تو ڪري جنهن کي گهري[28] هن آيت ۾ "لا" نهيءَ جي آهي تهدي فعل مخاطب آهي احببت فعل فاعل آهي هي سڀ حضرت رسول مقبول صلى الله عليہ وسلم سان خطاب آهي ۽ تورات ۾ به اهڙيءَ طرح لکيل آهي ۽ الله هر شيءِ تي قادر آهي

[28] سورة القصص آيت 56

رافضي، خارجي ۽ بنڪي تئي ملامت ڪيل ٿولا آهن ۽ ٽنهي جي جاءِ جهنم جي هيٺين طبقي ۾ آهي. يا الله! اسان کي چئني خليفن (رضي الله عنهم) جي محبت تي (هميشہ مضبوط ۽) سلامت رک. پروردگار (گاريون ڏيندڙ ۽ صحابن سان بغض رکندڙ) رافضي کي ڪافر سڏيو آهي. "لِيَغِيظَ بِهِمُ الْكُفَّارَ". تانت انهن سان ڪافرن کي ڪاوڙائي[29] (هڪ شاعر جو شعر آهي)

باد لعنت بر روافض تا ابد
زانکہ یک کاری درستی را نہ کرد

يعني رافضين تي هميشہ لعنت هجي ڇو تہ هڪ ڪم بہ سٺو نہ ڪيو اٿن.

فيضي صاحب جنهن جو اڳ ۾ ذڪر تي چڪو آهي مدار الافاضل ۾ لکيو آهي تہ لعنت بروافض و خوارج
يعني رافضين ۽ خارجين تي لعنت آهي.

## اعتراض 6

سنڌ ۾ مڙئي ماڻهو سادا ۽ بي عزت آهن.

## جواب 1

هيءَ بہ زبان درازي آهي ڇو تہ سنڌ جا ماڻهو نياز ۽ نوڙت ڪندڙ آهن. هٺ ڪندڙ نہ آهن ۽ اهڙا بہ نہ آهن جو زبان سان تڪبر نہ ڪن ۽ دل ۾ تڪبر رکن يا جيڪو نياز ۽ نوڙت ڪري اُن سان تڪبر ڪن.

---

29 سورة الفتح آيت 29

تواضع کند هر که هست آدمی
نہ زیبد ز مردم بجز مردمی

جيڪو انسان آهي اهو نوڙت ڪندو ڇو تہ انسان کي ماڻهپي وارن ڪمن کان سواءِ ڪجهہ بہ نٿو سونهي.

تواضع مدار ازخلائق دريغ
کہ گردن ازاں بر کشی همچو تيغ

ماڻهن کان نوڙت لڪل نہ رک. ڇو تہ ان جي ڪري تلوار وانگر ڪنڌ ڪڙو رکندين.

تواضع کند هوشمند گزيں
نہد شاخ پُر ميوه سر برزميں

داناءُ نوڙت قبول ڪندو (ڇو تہ) ڀريل ٽاري زمين تي مٿو رکندي آهي ۽ تڪبر جي خرابي بيان ڪندي مولانا سعدي عليہ الرحمة فرمايو آهي:

تکبر ز دانا بود ناپسند
غريب آيداين معنیٰ ازهوشمند

داناء کان تڪبر جو هجڻ پسند ڪيل نہ آهي داناءَ کان اهڙو ڪم ٿيڻ حيرت ۾ وجهندڙ آهي.

تکبر عزازيل را خوار کرد
بہ زندانِ لعنت گرفتار کرد

تڪبر شيطان کي خوار ڪيو لعنت جي قيد ۾ گرفتار ڪيو.

تکبر بود مايہء مدبری
تکبر بوداصل بد گوهری

تڪبر بد بختيءَ جي موڙي آهي. تڪبر بيڇڙي موتيءَ جو اصل آهي. ٻئي شاعر فرمايو آهي:

به تکبر مباش یک ساعت
واز تواضع برون مشو یکدم

هڪ گهڙي به تڪبر سان نہ هج ۽ نوڙت کان هڪ پساهہ بہ ٻاهر نہ ٿيءُ

از تکبر ذلیل گشت ابلیس
وَ ازَ تواضع عزیز شد آدم

تڪبر سان شيطان ذليل ٿيو ۽ نوڙت جي ڪري (حضرت) آدم (عليہ السلام) عزت وارو ٿيو. شيطان چيو هو تہ:

"أَنَا خَيْرٌ مِنْهُ خَلَقْتَنِي مِنْ نَارٍ وَخَلَقْتَهُ مِنْ طِينٍ"

مان ان کان ڀلو آهيان مون کي باهہ مان پيدا ڪيو اٿئي ۽ ان کي مٽيءَ مان[31]

"قَالَ أَأَسْجُدُ لِمَنْ خَلَقْتَ طِينًا"

چيائين تہ ڇا مان ان کي سجدو ڪيان، جنهن کي تو مٽيءَ مان پيدا ڪيو آهي؟[32] ۽ حضرت آدم عليہ السلام چاليهہ (40) سال رنو پوءِ ان جي دعا قبول ٿي ۽ نوڙت اختيار ڪيائين تہ الله تعاليٰ جو پيارو بڻيو مولانا جلال الدين رومي عليہ الرحمة بہ اهائي معنيٰ بيان ڪئي آهي.

نردبان آدمی ماوٴ منی است
عاقبت زیں نردبان افتادنی است

---

[31] سورة ص آيت 76
[32] سورة بني اسرائيل آيت 61

انسان جي ڏاڪڻ پاڻي ۽ مني آهي نيٺ انهيءَ ڏاڪڻ تان ڪرڻو آهي.

هر که بالا تر رود ابله تراست
استخوانش چوں بتر خواهد شکست

جيڪو گهڻو مٿي ويندو وڏو بيوقوف آهي انهيءَ جا هڏا ڀڄندا.

در بهاراں کی شود سرسبزسنگ
خاک شوتاگل بروید رنگ رنگ

بهار جي مند ۾ پٿر سر سبز ڪيئن ٿيندو؟ مٽي ٿي ته رنگارنگي گل چمن.

حضرت شيخ شمس تبريز[33] عليہ الرحمة فرمايو آهي، جيڪڏهن پنهنجي نفس فرعون کي ڪهندين ته زماني ۾ (حضرت) موسیٰ بن عمران (عليہ السلام) وانگر ٿيندين ڪيميائي[34] سعادت ۾ لکيل آهي ته حضرت حذيفہ رضي الله عنہ هڪ ڀيري نماز ۾ امامت ڪئي پوءِ فرمايائين ته امامت لاءِ ٻئي ڪنهن کي هٿ ڪيو ڇو ته منهنجي دل ۾ هيءَ خيال آيو ته مان اوهان کان ڀلو آهيان تڏهن مون کي امام بنايو اٿو جڏهن اهڙا ڀلارا بہ تڪبر جي خيال کان ڊڄندا هئا ته ٻيا ڪيئن ٿا بچي سگهن ۽ ٻيو فرمايو اٿن ته تڪبر شيطان جو ڪم آهي ۽ نوڙت انسان جو ڪم آهي. ها، تڪبر ڪندڙ سان تڪبر ڪرڻ ڀلو آهي جيئن حديث شريف ۾ آيو آهي ته:

---

[33] تبريز آذر بائيجان جي پاسي هڪ شهر آهي جنهن ۾ هڪ بزرگ شمس تبريزي رهندو هو. هيءُ بزرگ علامہ روميءَ جو مرشد هو.

[34] ڪيميائي سعادت حضرت امام غزالي عليہ الرحمة جو فارسيءَ ۾ لکيل ڪتاب آهي. تمام ڀلوءِ نصيحتن سان ڀرپور آهي.

اَلتَّڪَبُّرُ مَعَ المُتَڪَبِّرِ صَدَقَةٌ وَالتَّوَاضُعُ مَعَ المُتَوَاضِعِ صَدَقَةٌ
هٺيلي سان هٺ ڪرڻ صدقو آهي ۽ نوڙت ڪندڙ سان نوڙت ڪرڻ صدقو آهي. (جيئن حضرت ڀٽائي صاحب عليہ الرحمت فرمايو آهي)

چڱاڪن چڱايون، مٺايون مٺن،
جو وڙ جُڙي جن، سو وڙ سيئي ڪن.
(شاهہ)

تڪبر ڪان وڌيڪ بري عادت ڪابہ نہ آهي ڇو تہ تڪبر وارو ماڻهو ڪنهن کي بہ پنهنجي برابر نہ سمجهندو آهي ۽ جيڪو ان سان ڳالهائيندو ان کي سختيءَ سان جواب ڏيندو ۽ ڪيميائي سعادت ۾ لکيل آهي تہ اصحابن سڳورن سيدنا رسول الله ﷺ کان پڇيو تہ فلاڻي عورت ڏينهن جو روزا ٿي رکي ۽ رات جو نمازون ٿي پڙهي پر هيءَ بري عادت اٿس جو ماڻهن کي زبان سان ڏکوئي ٿي. پاڻ فرمايائون تہ ان جي جاءِ جهنم آهي [35]. نِوڙت خوشي ۽ خوش خلقي ٿي پيدا ڪري، ڇو تہ جڏهن نوڙت ڪندڙ هوندو تہ سڀ ڪنهن سان نرمي ڪندو ۽ ڪنهن کي بہ برو نہ چوندو ۽ بداخلاقي نہ ڪندو ۽ اهوئي سيني نبين ۽ رسولن (عليهم السلام) جو رستو ۽ دستور هو. خاص ڪري حضرت حبيب ڪريم رؤف رحيم ﷺ جن سيني پيغمبرن (عليهم الصلواة والسلام) کان وڌي خلق وارا ۽ مُرڪندڙ هئا. الله تعالیٰ سندن ئي شان ۾ فرمايو آهي:

"اِنَّكَ لَعَلٰی خُلُقٍ عَظِيمٍ"

بيشڪ اوهان وڏي اخلاق وارا آهيو.[36]

منهج الصادقين ۾ آيل آهي ته سرور عالم ﷺ جن هڪ يتيم جي سنڀال ڪندا هئا ۽ ان تي شفقت ۽ مهرباني ڪندا هئا. قضا سان ان يتيم جي وفات ٿي ته (حضرت) رسول (مقبول) ﷺ جن ان رات طعام نه کاڌو ۽ گهڻو افسوس ڪيائون. اصحابن سڀني رضي الله عنهم عرض ڪيو ته يارسول الله ﷺ اوهان پنهنجي دل مبارڪ کي ڇو ٿا غمگين ڪيو. حڪم فرمايو ته خدمت ۾ هيو يتيم حاضر ڪيون. پاڻ فرمايائون ته اهو يتيم عادت جي لحاظ سان سخت هو ۽ مون ان جي سختيءَ جي باوجود ان سان نرمي ۽ موافقت ٿي ڪئي ۽ مون کي ان جي ڪري گهڻو اجر ۽ وڏو ثواب ٿي مليو ۽ اهو مقصد هين مان حاصل نه ٿيندو. برڪت وارو آهي الله (جل شانه) هن ماڻهپي ۽ سهڻين عادتن سان نيڪ شخص نيڪيءَ کي پهتا! الله تعالىٰ فرمايو: ''إِنَّكَ لَعَلىٰ خُلُقٍ عَظِيمٍ'' بيشڪ اوهان وڏي اخلاق وارا آهيو. سنڌ ۾ ايترو تڪبر نه آهي. تڪبر هندستان ۽ خراسان ۾ گهڻو آهي. سنڌ ۾ اهو آهي جو تڪبر ڪندڙ سان تڪبر ڪن ٿا ۽ نوڙت ڪندڙ سان تڪبر نٿا ڪن ۽ (سنڌ ۾) شريف ماڻهن ۽ اشراف، عالي خاندانن جي عزت گهڻي آهي، سنڌي مرڻ کانسواءِ ان جي دعوىٰ نٿا ڇڏين (جيئن هڪ شاعر جو شعر آهي)

سرنوشته وار گول را راست مي سازد نياز
نقش معکوس نگين از سجده مي گردد درست

---

[36] سورة القلم آيت 4

حيران ٿيندڙ تاجڪ (عربن جو اولاد جيڪو عجم ۾ رهيو) کي ڏنائون.

خوبی وناز کرشمہ ہمہ با عالم ہند
دانش وبینش بامردم ایران داوند

سونهن ۽ ناز سمورو هندستان وارن کي ۽ سمجهه ۽ دانائي ايران جي ماڻهن کي ڏني اٿن.

فتنہ و شورو شغب جملہ بہ خط کشمیر
خری وبی خردی جملہ بافغان داوند

فتنو شور ۽ فساد ڪشمير وارن کي، بي عقلي ۽ بيوقوفي افغان وارن کي ڏنائون. ٻئي شاعر هن طرح چيو آهي.

اگر قحط رجال افتدز سہ کس انس کم گیری
یکی افغان دویم کنبوه سیوم بدذات کشمیری

جيڪڏهن مڙسن جو ڏڪار پوي تہ بہ ٽن ماڻهن سان گهٽ وندر رک. هڪ افغان، ٻيو ڪنبوه ٽيون بڇڙي نسل وارو ڪشميري.
عرب ۾ سليماني پناڻ چوريءَ ۾ مشهور آهن ۽ سنڌيءَ کي گڏهن جو چور ٿا چون گار نٿا ڏين. افغاني اڪثر بي وفا آهن پنهنجي سردار سان بہ وفا نٿا ڪن.
هڪ شاعر فرمايو آهي:

"درقزا گند مرد باید بود
برمثنث سلاح جنگ چہ سود"

(جنگ جي ميدان ۾) ريشمي ڪپڙن ۾ مڙس جو هجڻ تو جڳائي ڪدڙي جي مٿان جنگ جي هٿيارن جي ڍڪڻ مان ڪهڙو فائدو؟

ٻئي شاعر فرمايو آهي تہ:

چوں حیا نبود برافتد رسم عصمت ازجہان

گر حجاب درمیاں است ازتقاضائی حیا است

جيڪڏهن حياءُ نہ هجي تہ پاڪدامنيءَ جو طريقو جهان مان نڪري وڃي ها ڇو تہ وچ ۾ رڪاوٽ جيڪڏهن آهي تہ حياء جي تقاضا آهي.

حديث شريف ۾ آهي تہ:

"اَلحَيَاءُ شُعبَۃٌ مِّنَ الايمَانِ"

حياء ايمان جي ٽاري آهي.

ٻيو تہ افغان مان الف ڪڍي ڇڏ تہ فغان رهندو يعني دانهن ڪرڻ ۽ سنڌيءَ مان س ڪڍي ڇڏ تہ ندي رهندو معنىٰ مجلس ۽ گڏ ٽيڻ. سنڌ جو پاڻي منو آهي ۽ سڄي خراسان کان سنڌ ۾ نيڪي گهڻي آهي ۽ سنڌ ۾ سخاوت بہ خراسان کان وڌيڪ آهي.

"وَأَقْرِضُوا اللَّهَ قَرْضًا حَسَنًا"

۽ الله تعالىٰ کي سهڻو قرض ڏيو [37] ۽ اڪثر افغان بخيل آهن.

حضرت شيخ سعدي عليہ الرحمة فرمايو آهي:

بخیل اربود زاہد بحر و بسر

بہشتی نباشد بحکم خبر

بخيل جيڪڏهن پٽ ۽ سمنڊ جو زاهد هجي تہ بہ حديث جي حڪم سان بهشتي نہ ٿيندو.

حضرت عطار عليه الرحمة فرمايو آهي.

---

[37] سورة مزمل آيت 20

بخل شاخی ازدرخت دوزخ است
وان بخلیک از سگان مسلخ است

يعني بخيل هجڻ دوزخ جي وڻ مان ٽاري آهي ۽ اهو بخيلڙو جانورن جي کهڻ ۽ کل لاهڻ واري جاءِ جي ڪتن مان آهي.

(هن کان پوءِ حضرت مخدوم صاحب عليہ الرحمة پنهنجو شعر آندو آهي)

سخاوت پیشہ کن ای مردوانا
سخاوت عادت پیغمبراں است

اي داناءَ مڙس! سخاوت جو ڏنڌو ڪر سخاوت نبين (سڀني عليهم الصلواة والسلام) جي عادت آهي.

بخیلی می کشد سوئی جہنم
ہمیں مشہور وظاہر درجہان است

بخيلي جهنم ڏانهن ڇڪي ٿي اهائي ڳالھ جهان ۾ ظاهر ۽ مشهور آهي.

مشو ہم چون حُباحب ای خدا ترس
ز ترس میہماں اندر نہان است

ترجمہ: اي خدا ترس! مشهور بخيل شخص "حباحب" وانگر نہ ٿيءُ، جيڪو مهمانن جي ڊپ کان گهر ۾ اندر لڪي ويندو هو.

خداوندا مبیناں روئی اُو را
کہ اُو را لقمہ بہتر زجان است

اي الله! ان جو منهن نہ ڏيکار جنهن کي هڪ گره ساه کان وڌيڪ پيارو آهي.

الله تعاليٰ کان ادب جي توفيق ٿا گهرون (ڇو تہ) بي ادب رب جي مهرباني ءَ کان بي نصيب آهي.

"بی ادب تنها، نہ خودرا داشت بد
بلکہ آتش در همہ آفاق زد"

بي ادب رڳو پاڻ کي بچڙو نہ ٿو ڪري پر سڄي جهان ۾ اها باهہ ٻاري ڇڏي ٿو. ۽ خاص ڪري الله تعاليٰ جي حق ۾ بي ادبي ڪرڻ ناداني ءَ جو ڪمال آهي. ۽ گهڻا مرد ۽ عورتون اوهان مان نماز ادا نہ ٿا ڪن، اها بہ الله تعاليٰ جي نعمت جي بي شڪري آهي. ڇو تہ الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ ست سؤ (700) جاين تي نماز جو ذڪر آندو آهي. ۽ (ڪتاب) اصول العلم جي صاحب (جيڪو حافظ عماد الدين بخاري (عليہ الرحمة) جو پاڻيجو آهي ۽ آخري مجتهدن مان هو) بہ سؤ جاين تي لکيو آهي تہ جنهن کي الله تعاليٰ جو شرم نہ آهي ان جي نيڪي کهڙي ڪم جي آهي. (ان کان پوءِ حضرت مخدوم محمد هاشم عليہ الرحمت هي فارسي شعر آندا آهن)

"گرچہ مُردن نکو نباشد لیک
مردم بی نماز مرده نکو"

جيتوڻيڪ مرڻ ڪنهن لاءِ چڱو نہ آهي، پر بي نمازي ماڻهو مئل چڱو آهي (جيڪو حقيقي مالڪ ۽ خالق جي اڳيان سجدو نہ ٿو ڪري).

بی علم وعمل بہشت و حوراں مَ طَلب
بی روزه و نماز ایمان مَ طلب"

علم ۽ عمل کانسواءِ بهشت ۽ حورن جي طلب نہ ڪر، روزي ۽ نماز کان سواءِ ايمان (جي بچڻ) جي طلب نہ ڪر.

"خواہی کہ از پُلصراط آساں گزری
آزار دل ہیچ مسلماں مَ طلب"

جيڪڏهن تون گهرين ٿو تہ پلصراط تان آسانيءَ سان لنگهي وڃين تہ ڪنهن بہ مسلمان جي دل جو ايذا طلب نہ ڪر.

۽ افغاني الف بي تي ٿي با تا ثا قاعدو پڙهن ٿا ۽ جيڪڏهن ان قاعدي جي معنيٰ ڪنهن ڪان پڇان ٿو تہ معنيٰ نہ ٿا ڄاڻن. هي فقير (حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليہ الرحمة) هر هڪ حرف جي معنيٰ بيان ٿو ڪري.

الف مان مراد آهي الله سچاڻڻ. با مان مراد آهي بااو يعني ان سان گڏ هجڻ. تا مان مراد آهي توبہ ڪرڻ ۽ تواضع يعني هيٺاهين قبول ڪرڻ. ثا مان مراد آهي ثواب جو ڪم ڪرڻ جيم مان مراد آهي غريبن تي جبر يعني سختي نہ ڪرڻ. جيئن (حضرت) حافظ شيرازي (عليہ الرحمة) هن معنيٰ جي خبر ڏني آهي.

"مباش در پئی آزار ہرچہ خواہی کن
کہ درطریقت ماغیر زیں گناہی نیست"

ڪنهن جي ايذائڻ جي پٺيان نہ هج باقي جيڪي وڻئي (جائز ڪم) پلي ڪر. جو اسان جي طريقي ۾ ان کانسواءِ ڪو گناھ نہ آهي.

حا مان مراد آهي، حق جي حمايت ڪرڻ. خا مان مراد آهي، خاموشي جو اخلاق رکڻ. دال: مان مراد آهي دين قبول ڪرڻ ۽ دين تي رهڻ ذال: مان مراد آهي نفس ۽ شيطان جي پٺيان ذليل نہ ٿيڻ. بلڪ انهن کي ذليل ۽ خوار ڪرڻ ۽ ذنوب يعني گناھ نہ ڪرڻ. را: مان مراد آهي روزا رکڻ ۽ رات ۽ ڏينهن حق جي ياد ۾ رهڻ. زا: مان

درويشن سان ويهه.

همنشيني جز بدر ويشاں مکن
تا تواني غيبت ايشان مکن

درويشن کان سواءِ ٻئي سان صحبت نہ کر جيستائين تي سگهين انهن جي گلا نہ کر.

"حب درويشاں کليد جنت است
دشمن ايشاں سزائي لعنت است"

درويشن جي محبت جنت جي ڪنجي آهي انهن جو دشمن لعنت جو لائق آهي. ۽ شيخ ضياء الدين نخشبي (رحمة الله عليه) فرمايو آهي.

"گرتو گفته خدائي خود بکني
هر چه گوئي خدائي هم بکند"

جيڪڏهن تون پنهنجي الله جو چوڻ ڪندين تہ جيڪي تون چوندين الله تعالىٰ بہ اهو ڪندو

"اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ المُحسِنِينَ"

بيشڪ الله احسان ڪندڙن سان محبت تو رکي.

فقير پلو آهي ۽ ان جي چوڻ کي الله تعالىٰ ٻڌي ٿو ۽ فقير جي معنى هيءَ آهي: ف مان مراد فاقہ يعني بک ڪيڻ. ق مان مراد قناعت ڪرڻ. ي مان مراد آهي تہ ان کان ياري (مدد) طلب ڪرڻ. ر مان مراد آهي تہ روز و شب (ڏينهن ۽ رات) ان جي فرمانبرداريءَ ۾ هجي (اهو فقير) نہ آهي جو گودڙي پڪي ۽ ڪُنڌري ۽ ڪائي ڪلهي تي رکي ۽ در در تي (پنڻ لا) ڦرندو رهي. اهڙي کي حقير چوڻ گهرجي

اهو فقير نہ آهي. فقير مان مراد مڙني، شين ۾ طمع نہ رکڻ آهي.
(جيئن هڪ شاعر جو شعر آهي)

طمع راسه حرف است هر سه تهی
ازان نیست مر مطمعان را بهی"

طمع :جي لفظ جا 3 حرف آهن (ط م ع ) تنهي (جا وچ) خالي آهن. ان جي ڪري طمع ڪندڙ جي لاءِ ڀلائي نہ هوندي آهي. ۽ اهڙيءَ معنيٰ ۾ هي شعر بہ آهي.

"خانه دین آباد گردد از ورع
لیک می گردد خرابی از طمع"

دين جو گهر پرهيز گاريءَ سان آباد ٿيندو آهي ۽ پر طمع سان ويران ٿيندو آهي.

"هر که ازحق دوستی دراد و طمع
در محبت کاذبش داں بی ورع"

جيڪو الله تعاليٰ جي، طرف دوستيءَ جي اميد ٿو رکي. ان کي پرهيز دارن سواءِ محبت ۾ ڪوڙو ڄاڻ.
جيتن ٻئي شاعر چيو آهي.

طمع سازد خراب اے مرد عاقل
تومی دانی وَمَن با تو چه گویم

اي داناء مڙس! طمع خراب ڪندي آهي تون پاڻ ڄاڻين ٿو مان توکي ڇا چوان.

"دست طمع به پیش کساں کردئ دراز
پُل بستهء که بگذری از آبروئی خویش"

ماڻهن جي اڳيان طمع جو هٿ ڊگهو ڪيو اٿئي اها هڪ پل ٻڌي اٿئي جو پنهنجي عزت وڃائي ويهي رهين.

"طمع نا كردن كاري است احسن
طمع كار بداست وال از سروبن"

طمع نہ ڪرڻ سهڻو ڪم آهي. طمع رکڻ منڍ کان ئي بيڇڙو ڪم آهي طمع ڪندڙ دل جو خراب ۽ هر زماني ۾ ڦتيل آهي.

اي دانائن جا بادشاهہ! هي نڪتو آهي سو قبول ڪر. طمع ڪرڻ الله کان ڊڄندڙن ٻانهن جو ڪم نہ آهي. هي ڪنهن گمان کان سواءِ بيڇڙيءَ ذات ۽ ڪميڻي جو ڪم آهي. آخرت ۾ افسوس ۽ ڏک جا هٿ ملينديں تہ ڇا ڪيم. (الله تعالىٰ فرمايو آهي)

"أُجِيبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ إِذَا دَعَانِ فَلْيَسْتَجِيبُوا لِي وَلْيُؤْمِنُوا بِي لَعَلَّهُمْ يَرْشُدُونَ"

مان دعا گهرندڙ جي دعا قبول ڪيان. جنهن وقت بہ مون کي سڏي ٿو. پوءِ منهنجي حڪم کي بہ قبول ڪن ۽ مون تي ايمان آڻين تانتہ اهي هدايت وارا ٿين[41]

اي منهنجا ياءُ! اي منهنجا دوستا! هاڻي مقابلو ڇڏي هڪ ٻئي کي نصيحت ڪيون جو ڇيو اٿن تہ نصيحت ڪرڻ نصيحت ڪندڙ لاءِ چڱي آهي. جڏهن اهو (جنهن کي نصيحت ڪجي ٿي نصيحت وارو) ڪم ڪندو تہ هنن نصيحت ڪندڙ کي ثواب ۽ اجر ملندو. شال الله تعالىٰ سيني مؤمنن کي دينداري بخشي ۽ سڏي وات تي رکي ... تہ هي جهان فاني آهي ۽ سراسر واءُ وانگر. آهي جو

41 سورت بقره آيت نمبر 186

صبح جي وقت لڳي ٿو ۽ مٽي آهي. جيڪا فنا ٿيندي آهي.

ندارد کار دنیا اعتباری
وگر دارد دو روزی یا چہاری

دنيا جو ڪم ڪوبہ ڀروسو نہ ٿو رکي ۽ جيڪڏهن رکي ٿو تہ ٻہ يا چار ڏينهن.

اگر دنیا بہ کس پایندہ بودی
ابوالقاسم محمد ﷺ زندہ بودی

جيڪڏهن دنيا ڪنهن سان هميشہ رهڻ واري هجي ها تہ ابوالقاسم (حضرت) محمد(ﷺ) ظاهري طرح بہ دنيا تي زنده هجي ها (فائدو ابوالقاسم (حضور پر نورﷺ جن جي ڪنيت آهي) دنيا فاني آهي ۽ ان مان فائدي ڪان سواءِ صرف غم حاصل آهي ۽ دنيا جو غم ڪائڻ ڪا شيءِ نہ آهي. الله تعاليٰ قرآن مجيد فرقان حميد ۾ فرمايو آهي.

"اعْلَمُوا أَنَّمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا لَعِبٌ وَلَهْوٌ وَزِينَةٌ وَتَفَاخُرٌ بَيْنَكُمْ وَتَكَاثُرٌ فِي الْأَمْوَالِ وَالْأَوْلَادِ"

يقين ڄاڻو تہ دنيا جي حياتي راند ۽ بي فائدي ۽ سينگار ۽ اوهان جي وچ ۾ فخر ڪرڻ (لاءِ) ۽ مالن ۽ اولاد ۾ گهڻائي آهي[42] ۽ ٻي جاءِ تي ارشاد آهي.

"وَمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا إِلَّا مَتَاعُ الْغُرُورِ"

۽ دنيا جي حياتي صرف ٺڳيءَ جو سامان آهي.[43]

(ٽيئن جي جاءِ تي آهي)

---

[42] سورت حديد آيت 20
[43] سورت حديد آيت 20

"كُلُّ نَفْسٍ ذَائِقَةُ الْمَوْتِ"

۽ هر نفس موت (جو مزو) چکندڙ آهي[44] ان جي باري ۾ شيخ سعدي عليہ الرحمة فرمايو آهي.

"ترابكوئى اجل هم گذار خواهد بود
قرار گاه تو دارالقرار خواهد بود"

تنهنجو بہ موت جي گهٽيءَ مان لنگهڻ ٿيندو ۽ تنهنجي جاءِ دارالقرار ۾ ٿيندي.

"تُرا به تختهء تابوت شسته شوسازند
تن تولقمة هر مورو مار خواهد بود"

توکي تابوت جي تختي تي ڌوئندا تنهنجو جسم ڪيڙين ۽ نانگن جو لقمو ٿيندو.

"طمع زيار برادر زخويش هم بردار
مگر عمل كه ترايار غار خواهد بود"

پنهنجي دوست، ڀاءُ مٽ کان طمع ڪٽي ڇڏ. مگر عمل جو تنهنجو گهاٽو دوست هوندو.

"گناه ميكنى وازخدانمى ترسى
مكن گنه كه گنهگار خواهد بود"

گناهہ ڪرين ٿو ۽ الله تعاليٰ کان نہ ٿو ڊڃين، گناهہ نہ ڪر جو گناهگار ٿيندين.

"بدين عمل كه تو دارى بهشت مى طلبى
بهشت منزل پر هيز گار خواهد بود"

---

[44] سورت الانبيا آيت 35

هي عمل جيڪي تون رکين ٿو. ان سان بهشت جي طلب ٿو ڪرين.
بهشت تہ پرهيزگار جي منزل هوندو

بسی سوار کہ آں جا پیادہ خواہد شد
بسی پیادہ کہ آں جا سوارخواہد بود"

گهڻا سوار اُتي پيادا ٿيندا ۽ گهڻا پيادا اُتي سوار ٿيندا.

بساز توشہء رفتن کہ ہمرہان رفتند
کہ سعدی ازتو سخن یادگار خواہد بود"

وڃڻ جو ٿمر ناهہ جو ساٿي ويا. سعدي تنهنجا سخن (بہ) يادگار رهندا

بهشت نيڪ بختن جو نصيب آهي نہ بدعتيءَ پنگ ڪائيندڙ جو. پڇندا تہ تنهنجو عمل ڪهڙو آهي؟ نہ پڇندا تہ تنهنجو پيءُ ڪير آهي؟ دنيا جي حياتي جو هميشہ هجڻ، هي ڪچو خيال آهي ۽ بي لذت طمع آهي جيڪو بہ ڄائو آهي اهو نيٺ مرندو بلڪ حق هيءُ آهي تہ نہ ڄمڻ واريون شيون (جيئن پٿر وغيره) بہ فنا ٿينديون. هيءُ جهان آئينو آهي ۽ اسان جو وجود چٽن جي مثال آهي. چٽ آئيني ۾ نظر ايندو گهڻو وقت نہ رهندو. آخرت جو ٿمر هن جهان مان ڪڻ جو هي ٿمر جا اسباب پوءِ نہ رهندا. جيڪڏهن ڏينهن جو عمل نہ ڪندين. رات جو مري وڃڻ جو خطرو آهي. جيڪو هڪ الله، جبار کان ڏڄندو ان کي ڪو خوف، ڊپ ۽ خطرو نہ رهندو ۽ حافظ شيرازي (عليہ الرحمة) فرمايو آهي.

"گرتا قیامت زندۂ آخرفنا آخرفنا
ورہمچو مہ تابندۂ آخر فنا آخر فنا

جيڪڏهن قيامت تائين جيئرو.رهين تہ بہ نيٺ فنا نيٺہ فنا ۽

جيڪڏهن چنڊ وانگر چمڪندڙ آهين تہ بہ نيٺ فنا نيٺ فنا.

"عشقِ زليخائي کجا تخت سليماني کجا
وآن ماہ کنعاني کجا آخر فنا آخر فنا"

يعني زليخا جي محبت ڪٿي آهي(حضرت) سليمان (عليہ السلام) جو تخت ڪٿي آهي ۽ اهو ڪنعان جو چنڊ (حضرت يوسف عليہ السلام) ڪٿي آهي نيٺ فنا نيٺ فنا.

حوا کجا آدم کجا آن دانہء گندم کجا
اين دم کجا آن دم کجا آخر فنا آخر فنا

(حضرت بيبي) حوا ڪٿي تہ (حضرت) آدم (عليہ السلام) ڪٿي آهي؟ اهو ڪڻڪ جو داڻو ڪٿي آهي. نيٺ فنا نيٺ فنا.

"او حشمت اسکندري برفرق عالم سروري
وان شاه والا برتري آخر فنا آخر فنا"

اهو سڪندر جو دٻدٻو سڄي جهان تي سرداري ۽ اهو بادشاهہ مٿاهين جو صاحب. نيٺ فنا نيٺ فنا.

"دريا کجا کشتي کجا و آن نوح کشيتبان کجا
وآن موج طوفاني کجا آخر فنا آخرفنا"

ڪٿي اهو دريا آهي ڪٿي ٻيڙي ۽ ڪٿي اهو ٻيڙي هلائيندڙ (حضرت) نوح (عليہ السلام) ۽ اها طوفان جي موج ڪٿي آهي. نيٺ فنا نيٺ فنا.

"ني شاه ماند در جهان ني آسمان يا بدامان
ني ماه اندر آسمان آخر فنا آخر فنا"

نہ جهان ۾ بادشاهہ رهندو نہ آسمان امن لهندو. نہ آسمان ۾ چنڊ

رهندو. نيٺ فنا نيٺ فنا.

"احوال عالم رابیں یکسان نما ند بر زمیں
گاہی چنیں گاہی چناں آخر فنا آخر فنا

جهان جي حالات کي ڏس تہ زمين تي برابر نہ ٿا رهن ڪڏهن هيئن تہ ڪڏهن هونئن.

نيٺ فنا نيٺ فنا.

"ای صوفی فرخندہ دل خود رابساز ز آب و گل
دنیا ئی دیگر رابحل، آخر فنا آخر فنا"

اي چمڪندڙ دل وارا صوفي! پاڻ کي پاڻيءَ ۽ مٽيءَ کان (پاڪ) ڪري ٻيءَ دنيا ۾ رهہ.

نيٺ فنا نيٺ فنا.

"گر سعدی شیریں زماں گر خُسروی طوطی بیاں
گر حافظ غیب اللساں، آخر فنا آخر فنا"

جيڪڏهن سعدي مٺي زبان وارو هو. جيڪڏهن خسرو مٺي ٻولي ٻولڻ وارو هو. جيڪڏهن حافظ غيبي زبان وارو هو. نيٺ فنا نيٺ فنا.

(حضرت) شيخ سعدي (عليہ الرحمة) بہ بوستان ۾ اهڙو اشارو ڪيو آهي.

"بیا ای کہ عمرت بہ ہفتاد رفت
مگر خفتہ بودی کہ برباد رفت"

اي فلاڻا! اڄ جو تنهنجي عمر ستر سالن کي پهتي آهي شايد تون ستل هئين جو عمر اجائي وئي.

"ہمہ برگ بودن ہمی ساختی
بتدبیر رفتن نہ پرداختی"

مرڻ ۽ رهڻ جو سامان ناهيو اٿئي (آخرت ڏانهن) وڃڻ جي تدبير نہ سوچي اٿئي.

”چون پنجاه سالت برون شد زدست
غنیمت شمر پنج روزی کہ ہست“

جڏهن تنهنجي عمر جا پنجاهہ سال هٿ مان ويا تہ باقي جيڪي پنج ڏينهن آهن غنيمت سمجهہ.

”کہ ای زندہ تاہست امکان گفت
لب ازذکر چوں مردہ برہم مخفت“

اي جيئڙا! جيستائين ڳالهائڻ جو امڪان آهي مئل وانگر چپ ذڪر کان بند نہ رک.

”کہ ای زندہ ازحال من پندگیر
بقول نبی (علیہ السلام) تا نہ مردی بمیر“

اي جيئرا! منهنجي حال کان نصيحت وٺ. نبي ڪريم (عليہ الصلواة والسلام) جو فرمان آهي تہ جيستائين مئل نہ ٿيو آهين تہ مر

”چو مارا بغفلت بشد روزگار
تو بارے دمی چند فرصت شمار“

جڏهن اسان جو غفلت ۾ زمانو گذري ويو آهي تہ تون ٻئي پساهہ غنيمت سمجهہ.

”ہیچ کس راز مرگ نیست گریز
گور کن ہم شبی بگور شود“

يعني ڪنهن کي بہ موت کان ڀڄڻ جي (واهہ) نہ آهي ڀين جون

قبرون کٽندڙ پاڻ بہ هڪ رات قبر جي حوالي ٿيندو.

۽ جيڪڏهن تنهنجو خيال آهي تہ هميشہ باقي هوندس ۽

هيءَ باقي رهڻ جو ميدان آهي تہ ماءُ، پيءُ، ڏاڏي ۽ ڀين جي قبرن کي

ياد ڪر. جو اهي اڳي اسان سان ڳالهائيندا هئا ۽ هاڻي تہ نهارين ئي

نہ ٿا ۽ ڪڏهن اسان سان گڏ ويهي کلي ڳالهيون ٿي ڪيائون هاڻي

مٽيءَ ۾ ملي برابر ٿي ويا.

(جيئن هڪ بزرگ فرمايو آهي.)

"شاہان شہ سوا رو عروسان مہ جبیں

بسیار مردہ اند کزو شان نشان نماند"

بادشاهہ پلي سواريءَ جا سوار ۽ چنڊ جهڙيءَ پيشانيءَ واريون

ڪنواريون. گهڻائي سڙي ويا آهن جو انهن جو نشان ئي نہ رهيو آهي.

هيءَ دنيا فاني ۽ شيطاني آهي ۽ هتان ڪابہ دنيا جي شيءِ گڏ نہ

هلندي، مگر نيڪ عمل ۽ علم ۽ مال جيڪو الله تعالىٰ جي واٽ ۾

خرچ ڪيو ويندو آهي.

"آنکہ او باتو فرونايد بخاک

آں ہمہ دنیا بودے دین پاک"

جيڪا شيءِ توسان مٽيءَ جي هيٺان نہ ايندي، اها مڙئي دنيا آهي.

پاڪ دين نہ آهي. (دين اتي بہ ڪم ايندو)

دنيا بي وفا آهي، زماني جو مڪر آهي ۽ آخرت دارالقرار ۽

چوٽڪاري جي جاءِ آهي. دنيا پاڻيءَ تي هلندڙ ٻيڙي آهي جو اسين

ان جهان ۾ هلندڙ آهيون. ٻہ ٽي گهڙيون گڏ هلڻ کان پوءِ جڏهن

ڪشتي ڪناري تي پهچندي تہ هر هڪ جدا ٿي ويندو. سفر جا ٻہ

قسم آهن. هڪ دنيا جو ٻيو آخرت جو. دنيا جي سفر ۾ ثمر پاڻ سان

گڏ ڪٽبو آهي ۽ آخرت جي سفر لاءِ ثمر اڳ ۾ موڪلڻو پوندو آهي ۽ جڏهن ٻانهو عجز زاري ۽ نياز ٿو ڪري تہ الله تعالىٰ قبول ٿو فرمائي، جو اهو غفور، رحيم، قادر ۽ ستار آهي.

"محال است گرسر برایں در نہی
کہ باز آردت دست حاجت تہی"

محال آهي جو هن دروازي تي مٿو رکين ۽ تنهنجي حاجت جو هٿ خالي اٿي.

"گناه من ارنامدی در شمار
ترانام کی بود آمر زگار"

جيڪڏهن منهنجا گناھ ڳڻپ ۾ نہ اچن ها تہ تنهنجو بخشڻهار نالو ڪيئن (ظاهر) ٿئي ها.

(تنهنجوئي فرمان آهي).

" إِنَّ رَبِّي قَرِيبٌ مُجِيبٌ "

بيشڪ منهنجو رب ويجهو دعا قبول ڪندڙ آهي[45] (ٻيو فرمان آهي)

"لَاتَقْنَطُوْا اِمِنْ رَّحْمَةِ اللهِ اِنَّ اللهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا"

رب جي رحمت مان نا اميد نہ ٿيو. بيشڪ الله سڀئي گناھ بخشيندڙ آهي.[46]

"خدا وندا! گناہم را بیامرز
گناہم شد بلند از کوہ البرز"

اي الله! منهنجي گناهن کي بخش ڪر. منهنجا گناھ البرز جي جبل

---

[45] سورت هود آيت 61

[46] سورة زمر آيت 45

ڪان وڏا تي ويا آهن.

"غفوري وشکوري ورحيمي
فاغفرلي ز نوبي يا کريمي"

بخشيندڙ قدردان ۽ مهربان آهين اي منهنجا ڪريم! مون کي منهنجا گناهہ بخش ڪر.

"ندارم هيچ کس جز توو سيله
بہ بخشي ازعطا هائي جميلہ"

تو ڪان سواءِ ڪا واهہ نٿو رکان پنهنجي" سهڻين عطائن مان مون کي بخش فرماءِ.

"توئي داناء هر راز نهاني
توئي خلاق رزاق جهاني"

هر ڳجهي راز جو ڄاڻندڙ تون آهين، تون ئي پيدا ڪندڙ جهان کي رزق ڏيندڙ آهين.

"تو براين حال مسکين رحم فرما
نصيب بنده کن فردوس اعلیٰ"

تون هن مسڪين جي حال تي رحم فرماءِ، ٻانهي کي فردوس اعليٰ نصيب ڪر.

"ولم بگرفت ازعصيان سياهي
سفيداز لطف گردان يا الٰهي"

منهنجي دل گناهن جي ڪري ڪاري ٿي آهي، اها پنهنجي مهربانيءَ سان روشن ڪرڻ فرماءِ.

"شده استم غرق در دريائي عصيان
تو دستم گيراي سبحان و رحمٰن"

مان گناهہ جي درياءَ ۾ غرق ٿيل آهيان اي پاڪ ۽ مهربان! تون منهنجو هٿ وٺي (مون کي ٻاهر ڪر).

"منم تشنہ تو آب رحمت خويش
بہ من بخشي کہ تانو شم زحد بيش"

مان اڃايل آهيان. تون پنهنجي رحمت جو پاڻي مون کي ڏي تہ تمام گهڻو پيئان.

"روائي حاجت هاشم گدا کن
روابهر محمد مصطفیٰ کن"

هاشم مسڪين جي حاجت پوري ڪر. (حضرت) محمد مصطفیٰ صلی الله عليہ وسلم جي واسطي حاجت پوري ڪر، آمين يا رب العالمين.

اي (حقيقي) بادشاهہ! اسين مڙئي پينو آهيون اسان کي (پنهنجي) دروازي تان خالي نہ موٽاءِ ۽ پنهنجي رحمت جي بي انتها درياءَ مان اسان کي بہ ڪجهہ عطا فرماءِ.

(حضرت شيخ فريد الدين عطار رحمة الله عليه جا شعر)

"بادشاها جرم مارا در گذار
ما گنهگاريم تو آمرزگار"

اي بادشاهہ! اسان جي گناهن کي معاف ڪر اسين گنهگار آهيون تون بخشيندڙ آهين.

"تو نکو کاری و مابد کرده ایم
جرم بی اندازبی حد کرده ایم"

تون ڀلائي ڪندڙ آهين ۽ اسان برائي ڪئي آهي اسان بي انداز

گهڻا گناهہ ڪيا آهن. اسين بي فرمان ٻانها آهيون، پنهنجي عام لطف سان ڪو رحم ڪر ۽ اسين پير پڳل مٿيءَ ۾ ڦاٿل آهيون جيئن پٽر مان گوهر ڪيڍندو آهين (تيئن اسان کي بہ گناهن جي گپ مان ٻاهر ڪڍ). اي پيدا ڪندڙ رب! اسين مڙئي اجايل ۽ بڪايل آهيون. اسان تي رحمت ۽ مهربانيءَ جو مينهن وساءِ. اسين دوزخ جا لائق آهيون، پر پنهنجي رحمت سان اسان جي ٻاهہ کي بهشتي ناز سان مٽاءِ. اي بخشيندڙ! اسين گناهن جي ڪري اگهاڙا آهيون پنهنجي مهربانيءَ سان اسان کي ڍڪ ۽ بهشتي وڳا نصيب ڪر. اي ڍڪيندڙ! اسين ويچارا آهيون، تون پنهنجي لطف ۽ مهربانيءَ سان اسان لاءِ چارو پيدا ڪر. اي جبار! اسين پنهنجي گناهن جي شرم کان روئندڙ آهيون اسان کي معافيءَ وارو ڪِلڻ عطا ڪر. اي ديّان! اسين گناهن جي کوهہ ۾ ڦڏل آهيون. اسان جو هٿ وٺي ٻاهر ڪڍ. اي مغفرت وارا! اسان کي پنهنجي رحمت جي ويجهو ڪر ايمان جي سلامتي ڏي ۽ آخرت جو ڇوٽڪارو نصيب ڪر ۽ قلب ۽ قبر جي روشني ۽ گناهن جي کوهہ ۾ ڦڏل آهيون، اسان جو هٿ وٺي ٻاهر ڪڍ. اي مغفرت وارا! اسان کي پنهنجي رحمت جي ويجهو ڪر ايمان جي سلامتي ڏي ۽ قبر جي روشني ۽ گناهن جي معافي نصيب ڪر ۽ قلب ۽ قبر جي روشني ۽ گناهن جي معافي نصيب ڪر. آمين يا رب العالمين. چاڻ تہ حضرت بايزيد بسطامي عليہ الرحمة کان پڇيائون تہ سنت ڪهڙي آهي ۽ فرض ڪهڙو آهي؟ فرمايائين دنيا جو ڇڏڻ سنت ۽ مولا جي محبت فرض آهي.

(الله تعالىٰ جو فرمان آهي).

"وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْإِنسَ إِلَّا لِيَعْبُدُونِ"[47]

مون جنن ۽ انسانن کي پنهنجي عبادت لاءِ پيدا ڪيو آهي

روايت ۾ آهي ته الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن ٻانهي کي فرمائيندو ته فلاڻو عارف ۽ داناءُ ٻانهو جيڪو فلاڻي محلي ۾ رهندو آهي سڃاڻين ٿو؟ چوندو هائو! فرمان ٿيندو ته توکي انهيءَ جي ڪري بخش ڪيم.

(حضرت مولانا سعدي عليه الرحمة فرمايو آهي)

"شنيدم که در روز اميد و بيم
بدان را به نيکان ببخشد کريم"

ٻڌو اٿم ته اميد ۽ ڊپ واري ڏينهن (قيامت ۾) الله تعاليٰ نيڪن جي صدقي بڇڙن کي بخش ڪرڻ فرمائيندو.

دنيا جو ملڪ عدل سان آباد ٿيندو آهي ۽ دين ۽ دل جو ملڪ تابعداريءَ ۽ عبادت سان آباد ٿيندو آهي. دل جي ولايت عبادت جي نور سان روشن ٿيندي آهي ۽ سٺا اخلاق رکڻ، توبه ۽ استغفار ڪرڻ، بردبار ٿيڻ، گناهه معاف ڪرڻ، بري کي برو ۽ نيڪ کي نيڪ سڃاڻڻ همت وارن جو ڪم آهي.

**هڪ واقعو**: هڪ بيڪار ماڻهو کي ان وقت جي خليفي (حاڪم) جي اڳيان آندائون. خليفي ان کي سزا ڏيڻ جو حڪم فرمايو. ان عرض ڪيو ته اي اميرالمؤمنين! گناهه جي سزا ڏيڻ عدل آهي ۽ معاف ڪرڻ فضل آهي ۽ اميرالمؤمنين جو شان مٿي آهي ۽

---

[47] سورت الذاريات آيت 56

جيڪو متي هوندو آهي. هينئين ڪي معاف ڪندو آهي. خليفي ڪي ان جي ڳالهه وڻي ۽ ان تان گناهه جي سزا معاف ڪري ڇڏيائين. هڪ ڪاسائي هڪ ٻانهيءَ تي عاشق ٿيو هڪ ڏينهن ان ٻانهيءَ سان ملاقات ٿيس. جڏهن ان ۾ هٿ وڌائين ته ان ٻانهيءَ چيس ته اي جوان مڙس! مان تنهنجي محبت ۾ توکان وڌيڪ قاتل آهيان. پر الله تعاليٰ کان ڊڄان ٿي. ان مڙس جواب ڏنو ته جيڪڏهن تون ڊڄين ٿي ته مان ڇا لاءِ نه ڊڄان (ائين چئي) توبه ڪري موٽي آيو ۽ رستي ۾ اڃ گهڻي لڳيس ۽ هلاڪ ٿيڻ جو ڊپ ٿيس. ڪيس هڪ شخص ويجهو هو. جنهن کي ان وقت جي ڪنهن نبي سڳوري (عليه الصلواة والسلام) پنهنجو قاصد ڪري موڪليو هو. اُن هن کان پڇيو ته توکي ڪهڙي تڪليف پهتي آهي. هن چيو ته اڃ لڳي اٿم. ان چيو ته اچ ته گڏجي دعا گهرون ته الله تعاليٰ مينهن وسائي، جيڪو تيستائين ٻيهي جيستائين پاڻ شهر ۾ پهچون. ان جوان عرض ڪيو ته مان ڪا اهڙي عبادت ڪونه ٿو رکان جنهن جي وسيلي سان دعا گهران تون دعا گهر ته مان آمين چوان. ائين ڪيائون ۽ دعا گهريائون ته مينهن وسي پيو جڏهن اهو جوان موڪلائي روانو ٿيو ته مينهن به ويندو رهيو ۽ اهو نبي سڳوري عليه الصلواة والسلام جو قاصد اجان بينو هو ته سچ ظاهر ٿيو ۽ ان ويندڙ نوجوان کي سڏي فرمايائين ته تو چيو هو ته مون ڪا عبادت نه ڪئي آهي. ڪيئن دعا گهران پر هينئر خبر پيئي ته مينهن ته تنهنجي ڪري آيل هو. تون پنهنجو حال ته مون کي ٻڌاءِ! ان نوجوان عرض ڪيو ته ٻي ڪا خبر نه اٿم. مگر هيءَ ڳالهه آهي جو ان ٻانهيءَ جي نصيحت جي ڪري توبه ڪئي هيم. ان قاصد فرمايو

تہ ڳالھہ بہ اھا آھي. الله تعاليٰ وٽ جيڪا مقبوليت توبہ ڪندڙ کي هوندي آهي، اها سڀ ڪنهن کي نہ هوندي آهي. الله تعاليٰ جو خوف رکڻ ۽ زهد قبول ڪرڻ ظاهر ۾ ڀڳرو آهي (مگر اصل فائدو ان ۾ آهي) ۽ (حضرت) حاتم اصم (عليہ الرحمت) فرمايو آهي تہ رهڻ جي پلي ۽ جاءِ تي مغرور نہ ٿيو جو ڪابہ جاءِ بهشت کان ڀلي نہ آهي ۽ خبر اٿو تہ حضرت آدم عليہ السلام ڇا ڏٺو. بلعم (بن) باعور وڏي علم وارو هو (الله تعاليٰ جي پاڪ نالي) مبين جو ڄاڻو (عامل) هو. جڏهن مٿي نگاهہ ڪندو هو تہ عرش جي ٿنين کي ڏسندو هو ۽ هيٺ نظر ڪندو هو تہ تحت الثريٰ ڏسندو هو. پر ان جي باري ۾ هيءَ آيت آئي.

"فَمَثَلُهُ كَمَثَلِ الْكَلْبِ إِنْ تَحْمِلْ عَلَيْهِ يَلْهَثْ أَوْ تَتْرُكْهُ يَلْهَثْ"

ان جو مثال ڪتي وانگر آهي، جيڪڏهن ان تي بار ڪڻندين تہ زبان ڪڍي سهڪندو ۽ جيڪڏهن ان کي ڇڏيندين تہ بہ زبان ڪڍي سهڪندو.[48]

نيڪن ۽ صالحن جي صرف زيارت ڪرڻ تي غور نہ ڪيو جو پنهنجن ماٽن حضور ﷺ کي گهڻو (ظاهري طرح) ڏٺو ۽ مليا هئا. پر ان جي باوجود بہ مسلمان نہ ٿيا.

(الله تعاليٰ جو فرمان آهي).

"فَيُضِلُّ اللَّهُ مَنْ يَشَاءُ وَيهدِي مَن يَّشَآءُ"

پوءِ الله جنهن کي گهري تو گمراهہ ڪري ٿو ۽ جنهن کي گهري ٿو

---

48 سورت الاعراف آيت 176

ثواب آهن (هي آهن) عدل ڪرڻ، سخاوت ڪرڻ، شريعت پاڪ ڏي توجهه ڪرڻ، خير جي دعا گهرڻ، نماز پڙهڻ، ماءُ ۽ پيءُ کي پاڻ کان خوش رکڻ، حضور صلی الله عليہ وسلم تي صلوات شريف گهڻي پڙهڻ، دل ۾ الله تعالیٰ جي محبت گهڻي رکڻ، بردباري ڪرڻ، رحم ڪرڻ، (جائز حد اندر) هر ڪنهن کي پاڻ کان راضي ڪرڻ ڪنهن کي غلطي معاف ڪرڻ بري کي بروءِ چڱي کي چڱو سمجهڻ عمل جو ڏيو روشن ڪرڻ، (ماڻهن جي لنگهڻ وارا) رستا صاف ڪرڻ ۽ ٻهارڻ، حلال ڪائڻ، صالح هجڻ، الله تعالیٰ جي رضا تي راضي رهڻ، سچ جو ڪلمو زبان تي هلائڻ ۽ حياء ۽ وفا رکڻ والله اعلم بالصواب! سمجهڻ گهرجي تہ قيامت ۾ ڏڪار جهڙي حالت هوندي ڏڪار ۾ جيڪو طعام رکندڙ هوندو خوش هوندو ۽ جيڪو نہ رکندو غمناڪ هوندو اهڙيءَ طرح قيامت ۾ بہ تابعداريءَ جو ثمر رکندو تہ خوش هوندو ۽ جيڪو نہ رکندو تہ غمگين هوندو. جيڪو خوشحاليءَ جي وقت ڏڪار لاءِ سوچيندو اهوئي آئندي جو اونو رکندو ع.

"ازينجا چراغ عمل برفروز"

هتي ئي عمل جو ڏيو روشن ڪر!

هڪ پيغمبر سڳوري عليہ الصواة والسلام پنهنجي دشمن ڏانهن ماڻهو موڪليو جنهن ساڻس چار سؤ سال دشمني ڪئي هئي پر ان ماڻهوءَ کي پيغمبر سڳوري عليہ الصلواة والسلام فرمايو تہ!

ان کي دڙڪو نہ ڏجان ۽ ان سان سخت نہ ڳالهائجان.

تون ان مومن جي حق ۾ ڇا چوندين جنهن ستر سال توحيد (جي

عقيدي) ۾ گذاريا هجن. جڏهن الله تعاليٰ ملڪ الموت کي ان ڏي موڪلي ٿو تہ ان کي فرمائي ٿو! "ان ٻانهي سان نرمي ۽ سهڻو سلوڪ ڪجان".

"اَن لاَ تَخَافُو وَلاَ تَحزَنُو!"

نہ ڪو خوف ڪيو ۽ نہ ڪو ڏک ڪيو[51]

جو ان کي اعلان ٻڌاءِ. الله تعاليٰ جي رحمت ۾ عجب نہ ڪر ۽ ان جي ڪرم کان نااميد نہ ٿي. هڪڙي قوم وارا ماڻهو گهوڙن تي سوار ٿي جنگ جي ميدان ۾ رهيا ۽ سڄي عمر سپاهي ٿي گذاريائون ۽ وڏي عمر تائين ڪفر تي ثابت قدم رهيا. مگر جڏهن الله تعاليٰ جي بي انتها ڪرم جي نوازش ٿي تہ ان ئي جنگ جي ميدان ۾ انهن مڙني کي نوازيائين. گناهہ بخشي توحيد جو عقيدو ۽ شهادت ڏئي انهن کي بهشت نصيب ڪيائين ۽ اهي ايمان سان جان ڏئي هميشہ وارين نعمتن کي پهتا. الله تعاليٰ جي عدل کان اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي جو هڪڙو (شخص پاڻ کي) عبادت جي جاءِ ۾ رکي ۽ ساهہ ۽ دل (وصال جي) شوق ۾ ٻاري پچاڙيءَ ۾ هڪ گناهہ جي ڪري ان کي پنهنجي درگاهہ کان پري رکي. (الله تعاليٰ سان ان جي غضب کان پناهہ ٿا گهرون) جيڪو بہ هڪ پيرو الله تعاليٰ جي بي عيب هجڻ جي شاهدي ڏئي ٿو الله تعاليٰ ان کي پنهنجي رحمت کان هرگز جدا نٿو ڪري بيشڪ اهو بخشيندڙ مهربان آهي. هڪ ڏينهن (حضرت) موسيٰ (عليہ الصلواة والسلام) الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ مناجات ڪرڻ ٿي ويو هڪ شخص ڪيس مليو ۽ چيائين تہ اي

[51] سورت حٰمٓ السجده آيت 30

(حضرت) موسىٰ (عليہ الصلواة والسلام) ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ پاڻ فرمايائون تہ (الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾) مناجات ڪرڻ ٿو وڃان. ان چيو تہ منهنجو پيغام الله تعاليٰ کي پهچائجان ۽ چئجان تہ مون کي تنهنجي خدائيءَ کان شرم ٿو اچي، جيڪڏهن تون مون کي رزق ٿو ڏين تہ بيهر نہ ڏي جو مونکي تنهنجي روزي نہ گهرجي. (حضرت) موسىٰ عليہ السلام هن سخن کان ڏڪي ويو ۽ ( (طور جبل ڏي) ويندو رهيو. جڏهن مناجات کان فارغ ٿيو ۽ واپس ٿيڻ جو ارادو ڪيائين تہ حڪم آيو اي موسىٰ! ان ٻانهي جي امانت پهچاءِ. عرض ڪيائين تہ يا الله! مون کي شرم ٿو اچي، جو مان (اهي) لفظ چوان ۽ تون، پاڻ ڄاڻين ٿو تہ ڇا چيو هئائين. فرمان ٿيو تہ ! پيغام ضرور پهچاءِ (حضرت) موسىٰ (عليہ الصلواة والسلام) جيڪي ٻڌو هو اهو عرض ڪيائين. (الله تعاليٰ جو) حڪم ٿيو تہ، ان ٻانهي کي چئجان تہ جيڪڏهن توکي منهنجي خدائي مان شرم ٿو اچي تہ مون کي ان ڳالهہ کان شرم نہ آهي تہ تون منهنجو ٻانهو آهين. مان توکي رزق ڏيندو رهندس. تون گهرين يا نہ گهرين ۽ جيڪڏهن انهن لفظن کان رجوع ڪري توبہ ڪندين تہ مان توتي رحم ڪندس ۽ تنهنجي براين کي نيڪين سان بدلائي ڇڏيندس. جڏهن موسىٰ عليہ السلام واپس موٽيو تہ ان شخص کانئس پڇيو تہ، منهنجو پيغام پهچايئي؟ حضرت موسىٰ عليہ السلام فرمايو تہ مون پاڻ ڪونہ پهچايو. پر رب العزت (جل شانہ) پاڻ هيءُ جواب ڏنو. اهو شخص سخت پريشان ٿيو ۽ (حضرت موسىٰ عليہ الصلواة والسلام) کي عرض ڪيائين تہ، مون کي ايمان جي تلقين ڪريو. (پاڻ ان کي

ايمان جي تلقين ڪيائون) ايمان آڻي مسلمان ٿيو ۽ سجدي ۾ پئجي رهيو. (حضرت) جبرئيل ۽ (حضرت) عزرائيل (عليهماالسلام) گڏ پهتا ان جو ساهہ ڪڍيائون ۽ ان جي براين کي چڱاين سان مٽايائون. جڏهن الله تعاليٰ جي ڪرم ۾ جائز آهي جو ٽي سؤ سالن جي ڪفر کي هڪ گهڙيءَ جي توبہ سان معاف ڪري تہ پوءِ جيڪڏهن پنجاهہ سالن جي گناهن کي پنجاهہ سالن جي توحيد سان بخشي تہ عجب نہ آهي. بيشڪ اهو ويجهو قبول ڪندڙ آهي. (حضرت) سفيان ثوري (عليہ الرحمة) فرمايو آهي تہ هڪ ڀيري سفر ۾ اهڙيءَ جاءِ تي پهتس، جتي ماڻهو گهڻا گڏ ٿيل هئا ۽ هڪڙو تخت رکي ان تي ڪپڙا رکيا هئائون. مون انهن کان پڇيو تہ هتي ڇو گڏ ٿيا آهيو؟ ۽ هيءُ تخت ڪنهن جو آهي؟ چيائون تہ اسان جو هڪ زاهد آهي جيڪو هن جبل ۾ رهندو آهي. سال ۾ هڪ ڀيرو هن جبل مان هيٺ اچي تخت تي ويهي بہ نصيحتون ڪري واپس هليو ويندو آهي ۽ اسان کي اهي بہ نصيحتون سڄو سال ڪافي هونديون آهن. (حضرت) سفيان ثوري (عليہ الرحمة) فرمايو تہ مان بہ اتي ويهي رهيس. هڪ پوڙهو وڏن وارن وارو نيڪ ۽ صالح آيو ۽ ان تخت تي ويهي انهن ماڻهن ڏانهن منهن ڪري فرمايائين تہ اي انسانؤ! اوهان مان ڪو بہ اهڙو ناهي جنهن ۾ بيماري ناهي. هڪ مِهر جي بيماري ٻي مُهر جي. مِهر جي بيماري دنيا جي محبت آهي ۽ مُهر جي بيماري ڪيسي تي مهر رکڻ آهي. دنيا تان محبت کڻو ۽ دين سان محبت رکو ۽ ڪيسي تان مُهر کڻو ۽ زبان تي مُهر رکو تہ ٻنهي بيمارين کان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو. اهي بہ نصيحتون ڪري هيٺ لٿو هليو ويو. هاڻي اسان ۾ اهڙا ماڻهو آهن

جو جيڪڏهن انهن کان سؤ (100) نمازون ضايع ٿي وڃن تہ انهن جو افسوس نہ ٿيندو ۽ جيڪڏهن هڪ دينار انهن کان گم ٿي ويندو تہ هزارين قسمن جو ماتم ڪندا ۽ (حضرت مولانا) ضياءُ الدين نخشبي عليہ الرحمة فرمايو آهي تہ هن کان اڳم اهڙا ماڻهو هوندا هئا جو ٻين جي گناهن ڪرڻ جي ڪري انهن کي تڪليف محسوس ٿيندي هئي (هاڻي پاڻ ٿا گناهہ ڪن تہ بہ فڪر نہ اٿن) پراڻي رسم آهي تہ بهار جي موسم ۾ ماڻهو راندين ۽ خوشين ۾ مشغول ٿيندا هئا. جڏهن موسم ايندي هئي تہ حضرت معروف ڪرخي (عليہ الرحمة) جيڪو طريقت جي جهان جو بهار هو بيمار ٿي پوندو هو ۽ فرمائيندو هو تہ وري بهار جي موسم آئي آهي ۽ ماڻهو راندين ۽ خوشين ۾ مشغول ٿيندا. ۽ روايتن ۾ آيل آهي تہ مومن ٻانهو جڏهن دنيا کان ٻاهر ويندو ۽ بہ ٿي ماڻهو ويهي ان جي تعريف ڪندا تہ حڪم ايندو تہ هيءُ ٻانهو ايترو نيڪ نہ هو ۽ گهڻا پيرا مون کي ايذايو هئائين ۽ گناهہ ۽ ٻي فرمانيون بہ ڪيون هئائين، پر جڏهن تہ ٻن ٽن مؤمنن ان جي تعريف ڪئي آهي ۽ مون مؤمنن کي پنهنجو شاهد سڏيو آهي تہ منهنجي ڪرم جي لائق نہ آهي جو پنهنجي شاهدن جي شاهدي رد ڪيان. اي ملائڪو! شاهد ٿجو تہ مون ان کي بخشي ڇڏيو.

(جيئن قران ڪريم ۾ آيو آهي)

" إِنَّ اللَّهَ يَغْفِرُ الذُّنُوبَ جَمِيعًا إِنَّهُ هُوَ الْغَفُورُ الرَّحِيمُ"

بيشڪ الله سيئي گناهہ بخشي ٿو، بيشڪ اهو بخشيندڙ مهربان

آهي.[52]

۽ ارشاد السالڪين ۾ لکيل آهي تہ جڏهن ملڪ الموت مومن جي روح کي قبض ڪرڻ لاءِ ايندو آهي تہ الله تعاليٰ جي بارگاهہ مان ستر (70) ڀيرا فرمان ايندو آهي تہ منهنجي ٻانهي جو ساهہ آسانيءَ سان ڪڍجان. چار شيون چئن شين سان گڏ نہ هونديون آهن: 1. دنيا سان گڏ دين نہ هوندو. 2. نفس جي خواهش سان گڏ خدا نہ ملندو. 3. خلق جي (ناجائز طريقي واري) ديدار سان گڏ حق جو ديدار نہ ٿيندو. 4. خلق جي (ناجائز راضي ڪرڻ سان) الله تعاليٰ راضي نہ ٿيندو. جڏهن سڪندر کي تابوت ۾ رکيائون تہ ان جي چوڌاري ڪيترا (حڪيم) گڏ ٿيا. هڪڙي حڪيم چيو تہ اي بادشاهہ! اڄ ڏينهن تائين سڄي جهان تو ۾ اميدون رکيون هيون تہ تون انهن تي (مهربانيءَ جي) نگاهہ ڪرين. اڄ تون مؤمنن جي دعا ۾ اميد رکيو پيو آهين. ٻئي حڪيم چيو اي بادشاهہ! (اڄوڪي ڏينهن تائين) ملڪ جا ڪاريگر درزي تنهنجا ڪپڙا (سهڻي نموني) نتي سبي سگهيا. اڄ هڪ ٻڍڙيءَ عورت تنهنجي ڪفن کي سبيو آهي ۽ تون ان جي روڪڻ ڪان عاجز آهين. ٽئي حڪيم چيو اي بادشاهہ! اڄ تنهنجو نالو خطبي مان ڪڍي ڇڏيائون ۽ تنهنجي خزانن کي لٽيو ويو آهي۽ تنهنجي حڪومت کي ٻين ورتو آهي، پر توکي انهن جي دفع ڪرڻ ۽ کسڻ جي طاقت نہ آهي. چوٿين حڪيم چيو اي بادشاهہ! اڄ ڏينهن تائين ننڍن ملڪن جا بادشاهہ بہ تنهنجا وزير لڳا پيا هئا، هينئر زمين جي هيٺان تو وٽ ڪيڙا هوندا. پنجين

---

[52] سورة الزمر آيت 53

حڪيم چيو اي بادشاھ! (اڄ ڏينهن تائين) تون گھڻي روشنائي رکندو هئين قناعت نہ ڪندو هئين، هاڻي قبر جي اونداهيءَ ۾ خوش ٿيندين. ڇهين حڪيم چيو اي بادشاھ! (اڄ ڏينهن تائين) جنگ ڪرڻ جي لاءِ ساري زمين تي گھمندو هئين، هاڻي زمين جي هيٺان تو سان جنگ ٿيندي، ستين حڪيم چيو اي بادشاھ! (اڄوڪي ڏينهن تائين) تو لاءِ سڄي زمين جي بادشاهي بہ ڪافي نہ هئي، هاڻي زمين جي چئن گزن جي بادشاهي تي ڪفايت ڪئي اٿئي. هن ڪتاب جو مصنف (حضرت مخدوم محمد هاشم عليہ الرحمة) فرمائي ٿو تہ: جيڪڏهن مان اتي حاضر هجان ها تہ چوان ها. مال ان لاءِ هوندو آهي تہ عاجزيءَ وقت ڪم اچي، هاڻي تون پاڻ عاجز آهين مال ڇا ڪري؟ لشڪر بلائن ۽ دشمنن کي دفع ڪرڻ لاءِ هوندو آهي، هاڻي اهو ڇا ڪري؟ امير ۽ وزير ملڪ جي نظام کي صحيح هلائڻ لاءِ هوندا آهن، هاڻي اهي ڇا ڪن؟ دوست ڏپ ۽ هلاڪت وقت ڪم ايندا آهن، هاڻي اهي ڇا ٿا ڪري سگھن؟

شعر

اميري را کہ بر قصرش ہزاراں پاسباں بيني
کنوں بر قبہء گورش کلا غاں پاسباں بيني

جنهن امير جي محلات تي هزارين چوڪيدار ڏسندو هئين، هاڻي ان جي قبر جي قبي تي ڪانو چوڪيدار ڏسندين.

(هڪ روايت ۾ آهي ۽) روايت جو ذمو راويءَ تي آهي تہ اي درويش قيامت ۾ هيءُ سڄ ائين نہ هوندو جيئن هن جهان ۾ آهي. هن وقت پنهنجي اسان ڏي اٿس ۽ قيامت ۾ منهن اسان ڏي ڪندو. رب ڪريم

جي رحم تي اميد رکڻ فرض آهي جو اهو مومنن کي بهشت نصيب ڪندو ۽ ڪافرن کي جهنم ۾ وجهندو

(جيئن قرآن ڪريم ۾ سندس ارشاد آهي).

”إِنَّ اللَّهَ يُدْخِلُ الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ جَنَّتٍ تَجْرِي مِنْ تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ“

بيشڪ الله تعاليٰ داخل ڪندو انهن کي جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيائون. بهشتن ۾ جن ۾ هيٺان نهرون تيون وهن.[53]

جنهن کي باهہ ۾ ٻارڻ لاءِ ٻيون ڪاٺيون هونديون اهو عود (خوشبوءِ دار ڪاٺي آهي جنهن مان خوشبوءِ حاصل ڪئي ويندي آهي) کي نہ ساڙيندو. الله تعاليٰ کي جهنم ۾ ساڙڻ لاءِ ايترا ڪافر آهن. اهو مؤمن کي دوزخ ۾ نہ ساڙيندو.

(جيئن قرآن ڪريم ۾ سندس فرمان آهي).

”وَجَعَلْنَا جَهَنَّمَ لِلْكَافِرِينَ حَصِيرًا“

۽ اسان جهنم کي ڪافرن جي لاءِ جيل خانو بنايو آهي.[54]

اي مؤمنو! ڄاڻو ۽ سمجهو تہ بهشت ۽ دوزخ برحق آهن ۽ انهن جو اقرار ڪرڻو آهي، اُن جي ڪري ڪجهہ دوزخ جو عذاب ۽ ان جي هيئت بيان ٿا ڪيون تہ ڪوبہ ماڻهو الله تعاليٰ جي فضل کان سواءِ عبادت تي مغرور نہ ٿئي.

(قرآن ڪريم ۾ الله تعاليٰ جو فرمان آهي).

”وَإِنَّ جَهَنَّمَ لَمَوْعِدُهُمْ أَجْمَعِينَ“

---

[53] سورة محمد آيت 12

[54] سورت نبي اسرائيل آيت 8

۽ بيشڪ جهنم انهن سڀني جي وعدي واري جاءِ آهي.[55]
جڏهن هيءَ آيت نازل ٿي تہ (حضرت محمد) مصطفيٰ صلی الله عليہ وسلم روئندي، حضرت فاطمہ رضي الله عنها جي گهر ۾ آيا. حضرت بيبي فاطمہ رضي الله عنها عرض ڪيو تہ (اي سڀني جا) سردار! ڇا ٿيو آهي؟ فرمايائون اي (پياري) فاطمہ (رضي الله عنها) الله تعالىٰ فرمايو آهي تہ، دوزخ کي ست دروازا آهن، انهن مان گهٽ ۾ گهٽ دروازي ۾ ٻاهہ جا ستر هزار ميدان هوندا. هڪ هڪ ميدان ۾ ٻاهہ جا ستر هزار جبل هوندا. هڪ هڪ جبل ۾ ٻاهہ جون ستر هزار واديون هونديون، هڪ هڪ واديءَ ۾ ٻاهہ جا ستر هزار ڏڙا، هڪ هڪ ڏڙي ۾ ستر هزار شهر، هر هڪ شهر ۾ ستر هزار گهٽيون، هر هڪ گهٽيءَ ۾ ستر هزار حويليون، هر هڪ حويلي ۾ ستر هزار گهر، هر هڪ گهر ۾ ستر هزار صندوقون، هر هڪ صندوق ۾ ستر هزار نمونا عذاب جا مختلف هوندا. اهو ٻڌي حضرت فاطمہ (رضي الله عنها) منهن مبارڪ زمين تي رکي بيهوش ٿي وئي. الله تعالىٰ دوزخ ۾ اهڙا نانگ ۽ بلائون پيدا ڪيا آهن. جو هر هڪ نانگ وڏيءَ ڪجيءَ جيڏو هوندو ۽ هر هڪ وڇون وڏي اٺ جيڏو ان جي پڇ ۾ ستر ڏنگ هوندا. هر هڪ ڏنگ ۾ ستر مڻ زهر جا هوندا. جو جيڪڏهن ان زهر مان هڪ ڦڙو دنيا جي سڀني سمنڊن ۾ پوي تہ زهر ٿي وڃن ۽ جنهن کي بہ اهي نانگ ۽ وڇون ڏنگ هڻندا تہ ستر هزار سالن تائين ان جو درد رهندو. نعوذبالله من ذالڪ دوزخ ۾ گرم پاڻي ۽ ٿوهر هوندو جو جيڪڏهن هڪ پيالو ان مان زمين تي هارجي تہ سڄي زمين زهر

---

[55] سورة الحجر آيت 43

تي وڃي ۽ جڏهن اهو پيالو هٿ ۾ وٺندا ۽ پنهنجي منهن جي سامهون آڻيندا تہ سڄي منهن جو گوشت ۽ کل لهي ويندي ۽ جڏهن پيئندا تہ آنڊا ذرا ذرا ٿي ويندا. جڏهن ٿوهر کائيندا تہ گرم هوندو ۽ جڏهن اندر ۾ ويندو تہ رڳون ۽ آنڊا پيٽ کان ٻاهر ايندا ۽ ان گرم پاڻيءَ جي ڪري انهن جا مٿا ۽ کلون ۽ رڳون سڙي ڪري پوندا ۽ اڇا هڏا وڃي رهندا. پوءِ آواز ايندو تہ انهن جا بدن نوان تاهيا ويندا ۽ انهن کي نئون عذاب ڏيندو ۽ دوزخ ۾ ڪني رت ۽ پوءَ جون نهريون وهنديون دوزخي انهن جي گندگيءَ جي عذاب کان ڊانهون ڪندا ۽ انهن نهرين ۾ مڇيءَ جي بجاءِ نانگ ۽ وڇون هوندا. جيڪي دوزخيءَ کي هر هڪ ڏينهن ۾ ستر ڀيرا ڏنگ هڻندا. نعوذبالله. ياالله! اسان کي ٻاهہ کان ۽ پنهنجي قهر ۽ عذاب کان نيڪن جي سردار صلى الله عليہ وسلم جي صدقي بچاءِ.

## شفاعت جو بيان:

رب العزت جل شانہ جي محبوب ﷺ جي شفاعت جو بہ بيان ڪيان، جو سندس شفاعت حد ۽ نهايت کان وڌيڪ آهي. آندو اٿن تہ هڪ ڏينهن حضرت امام حسين (رضي الله عنہ) حضور ﷺ کي عرض ڪيو تہ ماڻهو اٺن تي سوار ٿين ٿا، مان بہ اٺ تي سوار ٿيان. پاڻ صلى الله عليہ وسلم فرمايو تہ "تون منهنجي پٺي (مبارڪ) تي سوار ٿي، مان تنهنجو اٺ آهيان. امام حسين (رضي الله عنہ) حضور صلى الله عليہ وسلم جي پٺيءَ تي سوار ٿيو ۽ پاڻ اٺن وانگر هلڻ لڳا. حضرت امام حسين (رضي الله عنہ) چيو تہ اٺن کي مهار هوندي آهي. (اوهان ۾ مهار ڪٿي آهي؟) حضور صلى الله عليہ وسلم مهار جي جاءِ تي پنهنجا وار مبارڪ ان جي هٿ ۾ ڏنا. وري امام حسين

فرمائن پيا. يا الله! منهنجي امتين کي بخش ڪر ۽ اُمتي اُمتي فرمائي رهيا هئا. اي الله! منهنجا اُمتي عالم, زاهد, روزا رکندڙ نمازي آهن! فرمان آيو ته, اي (محبوب) محمد صلي الله عليہ وسلم مٿئين ڳالهہ انهن جي فائدي جي تا ڪريو. اها ڳالهہ چو نہ ٿا ڪريو تہ (منهنجا امتي) عاصي, فاجر, بدڪار, گنهگار آهن. حضور مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم عرض ڪيو. ياالله! جيڪڏهن انهن ڏوهن وارا آهن تہ بہ مشرڪ نہ آهن. يا الله! جيڪڏهن گنهگار آهن تہ بہ تنهنجا سڃاڻيندڙ آهن. (ائين عرض ڪري) پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم روئي ڏنو. ۽ مون کين روئندي ڏسي عرض ڪيو تہ مَاهٰذَا البُڪَاءُ؟ (هيءُ روئڻ ڇا لاءِ آهي) پوءِ حضور ﷺ مون ڏي نهاريو ۽ فرمايو تہ, اي ابوبڪر. مبارڪ اٿئي جو الله تعاليٰ (منهنجي امت کي) بخش فرمايو. ارادو ڪيم تہ حضور صلي الله عليہ وسلم کي عرض ڪري پڇان تہ امت جي اڌ کي بخش فرمايائين يا سموريءَ امت کي تہ (اي عمر فاروق رضي الله عنہ) تو دروازو کڙڪايو ۽ مان سڄاڳ ٿي پيس. هاڻي خبر نہ آهي تہ سيني کي بخش ڪيائين يا بعض کي. (حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنهما, اها ڳالهہ ڪري بس ڪئي تہ) ان وقت دروازي تان آواز آيو تہ اي ابوبڪر! سيني کي بخش فرمايائين حضرت عمر رضي الله عنہ فرمايو تہ, مان ٻاهر ڊوڙيس تہ ڏسان ڪير تو ڳالهائي؟ حضرت ابوبڪر رضي الله عنہ فرمايو! اي عمر موٽي آءٌ اهو خضر عليہ السلام هو.

دنيا ۽ آخرت ۾ ڇوٽڪارو حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي

هڪ لفظ تي موقوف آهي. (سندن زبان مبارڪ امت جي معافي ملڻ لاءِ گهر ڪندي تہ معافي ملي ويندي) آندو اٿن تہ قيامت جي ڏينهن ماڻهو جڏهن حشر جي ميدان کان فارغ ٿي پلصراط تي ايندا تہ ٻيا نبي (سڳورا عليهم الصلواة والسلام) عرض ڪندا تہ يا الله! اسان کي هن پلصراط تان پار پهچاءِ. اسان جي امتن سان جيڪو حساب ڪرڻو اٿئي ڪر. پر اسان جو نبي صلی الله عليہ وسلم جيڪو جهانن جو سردار آهي پنهنجي امت لاءِ قرباني ڏيندو. الله تعالیٰ فرمائيندو تہ مون بخشي ڇڏيو ڇو تہ منهنجو مقصود تون آهين. جيڪڏهن چوين تہ ڪافرن کي بہ (ايمان جي دولت عطا ڪري) بهشت ۾ داخل ڪيان. جيئن هڪ روايت ۾ آهي.

## لَولَاکَ لَمَا خَلَقتُ الافلَاکَ

(اي محبوب) جيڪڏهن اوهان نہ هجو ها تہ آسمان کي پيدا نہ ڪيا ها. روايت ۾ آهي تہ رسول الله صلی الله عليہ وسلم گهڻو روئندا هئا اصحابن سڳورن رضي الله عنهم عرض ڪيو تہ يا رسول الله! صلی الله عليہ وسلم ايترو ڇو ٿا روئو؟ فرمايائون تہ پنهنجي امت جي گناهن تي روئي رهيو آهيان. اي عجب آهي جو هڪ هڪ گلاب جي عرق جي ڦڙي جي ايتري قيمت آهي جو هر هڪ مان ...... پيدا ٿو فرمائي ۽ (حضور صلی الله عليہ وسلم جي اکين مبارڪن مان وهيل) هيترن هزارن ڳوڙهن مان جيڪي گناهگار امت لاءِ وهايائون، جيڪڏهن الله تعالیٰ انهن ڳوڙهن جي مهابي گنهگارن کي بخشي تہ عجب نہ آهي. ۽ رب مهربان جي معافي بہ حد کان گهڻي آهي.

هڪ ڏينهن حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها سيدنا

محمد مصطفيٰ صلى الله عليہ وسلم کي عرض ڪري پڇيو تہ يا رسول الله! صلى الله عليہ وسلم ڪڏهن ملائڪن بہ مومنن لاءِ رنو؟ فرمايائون هائو! ان وقت جو (مومن پنهنجن) پٽن کان موڪلاڻي ڪري هڪ اک سان پٽن ڏي نهاريندو آهي ۽ ٻئي اک سان ملڪ الموت ڏي. ان وقت ملائڪ ان لاءِ روئن ٿا. جڏهن ان جو ساهہ ڇپن تي پهچندو آهي تہ ان جي نگهباني ڪندڙ ملائڪ ان تي روئن ٿا. جڏهن جنازو ٻاهر آڻيندا آهن تہ ان لاءِ ان جون جايون بہ روئنديون آهن، آسمان، عرش ۽ ڪرسي بہ ان تي روئن ٿا. جڏهن ان کي مٽيءَ ۾ دفن ڪري موٽن ٿا تہ رب العالمين اعلان ٿو ڪري تہ اي ملائڪو! هن غريب ويچاري کي ڏسو جو مڙئي موٽي وياءِ ان کي اڪيلو ڇڏي منهنجي حوالي ڪري ويا. اوهان شاهد ٿيو تہ مون ان کي بخش فرمايو. الله تعاليٰ جي رحمت جيتوڻيڪ حد ۽ نهايت کان گهڻي آهي پر (انسان کي سهڻا) عمل ڪرڻ بہ ضروري آهن. جو الله تعاليٰ پاڻ فرمايو آهي.

”وَأَنْ لَيْسَ لِلْإِنسَانِ إِلَّا مَا سَعَىٰ“

۽ ناهي انسان جي لاءِ مگر جيڪي ڪمايائين[56]

(حضرت علامہ عبدالرحمان) جامي (عليہ الرحمۃ) فرمايو آهي.

”اى غرهٔ برحمت خداوند
در رحمت او کسى چه گويند“

اي الله تعاليٰ جي رحمت تي غرور ڪندڙ. ان جي رحمت جي باري ۾ ڪير ڇا ٿو چئي سگهي؟

---

[56] سورة النجم آيت 39

"ہر چند کہ مؤثراست باراں
تاوانہ نیفگنی نروید"

يعني جيتوڻيڪ مينهن اثر ڪندڙ آهي پر جيستائين ٻج نہ ڇٽينديون تہ ڪجهہ نہ ڄمندو.

(ٻئي شاعر جو شعر) هن طرح آهي.

"درزمین دل ہمیں تخم محبت رابکار
تازآں اعمال نیکی ثمرہ یابی ای فتا"

دل جي زمين ۾ محبت جو ٻج پوک تانتہ اي نوجوان انهن عملن مان نيڪيءَ جو ميوو[57] حاصل ڪرين.

پيو ان جناب، الله تعاليٰ جي محبوب صلی الله عليہ وسلم جي حد کان وڌيڪ سهڻي اخلاق جو ڪجهہ بيان ڪيان. (حضرت) علي ڪرم الله وجهہ کان پڇيائون تہ ڪائنات جي سرور، موجودات جي برگزيدي (صلی الله عليہ وسلم) جو اخلاق ٻڌاءِ فرمايائين تہ الله تعاليٰ فرمايو آهي.

"قُلْ مَتَاعُ الدُّنيَا قَلِيلٌ"

چؤ(اي حبيب (صلی الله عليہ وسلم) تہ دنيا جو سامان ٿورو آهي.[58]

ٻي جاءِ تي فرمايائين.

"وَاِن تَعُدُّوْ اِنعمَتَ اللهِ لاتُحْصُوهَا"

ٻ جيڪڏهن الله جي نعمت کي ڳڻيندؤ تہ ڳڻي نہ سگهندؤ.[59]

---

[57] سورت النجم آيت 38

[58] سورة النساء آيت 78

[59] سورة ابراهيم آيت 33

جڏهن (دنيا جي نعمت) ٿوريءَ کي ڳڻي نہ ٿو سگهجي تہ حضور صلى الله عليہ وسلم جي اخلاق کي تہ الله تعالىٰ وڏو سڏيو آهي.

**"وَإِنَّكَ لَعَلىٰ خُلُقٍ عَظِيمٍ"**

۽ بيشڪ اوهان وڏي اخلاق وارا آهيو.[60]

(ان کي ڪيئن ٿو بيان ڪري سگهجي)

هڪ ڏينهن حضور صلى الله عليہ وسلم جن گهڻيءَ مان لنگهيا ٿي ويا. ٻارن راند ٿي ڪئي ۽ هڪ ٻئي تي مٿي تي اڇلايائون. اصحابن (سڳورن (رضي الله عنهم) ٻارن کي ان ڪري منع ڪئي تہ حضورﷺ تي مٽي نہ پوي. پاڻ ڪريم جن ﷺاصحابن (سڳورن رضي الله عنهم) کي منع ڪيائون تہ ٻارن کي نہ روڪيو اها انهن جي خوشي ۽ سُرورُ آهي. (ائين چئي) پاڻ اتاهين لنگهي ويا (حضرت مخدوم محمد هاشم صاحب عليہ الرحمة جا شعر)

"اى رحيمى نيک خوئى مهر جوئى باوفا
با حياوَ باسخا اى دوست رب العلىٰ"

اي مهربان، اخلاق وارا، محبت ڳوليندڙ وفادار، حياء ۽ سخاوت وارا، اي مٿاهين جي رب جا دوست.

"خُلق نيکوئى ترا خوانده خدا بى انتها
رحم از خُلق نما برهاشم مسکيں گدا"

اوهان جي سهڻي اخلاق کي الله تعالىٰ بي انتها بلند سڏيو آهي. پنهنجي سهڻي اخلاق سان هاشم مسڪين تي رحم ڪر.

"يا رسول الله فريادم برس

---

[60] سورة و القلم آيت 4

من نمی دانم وسیلہ جز توکس"

اي الله تعالیٰ جا رسول! (صلی الله علیہ وسلم) منهنجي دانهن ٻڌي پهچ. مان تو کان سواءِ ڪوبہ وسيلو نہ ٿو ڄاڻان.

"ای بلبل گلزار معانی کہ توئی
وی محرم اسرار نہانی کہ توئی"

اي (محبوب صلی الله علیہ وسلم) معنائن جي گلزار جي بلبل اوهان آهيو. ڳجهن رازن جا رازدار بہ اوهان آهيو.

"ہر کس کہ نشانی دوست می جست نیافت
ہم از تو بیابد آں نشانی کہ توئی"

جنهن ماڻهوءَ بہ پنهنجي دوست جو نشان ٿي ڳوليو تہ نہ ٿي لڌائين. پڻ اوهان کان ئي اهو نشان ليندو جو اوهان ئي آهيو.

الله تعالیٰ جو هڪ داناءُ ٻانهو ڪنهن سخيءَ ٻانهي جي دسترخوان تي حاضر ٿيو. جڏهن دسترخوان کوليائون تہ گهڻا طعام ۽ نعمتون ان بزرگوار جي اڳيان آندائون. پر ان انهن طعامن ڏي هٿ ڊگهو نہ ٿي ڪيو. مهماني ڪندڙ عرض ڪيو تہ سائين! هيءُ تہ حلال وجهہ مان آندل آهي. ڇاجي ڪري (استعمال نہ ٿا ڪيو) ان داناء فرمايو! ڪئين انسان بنا ڪاڏي جي ڪنڊ ۾ وينا آهن ۽ مان هتي نعمتن ۾ مشغول هجان اهو ماڻهپو نہ آهي صبحاڻي (قيامت جي ڏينهن) حضرت محمد صلی الله علیہ وسلم کي جو اڻ ڪٿ نعمتن جي دسترخوان تي وهاريندا تہ پاڻ عرض ڪندا اي الله! تنهنجو فرمان آهي،

وَ اَزْوَاجُهٗ اُمَّهٰتُهُمْ

۽ ان (نبي ﷺ) جون گهر واريون انهن (مؤمنن) جون مائرون آهن[61] مؤمن منهنجي جگر جا ٽڪرا آهن مان (حضرت) محمد (ﷺ) نعمتن ۾ ۽ مون محمد (صلي الله عليہ وسلم) جي جگر جا ٽڪرا تڪليف ۾. اهو ڪيئن تو جائز ٿي سگهي. يا تہ مون کي بہ انهن سان گڏ دوزخ ۾ موڪل يا انهن کي مون سان گڏ جنت ۾ داخل ڪرڻ فرماءِ. خطاب ايندو تہ اي حضرت محمد(صلی الله عليہ وسلم) اسين بهشت وارن کي دوزخ ۾ نہ موڪليندا سين پر (تنهنجي صدقي) دوزخ وارن کي بهشت ۾ ٿا موڪليون جو اسان جي ڪرم کي ڄاڻندا ۽ اسان جي عزت سڃاڻندا.

هندستان ۾ حضرت آدم عليہ السلام جي روضي مبارڪ جي مٿان ڪان هڪ وڻ آهي، جيڪو هر سال ۾ بہ گل جهليندو آهي ۽ هر هڪ گل ۾ ست پتيون هونديون آهن. ۽ هر هڪ پتيءَ تي لااالہ الاالله محمد رسول الله (صلی الله عليہ وسلم) لکيل هوندو آهي. اتي جي بادشاهہ اتي ماڻهو مقرر ڪري ڇڏيا آهن، تانت انهن گلن کي مضبوطيءَ سان سنڀالي رکن ۽ بادشاهي خزاني ۾ آڻين ۽ اهي انهن سان مريضن جو علاج ٿا ڪن. چون ٿا تہ جڏهن انهن گلن مان هڪ پتي ڪٽي انڌي جي اکين ۾ وجهندا آهن تہ الله تعاليٰ جي فرمان سان ۽ حضرت رسالت پناهہ عليہ الصلواة والسلام جي نالي جي برڪت سان اهو انڌو سڄو ٿي پوندو آهي. اي عجب! جنهن پن تي ڪلمو شريف لکيل آهي، اهو انڌي کي سڄو تو ڪري تہ جنهن دل تي قدرتي قلم سان ڪلمو لکيل ۽ ان جو ساهہ الله تعاليٰ جي

[61] سورة الاحزاب آيت 6

محبت ۾ سڙيل ۽ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم سان ڳنڍيل آهي. تہ اها دل بصيرت جي نور سان روشن ٿيل آهي. جيڪڏهن ڀانهو دل جي روشن اک کي ڪفر جي انڌيري سان انڌو نہ ڪري ۽ رب کي سڃاڻندڙ ماڻهو پاڻ کي اڻ سڃاڻ نہ ڪري ۽ الله تعاليٰ جي ڪرم کان پاڻ کي محروم نہ سمجهي هن کان بہ وڌيڪ عجب اهو آهي تہ ان وڻ مان جيڪو پن هيٺ ڪري ٿو ان ئي ساعت ۾ زمين ان کي ڳهي ٿي وڃي يا ڪو ملائڪ اچي ان کي کڻي ٿو ۽ الله تعاليٰ ۽ حضرت رسالت پناهہ صلي الله عليہ وسلم جي نالن جي احترام خاطر ڪنهن جانور کي طاقت نہ آهي جو ان پن کي کائي ۽ باهہ کي ان جي ساڙڻ جي طاقت نہ آهي تہ جيڪا مومن جي دل ايمان واري ۽ عرفان جي نور سان روشن ۽ الله جل جلالہ جي عشق سان سينگاريل ۽ حضرت محمد (مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم) جي محبت سان ڳنڍيل آهي، اها دوزخ جي باهہ سان ڪيئن سڙندي.

شعر

"در باغ دل و زمیں جانہائی
جزمہر محمدی نکشتیم"

دل جي باغ ۽ ساهہ جي زمين ۾ (حضرت) محمد (صلي الله عليہ وسلم) جي محبت کان سواءِ اسان ڪجهہ نہ پوکيو آهي.

"اسرار محبت محمد
بر صفحۂ جان و دل نوشتیم"

حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي محبت جا راز اسان دل جي صفحہ تي لکيا آهن.

"بانُور محمد شکی نیست

کزاہل سعادت بمستیم"

يعني اسان کي حضرت محمد صلی الله عليہ وسلم جي نور ۾ کو شڪ نہ آهي اسين نيڪ بخت آهيون.

اي جهانن جا رب لکين صلواتون ۽ سلام مهينن

۽ انهن ڏينهن ۾ وهڻ ۽ ويهڻ ۾ حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم ۽ ان جي اولاد، اڳواڻ مڙني تي.

شعر

"المنة لله کہ محمد نوراست

واز نور محمدی دلم مسروراست"

الله تعالیٰ جو احسان آهي جو (حضرت) محمد صلی الله عليہ وسلم نور آهي ۽ محمدي نور سان منهنجي دل خوش آهي.

"فردابہ ہزار سالہ راہ امت

از شعلہ آتش جہنم دوراست"

صبحاڻي (قيامت جي ڏينهن حضرت محمد (صلی الله عليہ وسلم جي) امت جهنم جي باهہ کان هزار ورهن جي واٽ تي پري هوندي (صلي الله عليہ وآلہ واصحابہ وازواجہ وسلم) (درد جي دانهن)

## حبيب اڪرم ﷺ جي دربار ۾ عرض[62]

[62] هن شعرن تي غور ڪرڻ سان صاف صاف ظاهر آهي تہ حضرت مولانا مخدوم هاشم ٺٽوي عليہ الرحمة جي عقيدي ۾ حضور صلی الله عليہ وسلم کان مدد گهرڻ غائبانہ سڏ ڪرڻ الله تعالیٰ جي مدد ۽ رحمت جو مظهر سمجهي پڪارڻ جائز آهي ۽ اسان اهل سنت ۽ جماعت جو اهوئي عقيدو ۽ ايمان آهي جيڪو سنڌ جي اڳين بزرگن جو عقيدو هو. الفقير محمد ادريس عفي نہ

"من درو مندم حضرتا، فریاد رس یا مصطفیٰ"
"پاره شده بهر خدا، فریاد رس یا مصطفیٰ"

اي حضرت مان درد وارو آهيان. اي مصطفيٰ (صلى الله عليہ وسلم) منهن جي دانهن ٻڌ. ٽڪرا ٽڪرا ٿيل آهيان. اي مصطفيٰ صلى الله عليہ وسلم خدا واسطي منهنجي دانهن ٻڌ.

"بیشک توئی محبوب حق فرماں برت جملہ طبق
درحکم تو ارض وسما فریاد رس یا مصطفیٰ"

اوهان ٻنهي جهانن جا بادشاهہ آهيو هنن اُمتين جي شفاعت ڪندڙ بہ آهيو. اي مٿاهينءَ جي رب جا دوست! اي مصطفيٰ صلى الله عليہ وسلم منهنجي دانهن ٻڌ.

"جملہ جہاں جن وبشر ہم این و آں زیرو زبر
از بہر تو آہو گواہ فریاد رس یا مصطفیٰ"

سيئي جهان انسان ۽ جن، هي ۽ اهي هيٺ ۽ مٿي اوهان لاءِ هرڻيون بہ شاهد آهن. اي مصطفيٰ صلى الله عليہ وسلم منهنجي دانهن ٻڌ.

"از عرش تازیر زمیں ہر چیز ہم روح الامیں
بہر تو شدای اصفیا فریاد رس یا مصطفیٰ"

عرش کان وٺي زمين جي هيٺئين حصي تائين سڀ شيون، روح الامين( جبرئيل عليہ السلام) بہ اوهان جي لاءِ اي پيلا (پيدا ٿيو) اي مصطفيٰ صلى الله عليہ وسلم منهنجي دانهن ٻڌ.

"ہم توشفیع المذنبیں ہم رحمتہ للعالمین
ای مرتضیٰ ای مجتبیٰ فریاد رس یا مصطفیٰ"

اوهان گنهگارن جي شفاعت ڪندڙ آهيو پڻ جهانن لاءِ رحمت آهيو اي برگزيدا ۽ اي پيلا! اي مصطفيٰ صلى الله عليہ وسلم منهنجي

دانهن ٻڌ.

"جزتو وسیله نیست کس بهر خدا فریاد رس

سلطان تخت اجتبا فریاد رس یا مصطفیٰ"

اوهان کان سواءِ ڪو وسيلو نہ آهي. خدا جي واسطي دانهن ٻڌ. اي ڀلائيءَ جي تخت جا بادشاهہ! اي مصطفيٰ صلی الله عليہ وسلم منهنجي دانهن ٻڌ.

"ای گوهر درج حیا وای اختر برج وفا

برهان تخت اصطفا فریاد رس یا مصطفیٰ"

اي حياء جي صندوق جا گوهر ۽ وفاداريءَ جي برج جا ستارا ڀلائيءَ جي تخت جا دليل اي مصطفيٰ (صلی الله عليہ وسلم) منهنجي دانهن ٻڌ.

"ای رهنمائی مومناں، حاجت روائی مسلماں"

مکرم، معظم، مهتدیٰ فریاد رس یا مصطفیٰ

اي مومنن کي واٽ ڏيکاريندڙ مسلمانن جي حاجت پوري ڪندڙ[63] عزت وارا، تعظيم وارا، هدايت جا صاحب. اي مصطفيٰ صلی الله عليہ وسلم منهنجي دانهن ٻڌ.

"ای بهتراز بهتراں، وای مهتراز مهتراں

ای اتقیاء و مرتجیٰ، فریاد رس یا مصطفیٰ"

اي ڀلن کان ڀلا ۽ اي سڻن کان سٺا، اي پرهيزگارن ۽ اميد رکيل، اي

[63] مسلمانن جي حاجت روائي ڪندڙ. ان لفظ مان ثابت آهي تہ حضرت مخدوم صاحب عليہ الرحمت جي نگاهہ عشق ۾ حضور صلی الله عليہ وسلم حاجتون پوريون ڪندڙ آهي ان ۾ انهن لاءِ عبرت آهي جيڪي ان عقيدي کي شرڪ چوندا آهن ۽ خواه مخواه مٿو هڻندا آهن.

مصطفیٰ صلی الله عليہ وسلم منهنجي دانهن ٻڌ.

"اي دستگير افتادگان، اي چارهء بيچار گان
بدرالدجیٰ شمس الضحیٰ، فرياد رس يا مصطفیٰ"

اي ڪريلن جو هٿ وٺندڙ ۽ بيچارن جا سهارا. اونداهيءَ ۾ چمڪندڙ چوڏهينءَ جا چنڊ. ڪچڙتي منجهند جا سج، اي مصطفیٰ صلی الله عليہ وسلم منهنجي دانهن ٻڌ.

"اي ميوهء باغ امان، اي طوطئ سبع مثان
اي صاحب نورالهدیٰ، فرياد رس يا مصطفیٰ"

اي امن جي باغ جا ميوا، اي قرآن ڪريم جا طوطا، اي هدايت جي نور جا صاحب، اي مصطفیٰ صلی الله عليہ وسلم منهنجي دانهن ٻڌ.

"نور نهال دولتي، نوربهار ملتي
اي حرمت باغ صفا فرياد رس يا مصطفیٰ"

اوهان دولت جي وجود جا ۽ ملت جي بهار جا نور آهيو ۽ اي صفائيءَ جي باغ جي عزت. اي مصطفیٰ صلی الله عليہ وسلم منهنجي دانهن ٻڌ.

"منصور، ممدوح بدر، صادق خبر نيڪوسير
خورشيد حق احسن لقا، فرياد رس يا مصطفیٰ"

بدر (جي جنگ) ۾ مدد ڪيل، ساراهيل ڳالهه جا سچا، سهڻي سيرت وارا، حق جا سج، سهڻي ديدار وارا. اي مصطفیٰ صلی الله عليہ وسلم منهنجي دانهن ٻڌ.

"اي مقصداقصی همم، عالي مقام ذي الکرم
اي درو منداں رادوا فرياد رس يا مصطفیٰ"

اي همتن جي نهايت جا مقصد، مٿاهين مقام وارا ڪرم جا صاحب، اي درد وارن جي دردن جي دوا. اي مصطفیٰ صلی الله عليہ وسلم

منهنجي دانهن ٻڌ.

"اى شاه اسرار قدم، وى ماه انوار حكم
برعاصى لطف نما، فرياد رس يا مصطفىٰ"

اي قديم اسرارن جا بادشاھ ۽ اي حڪمتن جي نور جا چنڊ، مون گنهگار تي لُطف ڪر، اي مصطفىٰ صلى الله عليہ وسلم منهنجي دانهن ٻڌ.

"اى نور صدق جان و دل، نورحديقه آب وگل
اى صاحب جود وسخا، فرياد رس يا مصطفىٰ"

اي ساھ ۽ دل جي سچائيءَ جا نور، پاڻيءَ ۽ مٽيءَ جي باغ جا نور، ڪرم ۽ سخاوت جا صاحب، اي مصطفىٰ صلى الله عليہ وسلم منهنجي دانهن ٻڌ.

اى روشنى عاسيان، نور خدا برتوعيان
اى نص ختم انبياء فرياد رس يا مصطفىٰ"

اي گنهگارن جي لاءِ روشني تنهنجي اڳيان الله تعالىٰ جو نور ظاهر آهي، اي دنيا تي نبين جي اچڻ جي ختم ٿيڻ جا نص، اي مصطفىٰ صلى الله عليہ وسلم منهنجي دانهن ٻڌ.

"بهر ابوبكر تقى، بهر عمر شاه نقى
از بهر عثمان ذوالحيا، فرياد رس يا مصطفىٰ"

(حضرت) ابوبڪر پرهيزگار، (حضرت) عمر شاھ صفائيءَ واري، حضرت عثمان حياء واري جي واسطي. اي مصطفىٰ ﷺ منهنجي دانهن ٻڌ.

"بهر علي المرتضىٰ، ازبهر حسن المجتبىٰ

بهر حسين شه كربلا، فرياد رس يا مصطفىٰ"

(حضرت) علي المرتضىٰ جي واسطي، (حضرت) امام حسن ڀلاين جي صاحب جي واسطي، ڪربلا جي شاهہ (حضرت) حسين (رضي الله عنہ) جي واسطي. اي مصطفىٰ صلى الله عليہ وسلم منهنجي دانهن ٻڌ.

"حرمت همہ اصحابها، حرمت همہ احبابها
لطفی بحال زارما، فرياد رس يا مصطفىٰ"

سيني اصحابن سڳورن رضي الله عنهم ۽ سيني پيارن جي مهابي. اسان جي ڏکويل حال تي ڪو لطف فرماءِ. اي مصطفىٰ صلى الله عليہ وسلم منهنجي دانهن ٻڌ.[64]

"اى حضرت سيد رسل، واى مهدى وهادى سبل
واى ختم سورت اصفيا، فرياد رس يا مصطفىٰ"

اي حضرت رسولن (سڳورن عليهم السلام) جا سردار ۽ اي هدايت وارا. (حق جي) واٽن ڏي هدايت ڪندڙ اي ڀلارن جي سورت جي پڇاڙي. اي مصطفىٰ صلى الله عليہ وسلم منهنجي دانهن ٻڌ.

"ملک و فلک ازنوراو، صافين شد مسروراو
اى آفرينش راسزا، فرياد رس يا مصطفىٰ"

ملائڪ ۽ آسمان اوهان جي نور مان آهن...... ۽ اي پيدا ٿيڻ جا سبب اي مصطفىٰ صلى الله عليہ وسلم منهنجي دانهن ٻڌ.

"اى نور حق پيداز تو اى ديده دل بيناز تو

---

[64] ضروري وضاحت

(1) اصل ۾ بهر حسن المجتبىٰ ڪان ڪي بہ لفظ لکيل نہ آهن مون ان ۾ مناسبت جي ڪري بهر حسين شہ ڪربلا جو اضافو ڪيو آهي.

اى مالک ہر دوسرىٰ، فرياد رس يا مصطفىٰ"

اي (اها ذات جو) حق جو نور اوهان مان ظاهر آهي ۽ دل جي نگاهہ اوهان جي صدقي روشن آهي. اي ٻنهي جهانن جا مالڪ. اي مصطفىٰ صلى الله عليہ وسلم منهنجي دانهن ٻڌ.

"باغ فصاحت راگلى، اى مرشد پيرو ولى
بہر توشدارض وسما، فرياد رس يا مصطفىٰ"

اي فصاحت جي باغ جا گل ۽ پيرن ۽ ولين جا مرشد اوهان لاءِ زمين ۽ آسمان پيدا ٿيا. اي مصطفىٰ صلى الله عليہ وسلم منهنجي دانهن ٻڌ.

"اين هاشم مسكين گدا، گفتہ ثنايى انتهىٰ
يا مرحبا يا مرحبا، فرياد رس يا مصطفىٰ"

يعني هن هاشم مسڪين گداگر ثنا چوڻ ۾ (پنهنجي طرفان) انتها ڪئي آهي اي مرحبا، اي مرحبا! اي مصطفىٰ صلى الله عليہ وسلم منهنجي دانهن ٻڌ.

عمل چڱا ڀلي گهڻا هجن، پر حضور صلى الله عليہ وسلم جي شفاعت کان سواءِ ڪوبہ بهشت ۾ نہ ٿو وڃي سگهي ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جي شفاعت ۽ رحمت ۽ امت تي شفقت حد کان گهڻي آهي. بعضي ماڻهو چون ٿا تہ حضرت (حبيب) صلى الله عليہ وسلم جي شفاعت کان سواءِ عملن جي اميد تي بہ جنت ۾ ويندا ۽ اهيئي چون ٿا تہ حضور صلى الله عليہ وسلم وفات ڪرڻ سان (معاذ الله) ٻين مئلن وانگر تي ويا ۽ جيئرا ناهن. هيءُ خالص ڪفر آهي، ڇو تہ الله تعالىٰ شهيدن جي حق ۾ فرمايو آهي.

”وَلَا تَحْسَبَنَّ الَّذِينَ قُتِلُوا فِي سَبِيلِ اللَّهِ
أَمْوَاتًا بَلْ أَحْيَاءٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ يُرْزَقُونَ“

۽ انهن کي مئل اصل نہ ڀانءِ جيڪي الله جي واٽ ۾ ڪُٺا ٿا وڃن بلڪ (اهي) پنهنجي رب وٽ جيئرا آهن رزق ڏنا ويندا آهن[65]

شهيد حضور ﷺ جي قدمن مبارڪن جي مٽي ۾ گھٽين جا چوڪيدار ۽ غلامن جا غلام آهن ۽ جڏهن ان جا غلام ايتري قدر وارا آهن تہ حضورﷺ جن پاڻ ڪيڏي نہ اعليٰ مقام ۽ زندگيءَ وارا هوندا. صحيح حديث ۾ آيو آهي، حضور صلی الله عليہ وسلم فرمايو تہ! مان موسيٰ (عليہ السلام) جي مزار ڪان لنگھيس تہ اهو پنهنجي قبر ۾ بيهي نماز پڙهي رهيو هو تہ اهو جيئرو آهي مئل ناهي پر جڏهن حضرت موسيٰ عليہ السلام ڪان اسان جو نبي ﷺ ڀلو آهي تہ ان جي زنده هجڻ ۾ ڪھڙو شڪ آهي ۽ جيڪو شڪ آڻي اهو ڪتو آهي.

شعر

”آنرا کہ اطاعت محمد باشد
گنجش زقناعت محمد باشد“

جنهن وٽ (حضرت) محمد (صلي الله عليہ وسلم) جي تابعداري هوندي ان وٽ (حضرت) محمد صلی الله عليہ وسلم جي قناعت جو خزانو هوندو.

”گر ہست امید رحمت عاصی را
آں ہم بشفاعت محمد باشد“

---

[65] سورت آلعمران آيت 169

جيڪڏهن گنهگار کي رحمت جي اميد آهي تہ اها بہ (حضرت حبيب) محمد (صلى الله عليہ وسلم) جي شفاعت سان هوندي. الله تعالىٰ ملڪ جو مالڪ وحده لاشريڪ لہ، پنهنجي رحمت جا دروازا کولي عاصين ۽ گنهگارن کي حضرت حبيب محمد صلى الله عليہ وسلم جي برڪت سان بخشيندو.

"اَللّٰهمّ صَلّ عَلٰي سَيّدِنَا مُحَمّدٍ وّعَلٰي آلِ سَيّدنَا مُحَمّدٍ وّاَصحَابہ وَازوَاجِہ وُذرِّيَاتِہ وَاَهِلِ بيتِہ وَعِترتِہ وَاَحِبَائِہ وَسَلّم"

(اي الله) ويچاري هاشم (حضرت مخدوم صاحب عليہ الرحمة) گناهن ۾ آواري زماني ۾ تباهہ گهر ۽ مال جي پريشان، سڄي جهان کان گهٽ، گناهن جي درياءَ ۾ ٻڏل، شريعت جي حڪمن کي بجا نہ آڻيندڙ کي پلاين جي ڪکرن مان وصال جي صاف پاڻيءَ جا ڦڙا ساهہ جي تارونءَ ۾ پهچاءِ. جيڪڏهن پنهنجي بي انتها (رحمت جي) درياءَ مان جهرڪيءَ کي پاڻي عطا ڪندين تہ ڇا گهٽ ٿيندو. جيڪڏهن پنهنجي احسان جي دسترخوان مان هڪ لقمو ڪولِ جي وات ۾ وجهندين تہ ڇا ٿيندو!

"اى كه فضل و كرم توزاندازه بيش است
اگر رحمت كنى برجائى خويش است"

اي (اها پاڪ ذات جو) تنهنجو فضل ۽ ڪرم اندازي کان گهڻو آهي. جيڪڏهن رحمت ڪرين تہ پنهنجي جاءِ تي (صحيح) آهي.

"خداوندا! غفورى و كريمى
هميشه برگنهگاراں رحيمى"

اي الله! بخشيندڙ ڪريم آهين، هميشہ گنهگارن تي رحم ڪندڙ آهين.

ويچاري جدائيءَ جي ڏڪويل، گهر ۽ مال ڪان پري ٽيل ڪي خوشيءَ ۽ وصال هاڻي ڪليو نصيب ڪر. غيب جي ڏوليءَ ۾ لڪل محبوب جو جمال جيڪو حقيقت وارن جي دلين جي باغن جي حضور جي زينت سان سينگاريل آهي ۽ سنهين ڳالهين جي ڪولڻ جي ڏينهن ۾ ان تي ايمان آڻڻ ۽ ان جي معرفت جي تازگي ڏڪين ڳالهين جي ڪولڻ لاءِ بهار آهي، نصيب فرماءِ.

"ياد تو ڪنم ولم بهر واز آيد
نام تو برم عمر شده باز آيد"

تنهنجي ياد گيري ٿو ڪيان تہ منهنجي دل اڏامڻ ۾ تي اچي ۽ تنهنجو نالو ٿو وٺان تہ گذريل عمر موٽي تي اچي.

"روزي كه حديث عشق آغاز کنم
با من در وَ ديوار بہ آواز آيد"

جنهن ڏينهن عشق جي ڳالهہ شروع ٿو ڪيان تہ مون سان دروازا ۽ پٽيون بہ آواز ۾ ٿا اچن (ڳالهائين ٿا).

اي ڪرم ڪندڙ اي حمد جا لائق! جنهن جي تعظيم واجب آهي، اي (اها پاڪ ذات جو تنهنجو) لطف هر قتيل دل ڪي شفا بخشيندڙ آهي ۽ تنهنجو ڪرم سڀ ڪنهن ڏڪويل دل جو ڏک ميٽيندڙ آهي. تنهنجي عنايت هر فقير مسڪين جو هٿ وٺندڙ آهي ۽ تنهنجي رحمت هر غم ۾ سڙيل دل جو مرهم آهي.

"اي آنکه نداريم بجز تو دگري
درحال خراب بندگاں کن نظري"

اي (اها پاڪ ذات) جو اسين تو کان سواءِ ٻيو (خدا) نٿا رکون، اسان ٻانهن جي خراب حال تي (مهربانيءَ جي) نگاهه فرماءِ.

"نی روز بروزه ایم ونی شب به نماز
بخشاء گناه ما بآهی سحری"

نه ڏينهن جو روزا ٿا رکون نه رات جو نماز ٿا پڙهون اسان کي پوئينءَ رات واريءَ آهه جي (صدقي) بخش فرماءِ.

اي هر شيءِ جا پيدا ڪندڙ!. اي الله (جل جلالڪ) حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جي صدقي اسان جي دل جي زمين ۾ پنهنجي محبت جو وڌندڙ وڻ پيدا ڪر ۽ ان کي معرفت جي تازي پاڻيءَ سان تازو رک. اسان جي سيني ڪمن کي پنهنجي عنايت سان ٺاهه. اي الله! پنهنجي ڪرم سان اسان جي حاجتن کي پورو ڪري عنايت فرماءِ. عام حالتن ۾ صبح ۽ شام ۾ اسان قول پڪا آهن. آخري پساهن ۾ اسان جي حال تي رحم ڪري اسان کي بخش فرماءِ.

يا الله! جيڪڏهن صبحاڻي مون کان منهنجي گناهن جي باري ۾ پڇندين ته مان عرض ڪندس يا الله! تنهنجي رحمت جا خزانا ڪٿي آهن؟ جو مون کي انهن مان ڀاڱو ملي ۽ جيڪڏهن مون کي ڏارين (ڪافرن) سان گڏ دوزخ ۾ موڪليندين ته دوزخ وارن کي تنهنجي محبت جي ڳالهه ٻڌائيندس. ع.

بدآں کرم کہ تو داری امید واری ہست"

جيڪو ڪرم تون رکين ٿو ته ان ۾ اميد آهي.

اي (اها پاڪ ذات) جو هڪ بيمثال، بي نياز بنا حرڪت ۽ سڪون جي آهي. پنهنجي انهن مستن ٻانهن جي مهابي جو اسرار وجود جي

ڪچهريءَ ۾ شهود جي انوار جو پيالو پيتو اٿن. ان رات جي مسافرن جي مهابي طلب جي انڌيري ۾ زحل (ستاري) کان مٿي وڃي عرش جو جهنڊو هنيو اٿن. عالم ارواح جي درياءَ ۾ جسمن جي ٻيڙيءَ تي سوار ٿي هستيءَ جي منزلن ۽ حق پرستيءَ جي مرحلن کي عبور ڪيو اٿن ۽ وصال جي ڪعبہ جي حرم جو احرام ٻڌي، دنيا جي مرادن حاصل نہ ڪرڻ واريءَ واديءَ ۾ عشق جي لبيڪ پڙهي اٿن ۽ پاڻ تي ۽ ساري مخلوقات تي فنائيت جون چار تڪبيرون پڙهيون اٿن ۽ ناز جي چوٽيءَ تان لهي نياز جي ڪعبہ جي چائٺ تي پهتا آهن. يا الله! پڇاڙيءَ زماني ۾ رت هارينڌڙ ڪنڌ ۾ شهوت جا ڏاڙيل آفتن جي جاين ۾ ويهي سلامتيءَ جون واٽون ويندڙ طريقت ۽ خدمت جو رستو وٺندڙ کي ڦرين ٿا. پنهنجي خاص عنايت اسان سان گڏ رک ۽ گمراهيءَ جي انڌيري ۽ جهالت جي اونداهيءَ ۾ هدايت جو ڏيو اسان جي واٽ ۾ رک. سيد الابرار ﷺ جي مهابي. آمين برحمتڪ يا ارحم الراحمين.

"يا الاهی جرم مارا در گذار
ما گنه گاریم تو آمرزگار"

اي الله اسان جا ڏوهہ بخش ڪر اسين گنهگار آهيون تون بخشيندڙ آهين.

"تونکو کاری و مابد کرده ایم
جرم بی اندازه بی حد کرده ایم"

تون چڱائي ڪندڙ آهين ۽ اسان برائي ڪئي آهي. اسان گهڻا ۽ بي حساب گناهہ ڪيا آهن.

اي دلين کي روشن ڪندڙ اي ذڪن ۾ خوشيون بخشيندڙ اسان

اُڄايلن کي هدايت جو پاڻي پيار. اي نور ۽ نار (باهه) جا خالق، اي ڪِولين ۽ نانگن کي رزق ڏيندڙ اي رحمت جي دروازن جا کوليندڙ اي مغفرت جا سبب پيدا ڪندڙ اي جسمن کي صورت بخشيندڙ، اي ارواح کي روشن ڪندڙ اسان ويچارن کي پنهنجي فضل ۽ احسان جي ونڊ ڏي ۽ اسان جي ڪارين دلين کي معرفت جي نور سان روشن ڪر.

حضرت محمد مصطفیٰ صلی اللہ علیہ وسلم جي مهابي.

شعر

"يارب بجناب ذوالجلام برساں
لب تشنه بدرائی زلالم برساں"

اي منهنجا پالڻهار! مون کي پنهنجي جلال واري بار گاهہ ۾ پهچاءِ. اڃايل آهيان مون کي (محبت جي) صاف پاڻيءَ جي درياءَ تي پهچاءِ.

"وازبهر وصال می کشم محنت هجر
زیں هجر بدولت وصالم برساں"

ملڻ جي اميد لاءِ جدائيءَ جي محنت ته ڪيان، ان جدائيءَ مان مون کي وصال جي دولت کي پهچاءِ.

"مرادهمه دوستانم برآر
مکن نزد ایشاں مراشرمسار"

منهنجي سيني دوستن جي مراد پوري ڪر، مون کي انهن وٽ شرمسار نہ ڪر.

"بود هر کسی رابچیزی هوس
تمنا من از توهمیں است و بس"

هر ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪنهن نہ ڪنهن شيءِ جي خواهش هوندي آهي، منهنجي تمنا اها ئي آهي ۽ بس.
اي الله! (جَلَّ جَلالک) پنهنجي رحمت جي سج سان اسان جي گناهن جي اونداهہ روشن ڪر. اي اها (پاڪ ذات) جنهن جو ذڪر وڏو ۽ احسان عام آهي. مشتاقن جي ساهہ کي ميثاق جي صبح سان ايمان جي نور جي سمنڊن تائين پهچاءِ. نبين (سڳورن) جي سردار (عليهم الصلواة والسلام) جي مهابي (اسان کي) معرفت جي خوشبوين سان خوشبودار بناءِ. اي اها پاڪ ذات، جو هن جهان ۾ گناهہ ڏسي ٿو تہ بہ پردو نٿو لاهي.

"گنہ بیند و پردہ پوشد بحلم"

يعني گناهہ ڏسي ۽ بردباريءَ سان پردو ڍڪي.

۽ ان جهان (قيامت ۾) جيڪڏهن رحمت ۽ احسان سان اسان فقيرن جا گناهہ بخشي ۽ اسان جي عملن واري دفتر مان ڪٽي ۽ ختم ڪري ۽ پنهنجي ڪرم ۽ لطف ۽ رحم سان سڌيءَ واٽ تي هلائي تہ ڪهڙو عجب آهي! بزرگن فرمايو آهي تہ. جيڪڏهن ٻانهو آهين تہ بار کڻ ۽ جيڪڏهن عارف آهين تہ هڪ بار جي بجاءِ هزار بار کڻ ۽ جيڪڏسن محب آهين تہ حضرت محبوب جا ناز برداشت ڪر ۽ جيڪڏهن موحّد آهين تہ ٻين تان هٿ کڻ ۽ مڙني کان پير ڪڍي وڃ. تون پروانو آهين ۽ محبوب جو جمال شمع آهي تون عاشق آهين ان جا محبت رکندڙ عاقل آهن ۽ ٻيا ديوانا. مان نہ عارف، نہ عابد ۽ نہ زاهد ۽ نہ صالح آهيان. گنهگار ۽ زماني ۾ ڪاري دفتر وارو آهيان. پر حضور صلی الله عليہ وسلم جو سچو محب ۽ انهيءَ سرور خيرالبشر صلی الله عليہ وسلم جو عاشق آهيان. الله تعالیٰ

کي خوار ڪيو آهي. باقي لفظن جي سختيءَ ۽ نرميءَ کي معاف ڪرڻ فرمائيندا. جو ننڍين کان خطا ۽ وڏن کان عطا ٿيندڙ آهي.

شعر

"بپوش گر بخطائی رسی وطعنہ مزن
کہ ہیچ نفس بشر خالی ازخطانبود"

يعني جيڪڏهن ڪا غلطي ڏسين ته ڍڪي ڇڏ ۽ طعنو نه هڻ. جو ڪوبه انسان (الا ماشاءَ الله) خطا کان خالي نه هوندو آهي.

مون هن نسخي جو نالو مدحنامہ سنڌ رکيو آهي، جيڪو 16 تاريخ ربيع الاول مهيني ۾ سن 1146 هه ۾ الله تعالیٰ جي (رحمت جي) پاڇي محمد شاه بادشاه (الله تعالیٰ ان جي قدر، ملڪ، عمر، غنيمت ۽ پاڇي ۾ واڌارو ڪري) جي بادشاهيءَ جي وقت لکيو ويو. هن نسخي جي پڙهندڙ کي عرض آهي ته مصنف کي خير جي دعا سان ياد ڪري.

## باري تعالیٰ جي بارگاه ۾ مناجات

"ای خالق ارض وسما لطف بحال زارما
ای گمرہاں راراہنما ہستی تو بیشک ذوالعطا"

اي زمين ۽ آسمان جا پيدا ڪندڙ! اسان جي ڏکن واري حال تي مهرباني فرماءِ. اي گمراهن کي واٽ ڏيکاريندڙ بيشڪ تون عطا جو صاحب آهين.

"من بندہ بیچارہ ام ازخان ومان آوارہ ام
بیچارہ ام بدکارہ ام، بخشاء ازجودوسخا"

مان ويچارو ۽ پنهنجو گهر ۽ مال کان جدا آهيان، ويچارو ۽ بدڪار

آهيان. (پنهنجي) ڪرم ۽ سخاوت سان (مون کي) بخش فرماءِ.

”اى خالق جن وبشر، عرش و فلک زيرو زبر
از لطف خودبرمن نگر، اى رازق ورب العلىٰ“

اي جنن ۽ انسانن، عرش ۽ آسمان، هيٺ ۽ مٿي جا پيدا ڪندڙ! پنهنجي مهربانيءَ سان مون تي نگاهہ ڪرڻ فرماءِ. اي رزق ڏيندڙ ۽ بلنديءَ جا رب.

”بدکرده ام در روزو شب زاں يافتم رنج و تعب
عمرم شده لهو ولعب، درمانده ام مشکل کشا“

رات ۽ ڏينهن برائي ڪئي اٿم ان جي ڪري ڏک ۽ تڪليف ڏٺي اٿم منهنجي عمر اجاين ڪمن ۽ راند ۾ وئي آهي، عاجز ٿي پيو آهيان (منهنجو) مشڪل حل ڪرڻ فرماءِ.

”برہاشم مسکيں گدا، لطفى نما اى مالکا
کن درد ول او را دوا، بهر محمدؐ مصطفىٰ“

اي مالڪ! هاشم مسڪين، پنڻ واري تي، مهرباني ڪر (حضرت) محمد مصطفىٰ صلى الله عليہ وسلم جي صدقي ان جي دل جي درد جي دوا ڪر.

## ٻي مناجات

”خدايا تودانى کہ درمانده ام
شب و روزاندر گنہ رانده ام“

اي الله. تون ڄاڻين تو تہ مان عاجز آهيان رات ۽ ڏينهن گناهن ۾ هليو آهيان.

"نداریم جزتو کسی درجہاں
توئی چارۂ کار بیچارہ گاں"

تو کان سواءِ جهان ۾ ڪو بہ (سهارو) ڪو نہ ٿا رکون، تون ئي ويچارن جو چارو آهين.

"خدایا بحرمت محمدؐ رسول
ہمیں عذربیچارہء راکن قبول"

اي الله! محمد رسول الله صلى الله عليہ وسلم جي صدقي، مون ويچاري جو عذر قبول ڪرڻ فرماءِ.

"توئی خالق آسمان و زمین
توئی رازق کافرو مؤمنین"

تون ئي آسمان ۽ زمين جو پيدا ڪندڙ آهين، تون ئي ڪافرن ۽ مومنن کي رزق ڏيندڙ آهين.

"تو ئی قاہر و مالک وبی نیاز
بدرگاہ تو آمدہ بندہ باز"

تون ئي غالب ۽ مالڪ ۽ بي نياز آهين تنهنجي درگاهہ تي ٻانهو موٽي آيو آهي.

"خطیّات اورابہ بخش ای کریم
کہ نام تو ظاہر غفور ورحیم"

اي ڪريم! ان جي گناهن کي بخش ڪرڻ فرماءِ جو تنهنجو نالو غفور رحيم ظاهر آهي.

"اگرچہ گنہگارم و پرخطا
بدیہائی ماگشتہ بی انتہا"

جيتوڻيڪ مان گنهگار ۽ خطائن ۾ پريل آهيان. اسان جون برايون

گهٽيون تي ويون آهن.

"شب وروز در حکم شیطاں شدم
ہمہ غافل ازکار رحماں شدم"

رات ۽ ڏينهن شيطان جي حڪم ۾ رهيو آهيان. مهربان (الله جل جلالهُ) جي فرمايل ڪم کان غافل رهيو آهيان.

"نہ گشتم دمی سوی تو مشتغل
بدم سوئی شیطان خوار و خجل"

تنهنجي طرف هڪ پساهه به مشغول نه ٿيس، شيطان خوار ۽ ذليل جي طرف هيس.

"نہ کشتم یکی دانئہ نیکوئی
زمیں جملہ پرشد زچندیں بدئی"

نيڪيءَ جو هڪ داڻو به نه پوکيو اٿم (منهنجي) گهٽين براين جي ڪري سڄي زمين پرجي وئي آهي.

"ہمہ غیبت مردماں کردہ ام
ہمہ روئی اندرجہاں کردہ ام"

مڙئي گلا ماڻهن جي ڪئي اٿم، مڙئي پنهنجو منهن جهان ۾ ڪيو اٿم.

"نہ کردیم نیکی نہ دادم زکواۃ
نہ روزہ نہ حج وطہارۃ صلواۃ"

نه نيڪي ڪئي اٿم نه زڪواة ڏني اٿم نه روزا (رکيا اٿم) نه حج ۽ پاڪائي، نماز (ادا ڪيا اٿم).

"ولی بہر پیغمبرو مرسلاں
و لیّاں خود نیک بخت جہاں"

۽ پر پيغمبر ۽ مرسلن (سڳورن عليهم الصلواة والسلام) جي صدقي،
پنهنجي ولين، جهان جي نيڪ بختن جي صدقي.

بيا مرز جمله خطياآتہا
امان خويش ده از بليّا تہا"

سيئي گناهہ بخش ڪرڻ فرماءِ. سيني مصيبتن کان پنهنجو امن ڏي

"مرادار محکم براه صواب
کہ ہستی تو بيشک غنی ووہاب"

مون کي سڌي واٽ تي مضبوط رک، جو تون بنا شڪ جي غني ۽
عطا ڪندڙ آهين.

"تو ده گوہر ايماں مارا فروز
شب تيره مارا تو گرداں فروز"

تون اسان جي ايمان جي موتيءَ کي چمڪ عطا ڪر، اسان جي
اونداهيءَ رات کي ڏينهن بناءِ.

دگر حبّ اصحابہا راست دار
ابوبکر، عثماں عليؓ کرّار

ٻيو (عرض هيءُ آهي تہ اسان ۾) اصحابن سڳورن (رضي الله عنهم)
جي محبت پوري پيدا ڪر، حضرت ابوبڪر، حضرت عثمان،
حضرت علي ڪرّار جي. (رضي الله عنهم)

چہارم عمر شاه عدل وسخا
مقدم مؤخر نگر اى فتا

چوٿون (حضرت) عمر (رضي الله عنہ) عدل ۽ سخاوت جو بادشاهہ
(هن کان) اڳ ۾ لکيل کي پوئتي جاڻ اي جوان، يعني حضرت عمر
جو نالو شعر ۾ پوئتي آندل آهي پر ترتيب اهائي سمجهو جيڪا

مشهور آهي.

خدایا تو بر دین سُنّی بدار
بکن رافضی راخراب و خوار

اي الله تعالىٰ! تون (مون کي) دين ۾ سني (عقيدي تي) رک رافضيءَ کي خوار ۽ خراب ڪر.

ہر آں کوز اصحابہا منکر است
تو بیشک بدانی کہ او کافر است

جيڪو به اصحابن (سڀني رضي الله عنهم) جو انڪار ڪندڙ آهي، تون شڪ کان سواءِ ڄاڻ ته اهو ڪافر آهي.

"خدایا مرا روز طاعت بہ بخش
عبادت سخاوت شجاعت بہ بخش"

اي الله! مون کي روزانو تابعداري نصيب ڪر- عبادت، سخاوت، بهادري نصيب ڪر

"و گر تندرستی و چستی بدہ
اقامت براہ درستی بدہ"

ٻي تندرستي ۽ چالاڪي ڏي، سڌي واٽ تي قائم رهڻ نصيب فرماءِ.

"دگر درجہان عزّ شانم بدہ
ز آفات دوران امانم بدہ"

ٻيو (هيءَ عرض آهي ته) مون کي جهان ۾ عزت ۽ شان ڏي، وقت جي مصيبتن کان مون کي امن ڏي

"عدُوّان مارا بلا بررساں
خراب و خجل کن بروئی جہاں"

اسان جي دشمنن کي مصيبت ۾ وجهه. سڄي جهان ۾ خوار ۽ خراب ڪر.

"مرااز عدوّان سلامت بدار
کہ ہستی تو بیشک جبّارو قہّار"

مون کي دشمنن کان سلامت رک جو تون بنا شڪ جي جبار ۽ قهار آهين.

"فزوں عمر وَ اقبال کن ای خدا
توانائی دانائی ہر چیز را"

اي الله! منهنجي عُمر ۽ بخت وڌاءِ [illegible]
طاقت وارو ۽ سيني شين جي ڄاڻ وارو آهين.

"تو بر راہ دینی مسلّم بدار
خطیّات جملہ مرا در گذار"

تون مون کي دين جي واٽ تي سلامت رک. منهنجي مڙني خطائن کي معاف ڪرڻ فرماءِ.

"بہ بخشائی برمن کہ ہستی کریم
رحم کن بمن زانکہ ہستی رحیم"

مون کي بخش ڪر جو ڪريم آهين،
مون تي رحم ڪر جو رحيم آهين.

"نداریم اعمال نیکی یکی
برایں حال من بخش کن بیشکی"

نيڪ عمل هڪ بہ نہ ٿا رکون، منهنجي هن حال تي بنا شڪ جي بخشش ڪر.

"گناہم اگربیش شدازحساب
ہمہ درگذاری رحیم و وہاب"

جيڪڏهن منهنجا گناهہ حساب کان گهڻا آهن، تہ بہ اي مهربان عطائون ڪندڙ مڙئي معاف ڪر.

"بضاعت نیاوردہ ام جز نیاز
نیاز قبولم کن ای دلنواز"

نياز کان سواءِ ڪا موڙي نہ آندي اٿم،
اي دليون نوازيندڙ منهنجو نياز قبول ڪر.

"بجز تو نداریم من ہیچکس
امیدم بدرگاہ تو ہست بس"

تو کان سواءِ ڪوبہ نہ ٿو رکان، بس تنهنجي ئي درگاهہ ۾ اميد اٿم.

"خدایا وجودم بروز قیام
در آری بسایہ علیہ السّلام"

اي الله! قيامت جي ڏينهن منهنجي وجود کي (حضور) صلى الله عليہ وسلم جي (رحمت) جي پاڇي ۾ آڻ.

"گناہگار ہاشم بدارو امید
زعفوش تو اورا مکن ناامید"

(حضرت مولانا مخدوم محمد) هاشم گنهگار اميد ٿو رکي. پنهنجي معافي کان انهيءَ کي نااُميد نہ ڪر.

مناجات پوري ٿي.

## تقريظ: 1

الحمد لله رب العٰلمين. والصلوٰة والسَلامُ عَلىٰ خَاتَمِ الاَنبِيَآء وَالمرسَلِينَ. سَيِّدِنَا وَمُرشِدِ نَا مُحَمَّدٍ وَعَلىٰ آلِہ وَاصحَابِہ وَآزواجِہ وَذُرِيَّتِہ اَجمَعِين.

"اما بعد رب العالمين احسن الخالقين "كُنَ" امر سان، كل كائنات، پيدا كري، كائنات مان، ڌرتيءَ ۽ آسمانن كي پوري پيماني تي ۽ سهڻو فرمايو. هن كائنات جي ذري، ذري لاءِ، كائنات جي كارڻي، رحمت للعالمين ﷺ، وصحبہ جن كي رحمت كري اُماڻيو آهي.

"وَمَآاَرسَلنٰكَ اِلاَّ رَحمَةً لِّلعٰلَمِينَ"

جهانن جي جوڙڻ هار ۽ اُپائڻهار، سمورا عالم اُپائي پنهنجو پاڻ پروار يعني ظاهر فرمايو:

"جوڙي جوڙ جهان جي، پاڻُ كيائين پروار،
هادي، حامي، هاشمي، سردارين سردار،
سونهين صحابن سڀ ۾، منجهہ مسجد مڻيادار،

## چارئي چڱا چوڌار، هتا هيڪاندا حبيب سين"

(ڀٽائي گهوٽ عليہ الرحمۃ)

دنيا جي ڌرتي مان، سچي سائينءَ، سبحانہ و تعالیٰ سنڌ جي سر زمين کي بہ سر سبز، شاداب، سهڻو آباد، شاد خوشحال پيدا فرمايو آهي. جنهن جي خوشبودار خمير مان، مٺيادار مرد، اعلیٰ عورتون پيدا ٿي چڪا آهن ۽ رهندڙ دنيا تائين پيدا ٿيندا رهندا. اسان جي هيءَ پياري پيارن ۽ سونهاري سر زمين، هر طرح ۽ هر هڪ نعمت سان مالا مالا ٿيل آهي، جنهن ۾ درياءَ ۽ ڏونگر، هُڙيون ۽ ٻيلا، پوکون ۽ گلستان، سون ۽ چاندي، پيٽرول ۽ هر قسم جا تيل موجود آهن، سنڌ جي سونهارن سپوتن ۽ مٺيادار مڙسن، مخدوم ابوالحسن ٺٽوي، قاضي قادن، شهيد گرهوڙيءَ، گهوٽ لڄادار لطيف پنهنجي منڙي ملڪ ۽ سونهاريءَ سنڌ جي ساراهہ ۽ واکاڻ، پئي ڪئي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ علامہ مخدوم محمد هاشم رحمة الله عليہ خاص ۽ سهڻو ڪتاب، نالي "مدح نامہ سنڌ" فارسي زبان ۾ تاليف فرمايو هو جنهن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ سليس ترجمو سنڌ جي جيد عالم، ممتاز مقرر، اعلیٰ اديب، خوش بيان خطيب ۽ محقق قرآن مجيد جي مفسر ۽ احاديث جي شارح، بلبل مدينة                ابوالبيان، پير روشن ضمير حضرت الحاج مولانا، مفتي محمد ادريس صاحب ڏاهري مدظلہ العالي جن ڪري، اشاعت هيٺ آڻڻ جو شرف ماڻي رهيا آهن.

تدريس، تقرير، تحقيق ۽ تحرير سان گڏوگڏ، مولانا موصوف جن، تصنيف ۽ تاليف طرف بہ تيز رفتاريءَ سان، پنهنجون وڪون

وڏائيندا رهن ٿا. اهو اهل سنڌ لاءِ نهايت نيڪ فال آهي جو اسان جا علماءِ ڪرام تصنيفات ۾ ٻہ رات، ڏينهان رڌل رهن ٿا. انهيءَ سلسلي ۾ قرآن مجيد جي مفسر واحاديث پاڪ جي شارح، مولانا محمد ادريس جن، نهايت گهڻو پاڻ پتوڙيندا رهن ٿا. سندن هر تصنيف چوڏهينءَ رات جي چنڊ وانگر، چمڪندڙ جرڪندڙ ۽ ٿڌي ٺانئري روح پرور روشني رسائيندي رهي ٿي. سندن قلم مان، هر وقت حقيقت جا هيرا، معرفت جا موتي ۽ املهہ ماڻڪ اظهار ٿيندا رهن ٿا. سندن لکيل سٽ سٽ ۾ سرهاڻ، باغن لاءِ بهار ۽ سنڌين جي لاءِ روشنيءَ جا مينار ۽ گلاب ڪان وڌيڪ، گل، غنچا، مکڙيون مهڪي، ٻهڪي ۽ ٽهڪي رهيا آهن. شال، رب العالمين جل جلاله ۽ رحمة للعالمين صلى الله عليہ وآلہ وصحبہ وسلم جن جي رحمتن فضل ۽ انعام سان، مولانا موصوف جن پنهنجي خاندان سميت، سلامت، تندرست ۽ شاداب هجن ۽ اهڙيءَ ريت، سندن تصنيفات ۽ تاليفات جو دائرو وڌندو ۽ ويجهندو رهي آمين.

انهيءَ ۾ شڪ نہ آهي تہ حضرت مترجم موصوف جن، علامہ مخدوم محمد هاشم رحمة الله عليه جن، جي "مدح نامہ سنڌ" جو سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري، سنڌي علم و ادب ۾ عظيم اضافو آندو آهي. ٻئي طرف وري، پنهنجي ساٽيهہ جي ساراهہ ۽ وطن جي واکاڻ ۾ قلم کنيو اٿن حقيقت ۾ وطن جي حب کي ايمان جو ڀاڱو ڪوٺيو ويو آهي، ۽ ڪافي ڪتابن ۾ لکيو ويو آهي تہ خاتم الانبياء و المرسلين سيدنا محمد رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن کي، سنڌ ساٽيهہ جي ٿڌڙي، سرهاڻ واري ۽ هنئڙي ٺار هير ايندي رهندي هئي. جنهن کان پاڻ سرها ٿيندا رهندا هئا منهنجي مطالعي مطابق، زير

نظر ڪتاب منڍ ملڪ جي مدح ۾ سنڌ جي ساراهہ ۾ پهريون ڪتاب پُر گلاب آهي، انهيءَ مان حضرت علامہ الحاج مولانا محمد ادريس جن کي، تحسين، جس ۾ مبارڪ ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان، پڇاڙيءَ ۾ هن مختصر تقريظ جي پڇاڙي مان پنهنجي هن بيت تي آڻيان ٿو.

سنڌ، سموري سُون، سنڌ سچي سُرهاڻ،
سنڌ سموري سَچُ، سنڌ ڪٿوري ڪاڻ،
سنڌ پٽائي گهوٽ جي، سنڌ ڏِئي سرواڻ،
سنڌ "قمر" ڪريم جي، سنڌ گرهوڙي" چاڻ،
موج پريو مهراڻ، سدا وهي سنڌ ۾"

(قمر لاکو)

**لاکو رحيم بخش "قمر"!**

خطيب جامع مسجد
مهراڻ يونيورسٽي، آف انجنئرنگ اينڊ
ٽيڪنالوجي، نواب شاهہ سنڌ.

# تقريظ: 2

## از: پروفيسر ڊاڪٽر غلام محمد ڏاهري

## حَامِدًا وّ مُصَلِّيًا

هيءُ ڪتاب "مدح نامه سنڌ" اصل فارسي ۾ علامه مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليه الرحمة جو لکيل آهي جنهن ۾ سنڌ جي فضيلت ۽ تعريف بيان ٿيل آهي هن ڪتاب جو اصل قلمي نسخو سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ۾ موجود آهي.

سنڌ جي هڪ مايه ناز عالم پير روشن ضمير استاد العلماءِ رئيس المفسرين، فخر المحدثين، شمس الواعظين حضرت علامہ الحاج محمد ادريس ڏاهري (شال الله تعالىٰ کين دنيوي ۽ اخروي نعمتن سان مالا مال فرمائي) انهيءَ فارسي ڪتاب جو سنڌي ترجمو ڪري ڪيترائي ايڊيشن شايع ڪرائي عوام الناس تائين پهچائي چڪا آهن.

پر هاڻي وري موجوده جديد دؤر جي تقاضا موجب ڪمپيوٽر تي ڪمپوزنگ ڪرائي ڪتاب ۾ سنڌ بابت اضافي احوال آڻي شايع ڪرائي رهيا آهن جنهن ڪري سندن اهو ڪارنامو قابل تحسين و فخر آهي ۽ الله تعالىٰ کين مزيد توفيق عطا فرمائيندو تہ جيئن ٻيو ڪو مواد سنڌ بابت هجي تہ ان تي بہ تحقيق ڪن.

سنڌ جي سرزمين اها شان ۽ فضيلت واري آهي جو ڏاڏي حوا عليها السلام جنت مان نڪرڻ ڪان پوءِ سنڌ ۾ پنهنجا قدم مبارڪ گهمايا آهن جيئن مشهور محدث ۽ فقيه علامه ملا علي قاري لکي ٿو: "لان آدم عليه السلام لما

اهبط الى الارض وقع بالهند ووقعت امراته حواءُ بالسند“ [1]

يعني: حضرت آدم عليه السلام زمين تي لهڻ وقت هندوستان پهتوءِ ۽ بي بي حوا سنڌ ۾ آئي. سنڌ جي عظمت ان مان بہ ظاهر آهي جو پاڻ سڳورن عليه الصلواة والسلام جي پنجن اصحابن سڳورن رضي الله عنهم سنڌ ۾ اچي اسلام جي دعوت ڏني آهي.

سنڌ جي فتح جيتوڻيڪ هڪ مجاهد محمد بن قاسم جي سپہ سالاريءَ هيٺ خليفي وليد بن عبدالملڪ جي دؤر ۾ پهرين صدي هجري جي آخري ڏهاڪي ۾ ٿي پر اسلام جو پيغام ان کان گهڻو اڳ سنڌ ۾ پهچي چڪو هو. جيئن علامه مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليه الرحمة پنهنجي بياض هاشميءَ ۾ علامه جلال الدين سيوطيءَ جي ڪتاب ”جمع الجوامع“ جي حوالي سان لکيو آهي.

”روي ان رسول الله صلى الله عليه وسلم ارسل كتابه الى اهل السند على يد خمسة نفرمن اصحابه رضي الله عنهم فلما جاؤا فى السند في بقعة يقال لها ”نيرن“ اسلم بعض اهله ثم رجع من اصحابه اثنان مع الوافد عليه من السند وبقي ثلاثة منهم فى السند واظهر اهل السند الاسلام وبينوا لاهل السند الاحكام وماتوا فيه وقبورهم فيه الآن موجودة [2]

**ترجمو**: روايت ڪئي وئي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن پنهنجن پنجن اصحابن سڳورن کي پنهنجو خط مبارڪ ڏئي سنڌين

---

[1] شرح نقايه جلد اول ڪتاب الحج مطبع سهارنپور دهلي ص 199

[2] علامه غلام مصطفىٰ قاسمي: مقدمه نور القرآن،مترجم احمد ملاح ص 3۔ ناقلاعن بياض هاشمي قلمي جلد 4 ورق 82. ايضاً مولانا قاضي اطهر مبارڪپوري ناقلا عن مجموعه ڪلمات ورسائل مولوي بخاري قلمي ورق 190.

ڏانهن موڪليو جڏهن اهي سنڌ ۾ نيرون ڪوٽ (حيدرآباد) پهتا تہ اتي جي ڪن ماڻهن اسلام آندو. ان ڪان پوءِ بہ صحابي سڳورا ميزبان سنڌيءَ کي ساڻ ڪري سنڌ کان واپس وريا ۽ انهن مان ٽي صحابي سڳورا سنڌ ۾رهي پيا. (انهن جي تبليغ سان) ڪيترن سنڌين اسلام کي قبول ڪيو ۽ اهي سنڌين کي اسلام جا احڪام ٻڌائيندا رهيا ۽ اتي ئي سنڌ ۾ وفات ڪيائون جن جون قبرون اڃان تائين اتي موجود آهن.

علامہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليہ الرحمة پنهنجي بياض هاشمي ۾ هي روايت هن طرح آندي آهي: **عن محمد بن علي بن ابي طالب رضي الله عنهما ان رسول الله صلى الله عليه وسلم: ذكرانه وفد عليه وفدان في يوم واحد من السند و ا فريقية بسمعهم وطاعتهم** [3]

ترجمو: حضرت محمد بن علي بن ابو طالب کان روايت آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو تہ "هڪ ئي ڏينهن ۾ سنڌ ۽ آفريقا مان مون وٽ بہ وفد پهتا جن رضا خوشيءَ سان اسلام ۽ فرمانبرداري قبول ڪئي"

هيءَ روايت حضرت علي المرتضىٰ شير خدا جي فرزند ارجمند حضرت محمد کان بيان ٿيل آهي جنهن کي ماءُ ڏانهن نسبت ڪندي محمد بن حنفيہ بہ سڏيو ويندو آهي ٽين صدي هجري جي مشهور مؤرخ ابن قتيبہ لکيو آهي تہ محمد بن حنفيہ جي والده سنڌي عورت هئي ۽ حضرت سيدنا علي المرتضىٰ رضي الله عنہ جي زوجہ محترمہ هئي علامہ ابن قتيبہ حضرت عليءَ جي اولاد جو بيان آڻيندي لکي ٿو:

**و محمدا امه خولة بنت اياس بن جعفر جار الصفا وهي الحنفية ويقال بل هي خولة بنت جعفر بن قيس ويقال بل كانت امة من سبي اليمامة فصارت الى علي وانها كانت امة لبني حنيفة سندية سوداء**

[3] علامہ غلام مصطفىٰ قاسمي مقدمہ نورالقرآن في ترجمة الفرقان

**ولم تکن من انفسهم**[4]

**ترجمو:** ۽ محمد (اڪبر) جنهن جي ماءُ خوله بنت اياس بن جعفر هئي هيءَ بنو حنفيه قبيلي مان هئي ڪن جو چوڻ آهي تہ سندس والده خوله بنت جعفر بن قيس هئي ٻين جو چوڻ آهي تہ اها جنگ يمامه ۾ قيد ٿي آيل هڪ ٻانهي هئي ۽ حضرت علي المرتضىٰ کي حصي ۾ ملي ۽ بنو حنفيه خاندان جي هڪ ٻانهي سنڌ جي عورت هئي، جنهن جو رنگ ڪارو هو ۽ خاص بنو حنيفه مان نہ هئي.

علامہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليه الرحمة اها ساڳي ڳالهہ پنهنجي ڪتاب وسيلة الغريب ۾ هن طرح لکي آهي:

چهارم محمد اکبر کہ مشهور بہ ابن الحنفيه است و والده او خولة بنت قيس بن جعفر است مولاي بني حنفية بود وازين جهت پسرش معروف بہ ابن الحنفية شده است وگويند کہ آن "خوله" سيه فام بود و سنديه بود اعني آمده بود از ملک سنده[5]

**ترجمو:** حضرت علي سائين جو چوٿون فرزند محمد (اڪبر) آهي جيڪو "ابن الحنفيه" جي ڪنيت سان مشهور آهي سندس والده خوله بنت قيس بن جعفر آهي جيڪا بنو حنفيه خاندان جي ٻانهي هئي ۽ انهيءَ سبب جي ڪري سندس فرزند "ابن الحنفيه" جي ڪنيت سان مشهور آهي چون ٿا تہ اها "خوله" سيه فام ۽ سنڌياڻي هئي يعني سنڌ جي ملڪ مان آئي هئي.

جيئن تہ سنڌ پراڻي زماني کان وٺي مشهور آهي ۽ سنڌ جا ڪيترائي ماڻهو عرب ۾ بہ هوندا هئا بلڪ سنڌي جت تہ وڏا حڪيم ٿي گذريا آهن جن مان هڪ سنڌي حڪيم سيده عائشه رضي الله عنها جو علاج ڪيو

---

[4] المعارف لابن قتيبه ص 91 – مطبع ڪراچي سال طباعت 1972ع

[5] وسيله الغريب الىٰ جناب الحبيب فارسي قلمي ص 21/20.

هو جيئن امام بخاري لکيو آهي.

"ان عائشة دبرت امة لها فاشتکت عائشة فسال بنو اخيها طبيبا من الزط" [6]

يعني حضرت عائشه رضي الله عنها پنهنجي هڪ ٻانهيءَ کي مدبر ڪيو ان کان پوءِ بي بي صاحبه بيمار ٿي پئي تہ سندس ڀائٽي هڪ جت (سنڌي) طبيب کي آندو.

اهڙيءَ طرح هڪ روايت جامع ترمذي ۾ موجود آهي تہ حضرت عبدالله بن مسعود ڀاڻ سڳورن عليه الصلواة والسلام سان گڏ ڪجھ ماڻهن کي ڏٺو جن جي شڪل ۽ صورت جتن جهڙي هئي. "بينا انا جالس في خطيٍ اِذ آتاني رجال کانهم الزط" [7] يعني: آءٌ پنهنجي چوڌاري ڪڍيل ليڪي (حلقي) ۾ ويٺو هوس تہ ڪجھ ماڻهو منهنجي ڀرسان آيا جيڪي جتن (سنڌين) جهڙا هئا. ياد رهي تہ مديني شريف ۾ قديم زماني کان سنڌي جت آباد هئا وڌيڪ ثبوت لاءِ ڏسو لسان العرب ۾ لکيل آهي تہ الزط: "جيل اسودمن السند" [8] يعني: جت سنڌ جا سانوري رنگ جا ماڻهو آهن اهڙي طرح ٻئي ڪتاب ۾ آهي "وبلد السند هو المنصورة واراضي الزط وما والاها الى الملتان" [9]. يعني سنڌ جو ملڪ منصور ۽ زط (جت) جا ڳوٺ ۽ ڀر وارا علائقا ملتان تائين پکڙيا پيا آهن. اهڙي طرح علامہ "ابو الفداءِ لکي ٿو: "واما البلوصون المذکورون فيقال لهم في زماننا الجت" [10]. يعني اسان جي زماني ۾ بلوچن کي جت سڏيو وڃي ٿو اهڙي طرح حديث معراج ۾ حضرت موسىٰ عليه السلام کي جسمانيت ۾ زطن (جتن) سان تشبيهہ ڏني وئي آهي. "واما موسىٰ فآدم سبط جسيم کانه من

---

[6] الادب المفرد للامام البخاري مطبع مصر ص 27 – باب بيع ا لخادم من الاعراب

[7] جامع ترمذي جلد 2, ابواب الامثال ص 109

[8] لسان العرب جلد 7 ص 308

[9] المسالک والممالک ص 35.

[10] تقويم البلدان بحواله عرب وهند ص 70.

رجال الزط" [11] يعني: حضرت موسیٰ عليه السلام ڪڪڙ رنگو قداور ۽ سهڻي جسم وارو جهڙو جٽن مان هو.

سنڌ جي عظمت ان مان بہ ظاهر آهي جو حضرت امام زين العابدين جي والده بہ سنڌي عورت هئي جيئن ٽين صدي هجري جو مشهور مؤرخ علامہ ابن قتيبه لکي ٿو: "واما علي بن حسين الاصغر: فليس للحسين عقب الا منه ويقال ان امه سندية يقال لها سلافه ويقال غزالة" [12].

**ترجمو**: ۽ پر حضرت علي بن امام حسين يعني علي اصغر (زين العابدين) انهيءَ مان امام حسين جو نسل ياقي بچيو چون ٿا تہ سندس والده سنڌي عورت هئي جنهن کي "سلافة" ۽ "غزاله" سڏيو ويندو هو.

علامہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليه الرحمة بہ پنهنجي ڪتاب "وسيلة الغريب" ۾ ان طرح لکيو آهي. "وحافظ ابن ڪثير در ڪتاب البداية والنهاية" گفته ڪہ والده امام زين العابدين رضي الله عنه: ام ولد است ڪہ نام اوسلافه بنت يزد جرد است ڪہ اين يزد جرد آخر ملوڪ فارس بود ودر بعضي روايات آمده ڪہ اين سلافد سنديه بود يعني بدست آمده بود از ملک سندھ يعني حافظ ابن ڪثير ڪتاب البداية والنهاية ۾ لکيو آهي تہ امام زين العابدين رضي الله عنه جي والده ام ولد هئي جنهن جو نالو سلافه ڌيءَ يزدجرد هو ۽ هيءُ يزدجرد ايران جو آخري بادشاھ هو ڪن جو چوڻ آهي تہ سندس نالو غزالة هو ڪن روايتن ۾ آيو آهي تہ اها سلافه سنڌي عورت هئي يعني سنڌ جي ملڪ مان آئي هئي.

ان کانسواءِ امام زين العابدين جي ٻن فرزندن هر هڪ نالي حضرت عمر ۽ حضرت زيد انهن ٻنهي جي ماءُ بہ سنڌي عورت هئي جنهن جو نالو "حيدان" هو. جيئن علامه ابن قتيبه لکي ٿو:

---

[11] بخاري جلد 1 جزء 13 ص 489 – ڪتاب الا نبياء مطبع ڪراچي.

[12] ڪتاب المعارف لابن قتيبه ص 94, مطبع ڪراچي.

"و عُمَرَ وَ زيدًا لام ولد تسمى "حيدان" الخ واما زين بن علي بن حسين فكان يكنى ابا الحسن وامه سندية" [13].

**ترجمو:** حضرت امام زين العابدين جي اولاد مان حضرت عمر ۽ حضرت زيد جي والده ام ولد هئي. جنهن جو نالو حيدان هو پر حضرت زيد بن علي بن حسين جنهن جي ڪنيت ابوالحسن آهي ان جي والده سنڌي عورت هئي.

سنڌ، سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي ٻولي جي شان ۽ عظمت لاءِ ڪيترائي حوالا موجود آهن سنڌي ٻولي پاڻ سڳورن کي بہ ڏاڍي پسند هئي جنهن جو اندازو امام احمد بن حنبل جي مشهور حديث جي ڪتاب "مسند امام احمد" مان لڳائي سگهجي ٿو تہ نبي ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جڏهن شام ملڪ جي تجارتي سفر کان واپس وريا تہ بحرين جي هڪ تجارتي ميلي ۾ آيا اهو تجارتي ميلو عالمي شهرت جو مالڪ هو جنهن ۾ چين، هند، سنڌ ۽ ٻين ملڪن جا واپاري شريڪ ٿيندا هئا روايت ۾ اچي ٿو تہ پاڻ سڳورن پنهنجن ساٿين کي ڪن ماڻهن ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو تہ اهي سنڌي آهن ۽ سنڌي ٻولي ڳالهائي رهيا آهن سنڌي زبان لاءِ اها ڪيڏي فخر جي ڳالهہ آهي جو نبي ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جي ڪنن مبارڪن تي ان جا الفاظ پهتا. [14]

اهڙيءَ طرح اهل بيت جي اولاد مان حضرت امام علي رضا سائين جن سنڌي ٻوليءَ کي پسند ڪيو آهي ۽ پاڻ سنڌي ٻولي ۾ ڳالهايو اٿن جيئن علامه عبدالرحمان جامي لکي ٿو: "ابو اسماعيل سنڌي جو بيان آهي تہ آءٌ امام علي رضا جي زيارت لاءِ مديني شريف ويس تہ مون کي عربي ٻولي ڪانہ ايندي هئي پوءِ مون سنڌيءَ ۾ حضرت امام علي رضا تي سلام

---

[13] المعارف لابن قتيبه ص 95/94 مطبع ڪراچي سال طباعت 1976ع

[14] علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي: مقدمه تفسير هاشمي ص 708 – مطبع سنڌي ادبي بورڊ.

ڪيو تہ امام رضا بہ سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ سلام جو جواب ڏنو ان کان پوءِ مون ڪيترائي سوال سنڌيءَ ۾ امام صاحب کان ڪيا تہ امام صاحب بہ انهن سوالن جا جواب سنڌيءَ ۾ ڏنا [15].

هن واقعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ امام سڳورا بہ سنڌي ٻولي ڳالهائيندا هئا ۽ ان کي پسند ڪندا هئا اهو ئي سبب آهي جو سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ عربيءَ ٻوليءَ ۾ بہ ساڳئي معنيٰ ۾ استعمال ٿين ٿا. جيئن لفظ بابو ۽ بابا جنهن معنيٰ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿئي ٿو تہ انهيءَ ساڳئي معنيٰ ۾ ساڳيو لفظ عربيءَ ٻوليءَ ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو ڇو تہ سنڌيءَ وانگر عربيءَ ۾ ٻار پيءَ کي، پيءُ ٻار کي "بابا" چوي ٿو جيئن عربيءَ جي مشهور لغت جي ڪتاب "لسان العرب" ۾ آهي: "وقال بابا الصبي ابوه اذا قال له بابا وبابا الصبي اذا قال له بابا" [16]

يعني: لغت جي عالمن چيو آهي تہ جڏهن پيءُ پنهنجي ٻار کي بابا چوي ٿو يا ٻار پهنجي پيءَ کي بابا چوي ٿو تہ "بابا" صيغو استعمال ٿيندو آهي.

ان کان سواءِ عرب ۾ "بابوس" ننڍڙي ٻچي کي چيو ويندو آهي ۽ ساڳيو لفظ ڪير پياڪ ٻار لاءِ بہ ڳالهايو ويندو آهي جنهن ۾ فرق فقط "س" جو واڌارو آهي مطلب تہ بابو يا بابوس ڇوڙ ساڳي شيءِ آهي ۽ انهي معنيٰ جي اعتبار کان اهو لفظ حديث ۾ بہ آيو آهي جيئن صحيح بخاري ۾ جريج راهب واري حديث ۾ آهي تہ جريج ٻار کي چيو: "يَا بَابُوسُ مَن اَبُوكَ قَالَ رَاعِی الغَنَمِ" [17]

**ترجمو**: اي بابوا تنهنجو پيءُ ڪير آهي ان ڇوڪر جواب ڏنو تہ منهنجو

---

[15] مولانا عبدالرحمان جامي: شواهد النبوة اردو بيان امام علي رضا ص 349 – مطبع لاهور.

[16] لسان العرب جلد 1 ص 25.

[17] صحيح بخاري جلد اول جزء 5 ڪتاب التهجد. باب اذا دعت الام ولدها في الصلواة ص 161. مطبع ڪراچي. ايضاً حديث جريج راهب بخاري ص 33 ايضاً مسلم شريف باب الادب

پيءُ ٻڪرار آهي.

مٿين ٻنهي حوالن تي غور ڪرڻ کان پوءِ صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ بابوءِ بابا جا لفظ سنڌ وانگر عرب ۾ بہ ساڳئي معنيٰ ۾ استعمال ٿين ٿا. جيڪا ڳالهہ سنڌ لاءِ قابل فخر آهي.

ان کان سواءِ سنڌيءَ ٻوليءَ وارو لفظ "بابا" حضرت موسيٰ عليه السلام بہ ڳالهايو آهي ڇو تہ حضرت موسيٰ عليه السلام جڏهن ننڍيءَ ڄمار ۾ فرعون وٽ رهندو هو تہ کيس هڪ ڏينهن بابا چيو هيائين اهوئي سبب آهي جو سندس زبان تي باهہ جو اثر ٿيو جنهن ڪري کيس زبان ۾ ڪجهہ اٽڪ ٿيندي هئي جيئن ڪتاب صحيح البخاري جلد اول جزء13 ڪتاب الانبياء باب قول الله تعاليٰ "وَهَلْ اَتَاكَ حَدِيْثُ مُوْسىٰ اِذْ نَادٰهُ رَبُّهٗ بِالْوَادِ الْمُقَدَّسِ طُوًى" طبع نورمحمد اصح المطابع ڪراچي ص 480_ انهيءَ بحث ۾ علامہ عيني لکي ٿو: فان قلت كيف لم تحرقه النار يوم التنور التي القي فيها واحرقت لسانه في هذا اليوم قلت: لانه قال يوما لفرعون يا بابا فعوقب لسانه ولم تعاقب يده لانها مدت لحية فرعون ولهذا ظهرت المعجزة فی اليد دون اللسان[18]

ترجمہ: جيڪڏهن تون سوال ڪرين تہ جڏهن حضرت موسيٰ عليه السلام کي تنور ۾ اڇلايو ويو تہ اُن ڏينهن کيس باهہ ڇو نہ ساڙيو؟ ۽ هن واقعي ۾ سندس زبان کي باهہ ساڙيو؟ ان لاءِ آءُ اهو جواب ڏيندس تہ حضرت موسيٰ عليه السلام فرعون کي هڪ ڏينهن "بابا" چيو هو تنهن ڪري سندس زبان کي تڪليف پهتي باقي هَٿَ کي باهہ انڪري نہ ساڙيو جو اُن هٿ سان فرعون جي ڏاڙهي پٽي هئائين جنهن ڪري معجزو سندس هٿ تي ظاهر ٿيو. هن عبارت مان صاف ظاهر آهي تہ حضرت موسيٰ عليه السلام بہ سنڌي زبان وارو ساڳيو لفظ بابا پنهنجي زبان

---

[18] عمدة القاري شرح صحيح البخاري جلد 7 مطبع مصر ص 392.

مبارڪ تي آندو آهي جيڪا ڳالهہ سنڌي زبان لاءِ قابل فخر آهي.

سنڌ ۾ ڪيترائي محدث ۽ بزرگ ٿي گذريا جن مان ابو علي سنڌي کي انتهائي عقيدت سان ڏٺو ويجي ٿو ايران جي هڪ پراڻي بزرگ ۽ تصوف جي اڳواڻ شيخ ابو نصر سراج طوسي وفات 388 هہ جنهن تصوف ۾ ڪتاب "اللمع" لکيو انهيءَ ڪتاب ۾ ابو علي سنڌيءَ کي بايزيد بسطامي جي استادن ۽ رفيقن مان ڳڻيو ويو آهي ۽ انهيءَ ڪتاب ۾ هڪ هنڌ شيخ ابونصر. بايزيد بسطامي کان روايت آڻي ٿو: "صحبت ابا علي السندي فكنت القنه ما يقيم به فرضه. وكان يعلمني التوحيد والحقائق صرفا" [19]

يعني: بايزيد بسطامي فرمايو تہ مون ابو علي سنڌيءَ سان صحبت ۽ رهاڻ ڪئي آءُ کيس اهڙي شيءِ جي تلقين ڪندو هوس جنهن سان هو پنهنجو فرض قائم ڪري ۽ هو (ابو علي سنڌي) مون کي خالص توحيد ۽ حقائق جي تعليم ڏيندو هو.

انهيءَ ساڳئي ڪتاب جو مؤلف ٻئي هنڌ لکي ٿو: بايزيد بسطامي فرمايو تہ مون وٽ ابو علي سنڌي آيو (۽ اهو سنڌي سندس استاد هو) ان وٽ چمڙي جي هڪ ٿيلهي هئي جنهن کي منهنجي آڏو هاريائين آءُ ڇا ڏسان تہ جدا جدا رنگن جي موتين جو ڍير لڳي ويو بايزيد چئي ٿو تہ مون ابو علي سنڌيءَ کي چيو تہ هيءُ خزانو اوهان کي ڪٿان مليو؟ هن جواب ۾ وراڻيو تہ هڪ واديءَ کان لنگهڻ ٿيو. جيڪا ڏيئي وانگر روشن ۽ چمڪي رهي هئي هنن موتين کي مون اتان کنيو. تڏهن مون کائنس

---

[19] ڪتاب اللمع تاليف ابوالنصر السراج الطوسي طبع دار الكتب مصر ص 235 سال طبع 1960ع نقل از رساله پيام لطيف ص 28/27 – مضمون علامه غلام مصطفيٰ قاسمی ايضاً تحفة الكرام باب ع 19 -- طبع سنڌي ادبي بورڊ ص 422 - ۾ آهي تہ ابو علي مون کان "الحمد" ۽ "قل هو الله احد" سکيو ايضاً معيار سالکان طريقت مطبع لاهور ص 27

پڇيو تہ پلا ٻڌايو اوهان جڏهن ان واديءَ کان لنگهي رهيا هئا تہ اوهان جو اهو وقت ڪيئن گذريو؟ ابو علي سنڌي جواب ڏنو تہ واديءَ مان لنگهڻ مهل منهنجي اڳ واري روحاني ڪيفيت نہ رهي، ان مون کي هڪ ڳالهہ بہ ٻڌائي. ابو نصر سراج هن واقعي جي راز تان هن طرح پردو کنيو آهي تہ ان وقت شيخ ابو علي سنڌي، موتين سان مشغول رهيو ان ڪري وقت طور، سندس اڳئين حالت برقرار نہ رهي.[20]

انهيءَ ساڳئي ڪتاب "اللمع" ۾ ابو علي سنڌي جو هڪ عجيب معنيٰ دار جملو آيل آهي جنهن بابت بايزيد بسطامي فرمائي ٿو تہ مون کي ابو علي سنڌي هي جملو ٻڌايو: "كنت في حال مني، بي، لي، ثم صرت في حال منه، به، له" هن ڪلام جو مطلب شيخ ابو نصر سراج طوسي هن طرح بيان ڪيو آهي تہ ٻانهو پنهنجي فعلن کي ڏسي ٿو ۽ انهن کي پاڻ ڏانهن منسوب ڪري ٿو پر جڏهن ان جي دل تي معرفت جا انوار ۽ ڪرڻا ڪرن ٿا ۽ غالب اچن ٿا تہ اهو بندو سيني شين کي الله وٽان، الله سان قائم، الله کي معلوم ۽ انهن ڏانهن موٽايل ڏسندو ۽ اعتقاد ڪندو آهي.[21]

مٿي ذڪر ڪيل ٽن علمي ۽ تاريخي حوالن مان اها ڳالهہ پڌري ٿي ٿي تہ شيخ ابو علي سنڌي هن ديس جو هڪ وڏو صوفي ۽ اهل الله هو جنهن کان شيخ بايزيد بسطامي پڻ تعليم پرائي ۽ وحدت جو سبق ورتو سنڌجي اهڙي نامور صوفي بزرگ جي باري ۾ اها خبر نہ پئجي سگهي آهي تہ هو سنڌ جي ڪهڙي شهر جو رهاڪو هو مير علي شير قانع ٺٽوي لکي ٿو:

"ازهمروزگاران ماۀ ثانيه است
معلوم نشد کہ از کدام شهر سنده است[22]

---

[20] ڪتاب اللمع مطبع مصر ص 401 – ايضاً معيار سالڪان طريقت مطبع لاهور ص 86.

[21] رسالہ پيام لطيف ص 28۔ بحوالہ نزهة الخواطر عربي جلد 1 صہ 39 – طبع حيدرآباد دکن بحوالہ ڪتاب اللمع

[22] معيار سالڪان طريقت مطبع لاهور ص 86.

يعني: ابو علي سنڌي ٻي صدي هجري جو آهي پر اهو معلوم تي نہ سگهيو آهي تہ سنڌ جي ڪهڙي شهر جو آهي.

2. اهڙي طرح سنڌ جو هڪ ٻيو عظيم محدث امام اوزاعي آهي جيڪو امام اعظم ابو حنيفه جو همعصر هو بلڪ علمي تحقيق جي ميدان ۾ مسئله "رفع اليدين" ۽ "فاتحه خلف الامام" جي موضوع تي امام ابو حنيفه سان مناظرو ڪيو هئائين پر امام اعظم ابو حنيفه کيس مناظري ۾ لاجواب ڪري ڇڏيو هو[23]

انهيءَ امام اوزاعي سنڌي بابت علامه غلام مصطفیٰ قاسمي لکي ٿو: هيءُ بزرگ امام سنڌي نسل هو حديث ۽ فقه جو وڏو امام هو امام ابو حنيفه جو همعصر هو سندس رهائش بيروت، شام ۾ هئي ۽ اتي ئي وفات ڪيائين[24] صاحب تذڪرة الحفاظ پهرئين جلد جي ص 178 تي لکي ٿو تہ سڪن في آخر عمره بيروت مرابطا وبها توفي واصله من سبي السند

ياد رهي تہ امام اوزاعي سنہ 88 هجري ۾ ڄائو ۽ تاريخ 2 ماهہ صفر المظفر سال 157 هجري ۾ وفات ڪيائين.

3. ٻي صديءَ جو هڪ ٻيو سنڌي محدث ابو معشر آهي سندس اصلي نالو نجيح بن عبدالرحمان آهي خطيب بغدادي ابو معشر سنڌي بابت لکي ٿو: ڪان من اعلم الناس بالمغازي يعني علم مغازي جو سڀ کان وڏو عالم هو. امام احمد بن حنبل کيس تمام گهڻو پسند ڪندو هو علم حديث جي مشهور امام نسائي بہ ان کان استشهاد ڪيو آهي جيئن حافظ ذهبي تذڪرة الحفاظ ۾ لکيو آهي "قلت قد احتج به النسائي"[25]

امام ابو معشر سنڌي تابعي هو ماه رمضان سال 170 هجري بغداد ۾ وفات

---

23 صحيح بخاري ص 102 – جلد 1، التقرير للترمذي صہ 13.

24 ڪتاب الانصاف مطبع شاهہ ولي الله اڪيڊمي حيدر آباد ص 26 – حاشيه عہ 2.

25 تذڪرة الحفاظ جلد 1 ص 212.

ڪيائين سندس جنازي جي نماز هارون رشيد پڙهائي هئي. اهڙي طرح ڏاهري قبيلي جو هڪ آڳاٽو محدث علامه ابوبڪر ڏاهري جنهن جو اصل نالو عبدالله بن حڪيم ڏاهري هو سندس ذڪر اسماء الرجال جي ڪتابن ۾ موجود آهي جيئن علامه ذهبي پنهنجي ڪتاب ميزان الاعتدال ۾ لکيو آهي تہ علامه ابوبڪر ڏاهري بصري ۾ رهندو هو ايڏو تہ وڏو محدث هو جو علامه امام احمد بن شعيب نسائي بہ سندس تذڪرو آندو آهي. ميزان الاعتدال مطبع شيخوپوره پاڪستان صہ 411 – القسم الثاني جي حاشيه ۾ علامه علي محمد البجاوي علامه ابوبڪر ڏاهري کي شام جو محدث قرار ڏنو آهي ۽ پاڻ عبدالله بن حڪيم شامي جي تذڪره ۾ لکي ٿو: قلت هذا هوالداهري شيخ الحديث ابوبڪر ڏاهري جون روايتون ڪيل بہ حديثون نموني طور ذڪر ڪجن ٿيون: ”عمرو بن عون، حدثنا ابوبكر الداهري، عن اسماعيل عن قيس عن المستورد ان رجلا شكا الى رسول الله صلى الله عليه وسلم النقرس، فقال كذبتك الهواجر“ [26]

**ترجمو**: روايت ڪري ٿو عمرو بن عون تہ اسان کي ابوبڪر ڏاهري حديث ٻڌائي ان اسماعيل کان ان قيس کان ان مستورد کان روايت ڪئي تہ هڪ شخص پاڻ سڳورن وٽ هٿن ۽ پيرن سڙڻ جي شڪايت ڪئي تہ حضور ﷺ جن ڪيس اهو علاج ٻڌايو تہ ٽاڪ منجهند جو سخت گرميءَ ۾ پنڌ ڪر. ان کان سواءِ ٻي حديث هن طرح آهي:

محمد بن اسماعيل قال حدثنا سعيد بن سليمان قال حدثنا عبدالله بن حكيم ابوبكر الداهري عن يوسف بن صهيب عن عبدالله بن بريدة عن ابيه قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم ثلاثة لاتقربهم الملائكة السكران والمتخلق والجنب“ [27]

---

[26] ميزان الاعتدال القسم الثاني صہ 411.

[27] ڪتاب الضعفاء الكبير مطبع بيروت ص 241.

ترجمو: محمد بن اسماعيل چوي ٿو تہ اسان کي سعيد بن سليمان حديث ٻڌائي ان کي ابوبکر عبدالله بن حکيم ڏاهري حديث ٻڌائي، ان وري يوسف بن صهيب کان ان عبدالله بن بريدة کان ان پنهنجي پيءُ کان روايت ڪئي چيائين تہ رسول الله صلی الله عليه وسلم جن فرمايو تہ ٽن شخصن کي الله تعالیٰ جا ملائڪ ويجها نٿا وڃن. (1) نشي وارو (2) تصويرون ٺاهيندڙ (3) ٽڙ وارو ماڻهو.

اهڙيءَ طرح سنڌ جو هڪ ٻيو عظيم سپوت ابوعطاءَ سنڌي عربي زبان جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي سندس اصلي نالو "افلح بن يسار" آهي عربي ادب جو مشهور ڪتاب "ديوان حماسه" ۾ ابو عطاءَ سنڌي جا عربي شعر موجود آهن انهيءَ سنڌي شاعر جي عربي شعرن کي "درس نظامي" ۾ مقرر ٿيل ڪتابن مان "المطول" ۾ علامه تفتازاني ابو عطاءَ سنڌي جي شعر کي حجت طور آندو آهي. جيئن فرمائي ٿو:

قال الحماسي:

الا ان عينا لم تجد يوم واسط

عليک بجاري دمعها لجمود [28]

**ترجمو**: خبردار! اي فوت ٿيندڙ! بيشڪ اها اک بخيل آهي. جنهن اک شهر "واسط" ۾ وهندڙ ڳوڙها نہ وهايا.

انهيءَ ڪتاب مطول جي حاشيه نمبر 7 ۾ آهي تہ هذا البيت "لابي العطاء السندي يرثی الوزير بن الهبيرة المقتول بواسط" يعني: هيءُ شعر ابو عطاءَ سنڌي جو چيل آهي جيڪو وزير بن هبيرة جي قتل جي موقعي تي مرثيه طور چيائين.

سنڌ جي مشهور محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ابو عطاءَ سنڌي جا عربي شعر هٿ ڪري هڪ ڪتابي شڪل ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو

[28] المطول صہ 30 — مطبع سعيد ڪراچي.

سنڌ طرفان سال 1961ع ۾ شايع ڪرايا آهن انهيءَ ڪتاب جو نالو "نتف من شعرابي عطاء السندي" آهي ان مطبوع رسالي تي ساڳيو شعر ص 12 تي موجود آهي.

ان کان سواءِ سنڌ ۾ ڪيترن ئي خدا جي پيارن جون مزارون موجود آهن جن مان هڪ روايت حضرت خواجہ اويس قرني رحمة الله عليه بابت آهي (والله اعلم بصحتها وسقمها)

اها روايت هن طرح آهي:

سنڌ جو نامور مؤرخ علامه يوسف ميرڪ بڪري (وفات 1044هہ) لکي ٿو تہ:

"وقصبه سن: ازقلعه سهوان درهرده کروهي بہ طرف تهته واقع است وازکوه درهفت کروهي: ودر پنج کروهي سن بہ طرف تهته کوهچه واقع است. وبرپشت آن کوهچه قبر حضرت خواجه اويس قرني و والده ايشان عليهما الرحمة والغفران"[29]

يعني: سن جو شهر: سيوهڻ کان ٺٽي جي طرف ارڙهن ڪوهن تي آهي ۽ جبل هتان ستن ڪوهن تي آهي سن کان پنج ڪوهہ پري ٺٽي جي طرف ڏانهن هڪ جبل آهي جنهن تي حضرت خواجه اويس قرنيءَ جي مزار ٺهيل آهي جتي سندس والده جي بہ مزار آهي.

هن روايت جي تائيد اسان کي هڪ ٻئي ڪتاب مان بہ ملي ٿي جيئن مخدوم غلام حيدر صديقي (وفات 1953ع) پنهنجي ڪتاب سڪينة الروح قلمي ص 76 کان 82 تائين حضرت خواجه اويس قرني جي قبر بابت تفصيل سان بحث ڪيو آهي: سراج العارفين ۾ لکي ٿو تہ "از آنچہ از مسافران بحر و برو زمين وکوه بہ استماع رسيده ومي رسد واز اسلاف بہ رحمت حق پيوستہ: وعظام کالعظام گشتہ بعنعنہ رسيده آنست کہ مظاهر قبر و مزار

[29] ڪتاب تاريخ مظهر شاهجهاني مطبع سنڌي ادبي بورڊ ص 228 – سن طباعت 1962ع.

خواجہ بزرگوار اويس قرني درجبال مرتفعہ وامکنہ مصعوده از قديم الايام ظاهروباهر وهويدا استہ“

يعني: سيلاني ماڻهن کان معتبر سَنَدُنْ سان ٻڌڻ ۾ اچي ٿو تہ حضرت اويس جو مقبرو ڪن مٿاهن جبلن ۾ موجود آهي. ٽوروا ڳتي هلي لکي ٿو:

”در قرب هالہ کندي بر مسافت يک نيم پاس روز آن روي دريا برکوهستان نزيدک قصبہ ”سن“ سرکار سيوستان ازقرون ماضي مزار خواجہ برگزيده اخيار اويس قرني واقع است: کہ مردم اطراف و جوانب بہ زيارت آن مزار فيض مندمي گردند خصوصاً بر تاريخ شب نهم شهر ذوالحج هر سال آن جا مي شتابند“.

يعني: سن شهر جي ويجهڙائي وارن جبلن ۾خواجہ اويس قرني جي مزار انور تي هر سال جي عرفہ رات (نائين تاريخ ذوالحج) ميلو لڳندو آهي.

انهيءَ مان معلوم ٿيو تہ سندن مقبرو اتي آهي انهيءَ ميلي تي ڪن عالمن اعتراض ڪيو تہ ڪٿي ٿيو يمن ملڪ جو قَرنُ؟ ڪٿي رهي سنڌ؟ هزارن ڪوهن جو فاصلو اويس حضرت عليءَ جي لشڪر ۾ شهيد ٿيو پوءِ سنڌ ۾ ڪيئن آيو؟ اهڙو اعتراض مخدوم بلال بہ ڪيو هو تہ فقه ۾ آهي ”من زار القبر بغير ميت فهو کافر وامراته بائنة“ پر خواجہ اويس قرني پنهنجي بزرگي ۽ ڪرامت سان جلوه افروز ٿي پنهنجو مشاهدو ڪرائي فرمايائون تہ:

”روايت فقهائي بجاي خود است وما اينکہ در قبر خوديم“

يعني: فقيهن جي روايت جنهن جي اوهان سَنَدَ ونو ٿا بالکل پوري آهي پر اسين اجهو پنهنجي قبر ۾ موجود ويٺا آهيون. سراج العارفين ۾ آهي تہ اهڙي مشاهدي تي حضرت مخدوم بلال جا اولا لهي ويا مريدن ۽ شاگردن سميت اتي هليا ۽ سيد حيدر شاهہ سنائيءَ جي واسطي سان حضرت خواجہ اويس قرني جي زيارت کان مشرف ٿيا ۽ مسنون طريقي

سان مٿس سلام پڙهيائون گهڻي زماني کان پوءِ اهو مقبرو بالڪل ڊهي ويو ۽ سنڌ جي حاڪم مرزا شاهه حسن ارغون ذاتي خرچ سان ٺهرايو.

حضرت اويس قرني جي قبر تي تمام گهڻو اختلاف آهي پر اسان ٻه تاريخي حوالا پيش ڪيا آهن (والله اعلم بالصواب).

جيئن ته سنڌ قديم زماني کان ملڪ جي حيثيت ۾ هئي اهو ئي سبب آهي جو ڪيس ملڪ ڪري سڏيو ويو آهي جيئن مخدوم ابو الحسن ڏاهري فرمائي ٿو:

بگويد کنون داهري بوالحسن
ڪہ در ملڪ سند است اورا وطن.

يعني ابوالحسن ڏاهري چوي ٿو جنهن جو وطن ملڪ سنڌ آهي.

مولانا جلال الدين رومي فرمائي ٿو:

هنديان را اصطلاحِ هند مدح
سنديان را اصطلاح سند مدح

يعني: هندوستان وارن کي هندي زبان ۽ سنڌ وارن کي سنڌي زبان نيبهه هجي. آخر ۾ سنڌ جي شاعرن جي سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شعر سان اختتام ڪيان ٿو

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا! دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

**فقط**

**پروفيسر ڊاڪٽر حافظ غلام محمد ڏاهري**

گورنمينٽ مهراڻ ڊگري ڪاليج مورو سنڌ

2005_5_20

150 ڪتاب تاليف ٿيل آهن جي موجود آهن ۽ اهي عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ آهن[1]. مخدوم صاحب پنهنجي وقت جو وڏو عالم، مفسرِ قرآن ۽ فقيه هو. درس و تدريس سان گڏوگڏ عبادت ۽ رياضت ۾ پڻ پنهنجو وقت صرف ڪندو هو.

مخدوم محمَّد هاشم ٺٽوي جن جي عظيم تاليف مان فقہ جي موضوع تي سنڌن قلمي بياض ٽئن جلدن ۾ "بياض هاشمي" جي نالي سان مشهور آهي هن ڪتاب جو ڪجهہ حصو سنڌ جي ديني تاريخ ۽ فضيلت تي لکيل آهي جنهن جو مثال سنڌس هن تصنيف کان اڳ نہ تو ملي.

مخدوم صاحب جن 1135 ھ ۾ حج جي ارادي سان سعودي عرب روانا ٿيا جتي ڪيترن عالمن کان حديث ۽ ٻين علمن جون سندون ۽ اجازتون ورتائون. سنڌس ڪن ڪتابن جي حاشين ۾ هيءَ ڳالهہ پڻ ڏيکاري وئي آهي تہ انهيءَ سفر دوران 12 رجب 1136ھ تي جمعي جي رات مديني منوره ۾ ڪين نبي ڪريم حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي زيارت جو شرف مليو. پاڻ مدح نامہ سنڌ ۾ سنڌ سان محبت جو اظهار ڪندي سنڌي قوم کي خبردار ڪيو اٿن تہ هو پنهنجي ڌرتيءَ تي "آنچ نہ اچڻ ڏين" اها بہ هڪ تعليم نبوي آهي ۽ رسول مقبول صلی الله عليه وسلم جي سنت آهي. مخدوم صاحب سنڌ جي ساراهہ ڪئي آهي ۽ شان بيان ڪيو آهي هن ڪتاب جي شروعات حمد ۽ وحدانيت جي صفتن سان سينگاريل آهي بعده حضور پاڪ ﷺ جي زنده هئڻ ۽ سنڌن شفاعت برحق متعلق روايتون آنديون آهن ۽ نبي پاڪ صلی

[1] الرحيد بمبي کان سنڌ آزاد نمبر 16 جون 1936ع رسالو سنڌ 1983ع

الله عليه وسلم جن کي غائبانہ سڏ ڪري ثابت ڪيو آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن هر جاءِ تان ۽ هر وقت ٻڌن بہ ٿا تہ جواب بہ ڏين ٿا. حضور پاڪ ﷺ جن کي عظيم رهنما، رحمة للعالمين، شريعت جو دليل، طريقت جو برهان، دين جو امين، ساري ڪائنات ۾ چونڊيل، سبب خِلقَتِ ڪائنات، اعليٰ نسل، سردار مرسلين، مختيار ڪل سڏي، چئن يارن جي ساراهہ ۽ وصفون بيان ڪيون آهن. مخدوم صاحب افعاني عالم کي قرآن و حديث ۽ بزرگن جي شاعريءَ مان مثال ۽ دليل ڏئي ان کي ڪوڙو ڪيو آهي ۽ ساڳئي وقت عقلي دليل ڏئي بہ انهن اعتراضن کي سختيءَ سان رد ڪيو آهي ۽ سنڌ جي ساک رکي آهي.

جيئن تہ اڳ مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ مخدوم صاحب "بياض هاشمي" ۾ سنڌ جي ديني تاريخ ۽ سنڌ جي فضيلت جي باري ۾ گهڻو ڪجهہ لکيو آهي ۽ ان کان سواءِ هن ڪتاب "مدح نامہ سنڌ" ۾ افغان عالم کي جواب ڏيندي لکي ٿو تہ : "اي افغان نادان تو ڇا لکيو آهي تو پنهنجي وقت کي سنڌ جي برائيءَ بيان ڪرڻ ۾ صرف ڪيو آهي هاڻي منهنجو جواب ٻڌ ۽ هن مسڪين سان مقابلو ڪر فضول جهيڙو ڇڏ جڏهن توکي معلوم ٿي ويندو تہ تو اهڙو ڪتاب لکيوآهي تہ تون سمجهي ويندين تہ تو ان کي لکڻ ۾ پنهنجي زندگيءَ جو وقت ضايع ڪيو آهي" [2]

ارضي ۽ سائنسي ماهرن جي راءِ مطابق سنڌ جي سرزمين اٽڪل ساڍا چار ارب سال اڳ پاڻيءَ جي هٽڻ ڪري وجود ۾ آئي ۽ هن خطي تي سنڌ نالو پيو ڪن محققن جو چوڻ آهي تہ هن خطي تي سنڌ نالو

[2] ملويڪ اردو روزنامہ جنگ 16 فيبروري 1983ع مضمون "مخدوم محمّد هاشم ٺٽوي _ کي حب الوطني" تحرير _ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ادارو ترجمہ الاهي بخش عابد بلوچ.

سنڌوندي‌ءَ جي نالي پٺيان پيو پهرين محققن لکيو آهي تہ سنڌ تي اهو نالو هنن وجهن جي ڪري رکيو ويو: (1) سنڌ حضرت آدم عليه السّلام جي فرزند حضرت شيث عليه السّلام جنهن کي تو ڙات سيت لکيو ويو آهي ان نالي سيت مان سنڌ لفظ استعمال ڪري هن خطي تي سنڌ نالو رکيو ويو آهي. (2) هند ۽ سنڌ حضرت نوح عليه السلّام جي فرزند حام جا فرزند هئا ۽ هن جي ياءَ سنڌ جي نالي پٺيان هن ملڪ تي سنڌ نالو پيو. (3) حضرت نوح عليه السّلام جا ٻہ فرزند سام ۽ حام هئا پوءِ جنهن خطي ۾ سام رهيو ان کي سنڌ سڏيو ويو ۽ جنهن خطي ۾ حام رهيو ان کي هند سڏيو ويو. ڪي مؤرخ انهن ٻنهي ڀائرن جا نالا سنڌ ۽ هند ٻڌائين ٿا.[3] جڏهن تہ ٻئي فڪر جي محققن لکيو آهي تہ ان نالي جا هي وجه آهن: (1) سنڌو درياءَ سنڌ جي جياپي جو ذريعو آهي ۽ سنڌو تان ئي هن ديس تي سنڌ نالو پيو. (2) سنڌو ندي جنهن علائقي مان وهي ٿي ان علائقي کي سنڌ سڏيو ويو (4) پراڻين لکتن ۾ هن خطي کي سپت سنڌو سڏيو ويو آهي، ڪنهن سمي هتي ست نديون وهنديون هيون. ان ڪري هن خطي کي سپت سنڌو سڏيو ويو (5) سنڌو جي معنيٰ ڪن سمنڊ ۽ ڪن سدا وهندڙ ندي ٻڌائي آهي، جيئن تہ سنڌ ٻہ سمنڊ يا پاڻيءَ جي ڇڏڻ ڪري وجود ۾ آئي يا ظاهر ٿي ۽ ظاهر ٿيل هن خطي کي سنڌ سڏيو ويو (6) سنڌ جي قديم ترين مذهبي ڪتابن (جيڪي سنڌوءَ جي ڪناري لکيا ويا) ۾ سپت سنڌو جو ذڪر ملي ٿو (7) بهشت مان وهندڙ ندين ۾ هڪ نديءَ جو نالو سنڌو اچي ٿو. (8) سنڌو جو ڏاتو سڌ ڄاڻايو ويو آهي جنهن جي معنيٰ بچاءُ ڪرڻ ۽ رکي

---

[3] تحفه الڪرام_ مير علي شير قانع، آئينہ قديم سنڌ

ونڻ يعني هيءَ ندي بچاءَ ۽ جياپي جو ذريعو بنيل آهي [4].

مٿئين بحث مان ظاهر ٿو ٿئي تہ زمين جي ظاهر ٿيڻ کان اڳ پاڻي هو يعني سمنڊ ۽ درياءَ وغيره هئا جن جي هٽڻ کان پوءِ زمين ظاهر ٿي. جهڙيءَ طرح ہئي فڪر جي محققن لکيو آهي تہ سنڌ جي ڌرتي، سمنڊ هٽڻ سان پيدا ٿي ۽ سنڌو جي معنيٰ بہ سمنڊ يا سدا وهندڙ ندي ورتي وئي آهي ۽ ڄاڻايو ويو آهي تہ سنڌو جنهن جنهن علائقي (1800 ميل يا 3000 ڪلو ميٽر) مان لنگهي ٿي ان سموري علائقي کي سنڌ سڏجي ٿو يعني سنڌ 1800 ميل يا 3000 ڪلو ميٽر ڊگهي هئي جنهن جي تائيد تاريخي ڪتابن ۽ مذهبي ڪتابن پڻ ڪئي آهي تہ سنڌو وڏي هئي، باقي موجوده حدون تہ ٽالپورن جي دور ۾ وزيراعظم ولي محمد لغاريءَ جي ڪوشش سان مقرر ڪيون ويون هيون. سنڌو جو ڌاتو جيئڻ تہ سڌ ڄاڻايو ويو آهي جنهن جي معنيٰ بچاء ڪرڻ ۽ رکي ونڻ يعني بچاء ۽ جياپي جو ذريعو آهي ۽ پراڻن قديم ترين ڪتابن ۾ بہ سپت سنڌو جو ذڪر ملي ٿو اهي سڀ ڳالهيون ثابت ڪن ٿيون تہ هن ملڪ تي سنڌ نالو سنڌو نديءَ تان ئي پيو آهي، پر جيڪڏهن حضرت نوح عليه السّلام جي فرزندن سام ۽ حام يا انهن جي فرزندن سنڌ ۽ هند تان ئي هن ملڪ تي سنڌ ۽ هندستان تي هند نالا پيا آهن تہ سنڌو ندي تہ انهن کان اڳ وهندڙ آهي معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌو نديءَ وارو سارو علائقو سنڌو سڏبو هوندو ۽ حضرت نوح عليه السّلام جي ٻيڙيءَ جو ڪير تر جبل يا ڪارونجهر جبل سان لڳڻ ۽ پوءِ سنڌ جي

---

[4] Cambrige History of India Vol. 1, P_80, India what can it teach us? P_170 It (the Indus) is an example of an antecedent drainage, haring exited even before the great Himalayan up_ heavals (Marvels of the earth P_56, 57).

سرزمين تان پاڻي هٽڻ ڪري حضرت نوح عليه السّلام جي فرزندن پنهنجن فرزندن جا نالا هند ۽ سنڌ, سنڌو تان ئي رکيا هجن يا حضرت نوح عليه السّلام سنڌ جي سونهن ۽ سنڌو نديءَ جي هاڪ ٻڌي پنهنجي فرزند جو نالو سنڌ رکيو هجي. سنڌ يا سنڌو نديءَ تان پنهنجي اولاد تي نالو رکڻ اهر هڪ محبت جو اظهار آهي جهڙي طرح اڄ ٻ ڪيترائي ماڻهو پنهنجي اولاد جو نالو سنڌو رکندا اچن ٿا. بهرحال سنڌ تڏهن سنڌ آهي جڏهن ان کي آباد ۽ سرسبز ڪندڙ ۽ جياريندڙ ندي سنڌو ندي آهي ڇو ته هر شيءِ جي پيدائش خواه جياپي لاءِ پاڻيءَ جو هئڻ لازمي ۽ بنيادي ڳالهه آهي جيئن بيان ڪيل مٿئين آيت سڳوريءَ مان ٻ واضح ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ انسان پوءِ لاٿو ويو پهريان ان جي ضروريات ۽ آسائشات (Wants and Luxuries) سان زمين کي ڀرپور ڪيو ويو يعني ان کي آباد ڪيو ويو جنهن ۾ پاڻي اهم شيءِ آهي يعني سنڌو ندي اوّل آهي ۽ پوءِ انسان آهي پلي حضرت آدم عليه السّلام سنڌ سرزمين تي لٿو هجي پر ان کان ٻ اڳ ان کي ڪن محققن جنت جي ندي ٻ سڏيو آهي ڇيو ويندو آهي ته سنڌ لطيف آهي ۽ لطيف سنڌ آهي ڇاڪاڻ ته لطيف سنڌي ٻوليءَ کي جياريو آهي اهڙي طرح اسين ائين چوڻ ۾ ٻ حق بجانب آهيون ته سنڌو سنڌو ندي آهي ۽ سنڌو ندي سنڌ آهي ڇاڪاڻ ته سنڌ کي سنڌو ندي جياري ٿي. هن وقت جيڪڏهن اسان سنڌ سان محبت جو ثبوت ڏيڻ چاهيون ٿا ته سنڌو نديءَ جي پهريائين حفاظت ڪرڻي پوندي ان جو بچاءُ ڪرڻو آهي جي نہ تہ سنڌ, سنڌ نہ رهندي.

مٿين ٻنهي مڪتب فڪرجي محققن جي تحقيق ۽ قرآني آيت جي روشنيءَ ۾ مون تحقيق جي هڪ ننڍڙي طالب ۽ ادنيٰ ڪارڪن جي

حيثيت ۾ پنهنجي هڪ راءِ قائم ڪئي آهي اُميد ته پڙهندڙ مطمئن ٿيندا. پر تحقيق اڃان هلندي رهندي ۽ هلڻ به گهرجي ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن تاريخ، قوم ۽ علم کي زنده ۽ قائم رکڻو آهي ۽ انهن کي ترقيءَ جي منزل تي پهچائڻو آهي ته تحقيق کي جاري ۽ ساري رکڻو پوندو. پر هڪ ڳالهه کي ذهن ۾ ضرور رکڻ گهرجي ته بحث جيڪڏهن تعميري ۽ سنجيده آهي ته علم ۾ وڌارو ٿيندو رهندو ۽ تحقيق جا دروازا کلندا رهندا. تحقيق کي هرگز بند نه ڪرڻو آهي ڇو ته حضرت ابو حنيفه رحمت الله عليه جن جي چوڻ مطابق تحقيق جا دروزا بند ڪرڻ واري قوم خود بند ۽ ختم ٿي ويندي آهي. فرض ڪيو ته جيڪڏهن حضرت آدم عليه السّلام هڪ پهرين انسان جي حيثيت سان سنڌ ۾ لٿو آهي ته پوءِ دنيا جو پهريون انسان سنڌي ٿي آهي؟ سڀ انسان مغرب خواه مشرق جا آدم جي اولاد جي ناتي سان سنڌي آهن؟ جيڪڏهن سڀ انسان هڪ سنڌيءَ جو اولاد آهن ته پوءِ پوري دنيا جي قومي ٻولي سنڌي ٻولي ٿي آهي؟ ته ڇا پوءِ دنيا جي سيني انسانن جي پنهنجي پهرين قومي ٻوليءَ کي ترقي ڏياري بين الاقوامي ٻولي جي درجي تي پهچايو؟ اِهي سڀ سوال آهن جن تي تحقيق ڪري دنيا جي عالمن، مفڪرن، اسڪالرن کي پنهنجو حق ادا ڪرڻ گهرجي. منهنجي هڪ ادنیٰ صلاح آهي ته سنڌ سونهاريءَ جي سنڌي عاشق حضرت علامه مولانا محمّد ادريس ڏاهري صاحب جن جي هن محنت (ترجمه مدح نامه سنڌ ۽ ٻيو وڌيڪ مواد ڪٺي ڪرڻ) ۽ ڪاوش جيڪا پاڻ مخدوم محمّد هاشم ٺٽوي رحمت الله عليه جي فارسيءَ ۾ لکيل ڪتاب "مدح نامه سنڌ" کي بنياد بنائي سنڌ متعلق جيڪو مواد ڪٺي ڪرائي سنڌيءَ ۾ ڇپرائڻ لاءِ ڪوشان آهن ان جي ڇپجڻ کان

پوءِ هن ڪتاب کي انگريزي، اردو، عربي بلڪ دنيا جي مختلف ٻولين ۾ ترجمو ڪرائي پوري دنيا اڳيان رکي دنياجي عظيم مفڪرَ ڊاڪٽر علامه آءِ آءِ قاضي جي هن قول تہ: "سنڌ دنيا جي اڳواٽيءَ لاءِ وجود ۾ آئي آهي، پر ڪجهه وقت غلام رهڻ ڪري سنڌس باشندن جون صلاحيتون ميسارجي ويون آهن جن کي اجاگر ڪرڻ گهرجي تہ جيئن اها پنهنجوحق ادا ڪري سگهي ۽ روءِ زمين لاءِ ڀلائيءَ جو ڪارڻ بنجي سگهي." کي سچ ثابت ڪري سگهون.

## سنڌ سونهاريءَ جو اسلامي دور ۾ تشخص ۽ شان:

هيءَ هڪ فطري ڳالهه آهي تہ هر ڪنهن ايمان واري جي دل ۾ پنهنجي ديس ۽ وطن سان الفت ۽ محبت جو عنصر روز روشن وانگر نمايان ۽ پڌرو نظر اچي ٿو. در حقيقت سچو انسان اهو آهي جنهن کي پنهنجي وطن ۽ ڌرتيءَ سان پيار آهي وطن جي محبت کان سواءِ انسان سڏائڻ اجايو آهي. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ فرمايو آهي تہ:

آءُ ڪيئن ڇڏيان سرمرا تن پنهوارن، پچار
جڙ جني جي جان ۾ لڳي ريءَ لُهارَ
ميخون محبت سنديون هيئنڙي منجهه هزار
پڪا ۽ پهنوارَ ڏني مون ڏينهن ٿيا.

هن بيت ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ عليه الرحمت جن وطن سان اڪير ۽ الفت جو اظهار ڪيو آهي. پاڻ ڌرتي واسين کي پنهنجي ڀلاري ڀونءِ سان پيار جو پيوند پختو ڪرڻ جي هدايت ۽ نصيحت ڪئي اٿس. هن ڌرتيءَ تي محمد بن قاسم جي اچڻ کان اڳ ۽ پوءِ بہ ڪيترائي عرب سياح آيا ۽ ڪيترن ئي بزرگن سنڌ ڌرتي تان عرب خواه عجم ۾ وڃي ديني خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ اسلامي تعليمات ۽

اثرجي ڪري هن ڌرتي مان الله تعاليٰ ڪيترائي محبت ۽ ميناج، مُروتَ ۽ اُخوَت شجاعت، سچائي ۽ صداقت، سچ ۽ سونهن جا سرواڻ ۽ سينگار، سخن پرور، سخن گو، سخن شناس عاقل، عالم، عارف، ابدال، فاضل، فقير عابد ۽ زاهد، صوفي ۽ وطن دوست پيدا ڪيا آهن جن پنهنجي ماهرانہ مدبرانہ ۽ عارفانہ صلاحيتن جي ذريعي سنڌ ڌرتيءَ جي خدمت پئي ڪئي آهي.

سرزمين سنڌ مجموعي طرح ڏکڻ ۽ وچ ايشيا ۾ واحد علائقو آهي جو سرزمين عرب جو هڪ نمونو پيش ڪري ٿو جيڪي نظارا قرآن پاڪ جي سورت الغاشيہ جي آيت 17 کان آيت 20 مبارڪ ۾ بيان ڪيل آهن جن ۾ روان چشمہ بلند مقام، سرسبز ۽ آباد وچايل سرزمين پهاڙ ۽ اٺ وغيره شامل آهن.

ام المومنين حضرت بيبي عائشہ صديقہ رضي الله تعاليٰ عنها راوي آهي تہ هڪ ڀيري حضور نبي ڪريم ﷺ جن ٻن اصحابن فضل بن عباس ۽ حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنهم جي رفاقت سان (آخري بيماريءَ جي وقت) ٻاهر نڪري مسجد نبوي ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ منبر تي تشريف فرما ٿي دعا گهرڻ فرمايائون ۽ اصحابن سڀني کي فرمايائون تہ "هي ٿڌيون ۽ فرحت بخش هوائون سنڌ کان اچن ٿيون" ۽ هڪ ٻئي ڀيري پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ: "مون کي سنڌ ملڪ کان خوشبوءِ اچي ٿي" حضور پاڪ ﷺ جن سنڌ جو اجرڪ نما ڪپڙو زيب تن ڪري مسرور ۽ محظوظ ٿيندا هئا.

سنڌ سرزمين تي رسول مقبول ﷺ جن جا ڪيترا اصحاب تبليغ لاءِ آيا ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهه جن جي حڪم تي حضرت قاسم بن محمد بن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنهم جن بہ سنڌ ۾

آيا ۽ هتي ئي محوِ خواب آهن. ڀيا بہ ڪيترائي اصحابِ ڪرام ۽ تابعي وغيره سنڌ ۾ آيا ۽ انهن دينِ اسلام جي تبليغ ڪئي تنهن کان پوءِ سنہ 93 هجريءَ ۾ محمّد بن قاسم سنڌ ۾ آيو ۽ سنڌ ۾ دين اسلام کي ڦيلايو ۽ هتي اسلامي رياست قائم ڪيائين جنهن جي طفيل ئي سنڌ "باب الاسلام" سڏجڻ لڳي. جڏهن سليمان بن عبدالملڪ سنہ 96 هجريءَ ۾ خليفو بڻيو تہ محمّد بن قاسم کي سنڌ مان واپس گهرايائين اهڙي طرح محمّد بن قاسم سنڌ ملڪ ۾ ٽي سال رهيو. ان کان پوءِ سليمان بن عبدالملڪ يزيد ابن ابي ڪبشہ کي سنڌ ۾ موڪليو هيءُ حديث جو عالم هو هن کان اڳ موسىٰ بن يعقوب ثقفي، محمّد بن قاسم سان گڏ آيو هو جيڪو وڏو محدث هو ڪيس اروڙ جو قاضي مقرر ڪيو ويو انهن کان سواءِ مفضل ابن المهلب بن ابي صفره، ابو موسىٰ بن موسىٰ البصري عمر بن مسلم الباهلي (جيڪو حضرت عمر بن عبدالعزيز جي طرفان سنڌ جو والي بڻجي آيو ۽ حديث جي علم کي زور ونرايائين)، ربيع بن صبيح سعدي بصري حديث جو وڏو عالم هو) حضرت عبدالله بن محمّد بن عبدالله بن امام حسن بن حضرت علي ڪرم الله وجهه هيءُ حضرت علي رضي الله عنه ۽ خاتون جنت حضرت بيبي فاطمه رضي الله عنهاجي اولاد مان ۽ اهل بيت ڪرام مان پهريون بزرگ هو جيڪو سنڌ ۾ آيو مديني پاڪ ۾ سندن ولادت ٿي هئي، 151 هہ ۾ سنڌو نديءَ جي ڪناري تي هشام جي ڀاءُ سفيح بن عمر پنهنجي هٿان هن ۽ سندس ساٿين کي شهيد ڪرائي ڇڏيو صرف سندن هڪ فرزند حضرت محمد بن عبدالله زنده بچيو. اِهي هئا پهريان عالم ۽ محدث جيڪي سنڌ ۾ آيا.

هاڻي انهن عالمن جو ذڪر ڪجي ٿو جن اسلام جي ابتدائي دور ۾

سنڌ کان عرب ملڪ وڃي علم جي شمع روشن ڪئي ۽ ديني علوم ۾ پنهنجو نالو مشهور ڪيو.

1. امام اوزاعي سنڌي : شيخ الاسلام عبدالرحمان بن عمرو امام اوزاعي سنہ 88 ھ ۾ پيدا ٿيو ۽ 156 ھ ۾ وفات ڪيائين. هيءَ پنهنجي دور جو وڏو عالم هو سندن شاگردن ۾ امام مالڪ، شعبہ، حضرت سفيان ثوري، ابن مبارڪ، يحيٰ بن سعيد، قطان ۽ الوليد بن مزيد شامل آهن. امام اوزاعي جو خاندان علامہ ذهبي ۽ ابن حجر عسقلاني جي لکت مطابق قيد ٿي سنڌ کان عرب ويو هو. ابن مهدي، امام احمد بن حنبل ۽ ابو اسحاق فرازي سندن علم ۽ فضل جي تعريف ڪئي آهي سندن ساري زندگي درس تدريس ۾ گذري، السنن، المسانيد، التفسير ۽ حديث تي ڪتاب لکيائين.

2. ابو معشر سنڌي: هن جو پورو نالو نجيح بن عبدالرحمان هو ۽ سندس ڪنيت ابو معشر آهي. علم حديث ۽ فقہ تي وڏي دسترس رکندو هو. جامع ترمذيءَ ۾ سندس روايتون موجود آهن ۽ سنن نسائيءَ ۾ پڻ سندس روايتون آهن. امام نسائي ڪانئس روايتون درج ڪيون آهن. پاڻ فن مغازي جي وڏن ماهرن مان هو. پاڻ 170 ھ ۾ وفات ڪيائين.

3. ابو عبدالملڪ محمد بن ابو معشر سنڌي: هيءُ مشهور محدث ٿي گذريو آهي. 99 سالن جي عمر ۾ 244 ھ ۾ وفات ڪيائين.

4. ابو بڪر احمد بن سنڌي بن حسن بن بحر حدادي سنڌي: هيءُ سنڌي بزرگ بہ پنهنجي وقت جو وڏو محدث هو ۽ 279ھ ۾ وفات ڪيائين.

5. احمد بن سنڌي بن فروغ مطرز بغدادي: هيءُ بہ پنهنجي وقت جو وڏو

عالم ۽ محدث هو. انهن کان سواءِ.

6. احمد بن سنڌي رازي،

7. ابوبڪر احمد بن قاسم بغدادي

8. ابو الفوراس احمد بن محمد بن حسين سنڌي مصري، جنهن 349هه ۾ وفات ڪئي.

9. ابراهيم بن علي سنڌي بغدادي

10. اسلم بن سنڌي

11. ابو ابراهيم اسماعيل بن سنڌي بغدادي،

12. اسماعيل بن عيسيٰ بن فرخ سنڌي

13. اسماعيل بن محمد رجاءِ سنڌي نيشاپوري،

14. ابوجعفر سنڌي ۽ ٻين ڪيترن سنڌي محدثن عرب ملڪن ۾ وڃي ديني علوم جي خدمت ڪئي ۽ درس ڏنو. مٿين محدثن کان سواءِ ديبل شهر جو خاص ذڪر هلي ٿو ڇاڪاڻ تہ سرزمين سنڌ ۽ هند ۾ حديث رسول (ﷺ) جو پهريون مرڪز سنڌ جو هيءُ (ديبل) شهر ئي رهيو آهي. اسلامي دنيا جا ڪيترائي عالم هن شهر ۾ آيا ۽ هتي ئي درسگاهون قائم ڪيائون. سڀ کان پهرين درسگاه جيڪا هڪ اسلامي يونيورسٽيءَ جي حيثيت رکندي هئي سا هئي علي بن موسيٰ الديبليءَ جي درسگاه. هن درسگاه مان ڪيترائي عالم ۽ باعمل انسان پيدا ٿيا جن اسلامي دنيا ۾ پنهنجو ۽ پنهنجي سنڌ ديس جو نالو روشن ڪيو. انهن مشهور عالمن، محدثن جو مختلف مورخن، محدثن، نسابن پنهنجي ڪتابن ۾ ذڪر ڪيو آهي. جن مان ابن النديم، سمعاني، خطيب بغدادي، ياقوت حموي، ابن حجر عسقلاني، ابن عساڪر، جلال الدين سيوطي، ابن حوقل، ابن الفقيه همداني، معسر بن مهلل، احمد بن

يعقوب بن جعفر سنڌ جي شهرن خاص ڪري ديبل شهرجو ذڪر ڪيو آهي.

## ديبل شهر جا ڪي عالم ۽ محدث:

1. ابو العباس احمد بن عبدالله الديبلي (وفات 343هه)
2. ابوبڪر بن احمد بن هارون الديبلي (وفات 370هه)
3. ابراهيم بن ابو جعفر بن ابراهيم الديبلي.
4. ابو محمد حسن بن حامد الديبلي (وفات 457هه)
5. خلف بن محمد الموازيني الديبلي، جنهن علي بن موسیٰ الديبلي جي مدرسي ۾ تعليم ورتي ۽ پوءِ وڃي عرب ۾ رهيو.
6. ابو القاسم شعيرب بن محمد الديبلي ٽين صدي هجري ۾ مشهور عالم ٿي گذريو آهي.
7. ابوجعفر محمد ابراهيم الديبلي جو سنڌ مان علم حاصل ڪري مڪ پاڪ ۾ علمي خدمتون سرانجام ڏنائين.
8. احمد بن عبدالله الديبلي جنهن جو ابو جعفر شاگرد هو.
9. علي بن احمد الديبلي جنهن جو ديبل ۾ وڏو درسگاه هو.
10. ابو بڪر محمد حسين بن محمد الديبلي وڏو محدث ۽ قاري هو.

ابوعبدالله محمد بن عبداللهؒ الديبلي.

12. ابو العباس محمد بن محمد بن عبدالله الديبلي سنڌي (وفات 254هه)
13. ابو محمد ديبلي جيڪو حضرت شيخ جنيد بغدادي جو شاگرد هو.
14. ابو موسیٰ الديبلي جو حضرت بايزيد بسطامي جو ياٽيجو ۽ شاگرد هو.

مورخ لکن ٿا تہ سنڌجي شهر ديبل ۾ پهريون مسلمان جنهن پير پاتو سو هو حضرت عثمان بن ابو العاص ثقفيؓ جيڪو سنہ 15 هجريءَ ۾ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي دور خلافت ۾ ديبل ۾ پهتو. ياقوت حموي پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "معجم البلدان" ۾ سنڌ جي ديبل شهرجو ذڪر هن طرح ڪيو آهي: "ديبل عربي سمنڊ ۾ اچي ڇوڙ ڪري ٿو. هيءُ شهر هيءَ ولايت ۾ آهي هن شهر سان حديث رسول(ﷺ) جا ڪيترائي راوي تعلق رکن ٿا.

ابن حوقل جنهن سنڌ جو سڀ کان پهريان نقشو تيار ڪيو هو جنهن ۾ هن الور کي سنڌونديءَ جي ڪپ تي ڏيکاريو آهي ۽ هن ديبل شهر جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. سنڌ جي مشهورمورخ مولائي شيدائي جي چوڻ مطابق تہ ايران جي شهر اصفهان کان پوءِ سنڌ جو قديم شهرهالا آهي، جيڪو ڪاشيءَ ٽائڻ ۾ پوري دنيا ۾ اهميت رکي ٿو. هالا اهم قديم تاريخي شهر آهي. جتي حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جوجداعلىٰ سيد حيدر شاهہ اچي سڪونت اختيار ڪئي هئي جنهن جي خاندان مان 10 صدي هجريءَ جو بزرگ شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو پيدا ٿيو جنهن جي چوٿين پيڙهيءَ ۾ پوري دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ٻارهين صدي هجريءَ ۾ پيدا ٿيو.

سنڌجي ديبل ۽ هالا شهرن کان سواءِ قديم تاريخي ڪتابن ۾ سنڌ جا مشهور شهر جيڪي علم، ادب ۽ ديني علوم جي ڪري نمايان حيثيت رکن ٿا تن ۾ ڪوٽڙي ڪبير، دربيلو سيوهڻ، گچيرو (پراٽو)، خانواهڻ، بکر، ٺٽو منصوره ۽ پنيور وغيره شامل آهن.

علامہ همداني لکي ٿو تہ الله تعالىٰ سنڌ کي هي خصوصيت بخشي آهي جو سنجهس هر قسم جون شيون جهڙوڪ جواهرات، ياقوت، الماس

خوشبوءِ دار مصالح. عنبر. ريشمي ڪپڙو سوٽي ڪپڙو ململيون ۽ ٻيو سامان ڪافي تعداد ۾ پيدا ٿئي ٿو ۽ ٻين ملڪن ڏانهن پڻ ويندو آهي.

ابن الاثير جنهن جو اصل نالو شيخ ابو الحسن علي بن محمد ابن عبدالڪريم بن عبدالواحد آهي پنهنجي تاريخ الڪامل في التاريخ ۾ پڻ سنڌ کي ساراهيو آهي. هي ڪتاب مسلمانن ۽مستشرقين ٻنهي وٽ نهايت عمدو تاريخ جو ڪتاب شمار ڪيو وڃي ٿو. پروفيسر برائون جو چوڻ آهي تہ هن تاريخ جي ڪتاب کي هر عهد ۽ سيني ملڪن جي تاريخن ۾ نمايان حيثيت حاصل آهي. ڏنو وڃي تہ سنڌ جي عالمن ۽ محدثن وچ ايشيا، چين، هند عرب ۽ عراق ۾پنهنجي علم جا ڏيئا روشن ڪيا. ٻين ۽ٽين صدي هجريءَ ۾ تصوف پنهنجي عروج تي پهتل هو تہ ان وقت بہ سنڌ کي اها فضيلت حاصل هئي، پوري مشرق ۾ سنڌ ئي آهي جنهن کي باب تصوف جو لقب مليو. اهڙي طرح سنڌ کي باب الاسلام هجڻ سان گڏ باب التصوف بہ سڏجي ٿو.

سنڌ ۾ قلندر لعل شهباز، مخدوم بلال، مخدوم نوح سرور، شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو، مخدوم هنگورو، سرتاج الشعراء حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، مخدوم غلام محمد بُگائي، مخدوم ابوالحسن ڪبير، مخدوم ابوالحسن صغير، مخدوم ابو الحسن ڏاهري، مخدوم شاهہ محمود، مخدوم حسن جهانيان، مخدوم عبدالروف، مخدوم محمّد هاشم ٺٽوي، مخدوم محمّد معين ٺٽوي، سلطان العارفين خواجہ محمّد زمان لنواريءَ وارو، مخدوم قاضي محمد چتن، حضرت سچل سرمست، حضرت قاضي احمد دمائي ۽ ٻيا ڪيئين عالم بزرگ، محدث ۽ مبلغ آيا ۽ پيدا ٿيا جن تاريخ سوانح حيات، تفسير، حديث، فقه، ادب ۽ شاعريءَ ۾ پنهنجو پاڻ ملهايو ۽ تصنيفات ۽ تحقيقات جو نهايت اوچو

معيار رکيو.

سنڌ کي اها بہ سعادت ملي تہ دنيا جي اداڻي قلندرن مان هڪ قلندر حضرت سيّد محمّد عثمان مروندي جن بہ پنهنجو آخري آرامگاه سنڌ کي بڻايو ۽ سيوهڻ شريف ۾ آرامي آهن ۽دنيا جو عظيم شاعر يورپي فلسفي ڪارلائل جي مقرر ڪيل اصولن تي جيڪي هن هڪ وڏي ۾ وڏي شاعر لاءِ مقرر ڪياهئا ان جي روشنيءَ ۾ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جن کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر منتخب ڪيو ويو.

خوشنصيبي آهي سنڌ جي ساهتي پرڳڻي جي جو هن خطي ۾ الله پاڪ هڪ اهڙي عظيم شخصيت پيدا ڪئي جنهن جي پيدائش نہ صرف ان افغاني عبدالرؤف جي سنڌ تي ڪيل اعتراضن جي خلاف دليل آهي بلڪ سنڌ لاءِ باعث فخر آهي. جيڪڏهن هن ساهتي پرڳڻي ٻارهين صدي هجريءَ ۾ حضرت مخدوم غلام محمّد بگائي رحمت الله عليه جن جهڙي عظيم هستي الله پاڪ پيدا ڪئي جنهن جي قرب ۽ قابليت مخدوم محمّد هاشم ٺٽوي رحمت الله عليه جهڙي ڪامل بزرگ هستيءَ کي ساهتيءَ جي علمي، ادبي، تهذيبي ۽ ثقافتي مرڪز گچيري پراڻي ۾ اچڻ جو شوق پيدا ڪيو ۽ پاڻ اچڻ فرمايائون ۽ ڪتابن لکڻ ۽ ترجمن ڪرڻ متعلق مخدوم غلام محمّد بگائي جن کان فائدو حاصل ڪندا رهيا ۽رهنمائي پڻ وٺندا رهيا تہ وري هن خطي ۾ 14 صدي هجري ۾ مٿي بيان ڪيل عظيم شخصيت ۽ سنڌ خلاف لکيل ڪتاب جا جواب انهن جا دليل چوڏهينءَ جا چند جيڪي پندرهينءَ ۾ پڌرا ٿيا آهن. اهي ظاهر ڪندڙ هستي آهي پير طريقت رهبر شريعت حضرت علامہ مولانا محمّد ادريس ڏاهري مدّظلہ العالي صاحب _ جن جي ولادت 17 سيپٽمبر 1948ع تي ڳوٺ مقيم ڏاهري تعلقہ دولت پور

ضلع نواب شاهہ ۾ تي. پاڻ ابتدائي خواه اعليٰ تعليم پنهنجي ئي هن ننڍڙي ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي هيائون. سندن استاد مرحوم حضرت علامہ مولانا ميان محمّد اڪتڙائي جن وڏي پايه جا عالم هئا هي عظيم عالم حضرت علامہ مولانا محمد ادريس ڏاهري صاحب جن هن ننڍي ڳوٺ مان ائين ئي اڀريا جڻ چوڏهينءَ جو چنڊ. جنهن تي نہ صرف سنڌ بلڪ پوري عالم اسلام کي ناز ۽ فخر آهي. پاڻ باعمل عالم ۽ صاحب شريعت پڻ آهن.

پاڻ نهايت پرهيزگار عابد. زاهد. صوم و صلواةَ جا پائبند. تهجدگذار ۽ صاحبِ روحانيت پڻ آهن. انهيءَ کان سواءِ پاڻ ساهتيءَ جا سرواڻ. مذهبي اڳواڻ علم ۽ فضيلت جي کاڻ. تحرير ۽ تقرير ۾ پيدا ڪندڙ نواڻ. سنڌ جا شاندار ليکڪ بهترين ۽ عالي شان شاعر پڻ آهن.

الله پاڪ "عَلَمَ بِالقَلِم" جي اشاري سان قلم کڻڻ جو حڪم فرمائي. قلم کي علم حاصل ڪرڻ ۽ علم محفوظ ڪرڻ جو ذريعو بنائي تحريري جهاد جو رستو کوليوءِ ان علم جي ذريعي انسان ۾ عقل جهڙي نعمت پيدا ڪري ان کي اشرف المخلوقات جي اعليٰ لقب سان نوازيو تہ جيئن هو علم ۽ قلم جي ذريعي نہ صرف پنهنجي پاڻ کي سڃاڻي بلڪ پنهنجي حقيقي مالڪ ربّ العالمين کي سڃاڻي ۽ محبوب مصطفيٰﷺ جن جي شان ۽ تعليمات کي سڃاڻي ان کي عام ۽ خاص تائين پهچائي ۽ پکيڙي علامه صاحب جن پنهنجو فرض ۽ مصطفائي سنت کي ادا ڪندي لکڻ جي ميدان ۾ نهايت محبت. شوق ۽فڪر سان ڪافي ڪم ڪري رهيا آهن. الله پاڪ کين هن عظيم مقصد ۾ وڌيڪ ڪامياب ڪري (آمين).

حضرت سائين مولانا محمّد ادريس ڏاهري مدّظلہ جن جون ڪافي

تصنيفات ڇپجي منظر عام تي اچي چڪيون آهن جن جو تفصيل پنهنجي ڄاڻ آهر هيٺ عرض رکان ٿو:

(1) تفسير احسن البيان: هيءُ تفسير پاڻ هن سال يعني 2006ع ۾ قرآن جي 30 ئي سيپارن جو لکي پورو ڪيو اٿن جيڪو 9 جلدن تي مشتمل آهي، سندن هيءُ احسان سنڌ، سنڌي ٻولي، سنڌي قوم بلڪ عالم اسلام تي آهي ۽ رهندو ۽ صدين تائين سندن ڳالهه پئي ڳائبي.

(2) مناقب الصالحين: اولياءَ الله جي شان ۾ لکيل ڪتاب آهي جيڪو پاڻ 1982ع ۾ شايع ڪيو هيائون.

(3) الاربعين في فضائل الخلفاء الراشدين (چئن يارن) رضوان الله تعالىٰ عليهم اجمعين جي شان ۾ چاليهه حديثون هي ڪتاب 1983ع ۾ ڇپيو.

(4) احسن التشريح لبردة المديح: قصيده برده جو سنڌيءَ ۾ شرح ۽ مخصوص شعرن پڙهڻ جا فائدا هي ڪتاب 1984ع ۾ ڇپيو.

(5) جامِ تصوف ـ تصوف جي متعلق تمام ناياب ڪتاب آهي 1985ع ۾ ڇپيو.

(6) الدولة الڪبرىٰ شرح اسماءَ الله الحسنىٰ: الله تبارڪ و تعالىٰ جي 99 اسمن مبارڪن جي معنىٰ ۽ پڙهڻ جون برڪتون 1986ع ۾ شايع ٿيو ۽ هاڻي اردو ۾ ڇپيو آهي.

(7) سيرت بادشاهه بغدادي: سيدي و مرشدي حضرت پير سيد عبدالقادر جيلاني محبوب سبحاني جي زندگيءَ جو احوال ۽ ڪرامتون هي ڪتاب 1986ع ۾ ڇپيو.

(8) تحفة الحجاج: چئن حصن ۾ آهي هن ۾ حج جي متعلق مختصر احڪام ۽ دعائون آهن. هي ڪتاب 1987ع ۾ ڇپيو.

(9) التحفة المرضيه شرح القصيدة الغوثية حضرت سيدنا عبدالقادر

جيلاني رحمت الله عليه جي قصيدي جو سنڌي ۾ ترجمو ۽تشريح 1987ع ۾ ڇپيو.

(10) الله جو احسان شرح قصيده نعمان: امام ابو حنيفه رحمت الله عليه جي عربي قصيده جو سنڌيءَ ۾ شرح 1991ع ۾ شايع ٿيو.

(11) ترجمہ مدح نامہ سنڌ (ٻهريون ڇاپو) 1991ع ۾ شايع ٿيو.

(12) احسن التحقيق في سيرة الصديق : حضرت ابوبڪر صديق جي زندگي مبارڪ، اولاد، سيرت ۽ شان مبارڪ 1991ع ۾ شايع ٿيو.

(13) قادري تحفه: پيران پير دستگير رحمت الله عليه جو ٻڌايل درود شريف سنڌي ترجمي سان 1992ع ۾ شايع ٿيو.

(14) سيرت اويس قرني: سندن زندگيءَ جو احوال 1992ع ۾ ڇپيو.

(15) مومنن جي ماءُ حضرت عائشه صديقہ رضي الله عنها سندن سيرت ۽ شان مبارڪ 1994ع ۾ شايع ٿيو.

(16) ماڻڪ، موتي، لعل، قصيده برده شريف، قصيده نعمان ۽ قصيده غوثيہ جي شرحن جو مجموعو 1995ع ۾ ڇپيو.

(17) فضائل مسواڪ: ڏندڻ ڪرڻ سان دنيوي ۽ ديني فائدا سنت طريقي سان مسواڪ ڪرڻ جا احڪام _هي 1996ع ۾ شايع ٿيو.

(18) التحرير المقبول في اخبار اولاد الرسول: حضور ﷺ جن جي ٽن فرزندن ۽ چئن نياڻين جو احوال 1996ع ۾ شايع ٿيو.

(19) ترجمہ رسالہِ نور: مخدوم ابو الحسن ڏاهري جي نورمصطفیٰ ﷺ جي متعلق لکيل فارسي رسالي جو سنڌي ترجمو 1997ع ۾ شايع ٿيو.

(20) سيرت الحسنين: حسنين ڪريمين جي زندگي ۽ فضائل 1998ع ۾ ڇپيو.

(21) الباقيات الصالحات: جو ترجمو: مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي

فارسي ڪتاب جو سنڌي ترجمو: جنهن ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جي حرمن پاڪن مومنن جي مائرن جو احوال آهي 1999ع ۾ شايع ٿيو.

(22) نماز جي اهميت: نماز پڙهڻ جا فائدا ۽ نه پڙهڻ جا نقصان ۽ عذاب ۽ نماز جون حڪمتون 1999ع ۾ شايع ٿيو.

(23) سيرت شهيد گرهوڙي عليه الرحمه: سندن زندگيءَ جو احوال 2000ع ۾ شايع ٿيو.

(24) شاهه لطيف جا مخصوص اشعار ۽سندن سوانح حيات 2001ع ۾ ڇپيو.

(25) ترجمه النفحات الباهرة : فارسي:(مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو) جنهن ۾ پنج تن پاڪ ۽ ٻارهن امام چوڏهن جي متعلق ذڪر آهي 2002ع ۾ ڇپيو.

(26) تحفة الطلاب سيرت سيدنا عمر بن الخطاب رضي الله عنه 2003ع ۾ ڇپيو.

(27) اوضح البيان في سيرت سيدنا عثمان بن عفان رضي الله عنه 2003ع ۾ ڇپيو.

(28) فتح القوي الغالب في سيرت سيدنا علي ابن ابي طالب ڪرم الله وجهه 2004ع ۾ ڇپيو.

## غير مطبوعہ ڪتاب:

1. دلائل ختم نبوت.
2. دلائل نزول المسيح
3. وسيلو وٺڻ
4. مفتاح السرور في تحقيق مسئلة النور.

مٿي قرآن پاڪ جي لفظن "عَلَّمَ بِالقَلَمِ" مان ڪتابن جي اهميت ۽ فضيلت ثابت ٿئي ٿي در حقيقت ڪتابن ۾ وڏا نفعا ۽ فائدا آهن ڪتاب جي ذريعي علوم ضبط ۾ اچن ٿا گذريل ماڻهن جون خبرون ۽ احوال ۽ انهن جو ڪلام محفوظ ٿئي ٿو مطلب تہ ڪتاب نہ هجن ها تہ دين ۽ دنيا جا ڪم قائم رهي نہ سگهن ها. مولانا صاحب جن جي هيءَ محنت ۽ ڪاوش نہ صرف انسان ذات لاءِ مشعل راه آهي. بلڪ سندن آخرت لاءِ پڻ هڪ وڏو سرمايو آهي جيڪو خدائي ڪتاب ۾ پڻ محفوظ رهي ٿو.

قرآني تعليمات مطابق لکتون ٻن قسمن جون آهن: (1) گمراهہ ڪندڙ لکتون (2) سڌي راه ڏسيندڙ لکتون پوءِ ٻئي لکتون ليکڪن جي اعمالنامن ۾ محفوظ رهنديون. اڄڪلهہ اڪثريت ليکڪن جي گمراهہ ڪُن آهي ڇو تہ اسان جا گهڻا مذهبي عالم قلم جي نزديڪ نہ آهن ان ڪري انهن جون لکتون منظر عام تي نهايت گهٽ اچن ٿيون. اهڙي دور ۾ جنهن ۾ مذهب جي خلاف لکيل ڪتابن جا انبار هجن. حقيقي عالم جيڪي علم جا حقيقي وارث آهن قلم کڻن تہ نہ صرف اهو وڏو جهاد پر انسان تي احسان آهي بلڪ رب پاڪ جي حضور ۾ يقيناً مقبوليت آهي اهڙين ئي شخصيتن کي اسين پير طريقت ۽ رهبر شريعت سڏيون ٿا ۽ اهڙن عالمن کي روحاني منصب سنڀالڻ گهرجي الحمدلله حضرت مرشدنا قبلہ سائين عبدالغفار عرف پير مٺا سائين رحمت الله عليه. حضرت پير خواجہ الهہ بخش عرف سهڻا سائين رحمت الله عليه ۽پير خواجہ محمد طاهر عرف سڄڻ سائين دامت برڪاتهم العاليه جن جي سلسلي ۾ حضرت علامہ و مولانا محمد ادريس ڏاهري صاحب جن روحاني منصب سنڀاليندي خرقئہ خلافت

ڏيکيندي عوام جي روحاني تربيت شروع ڪئي آهي انشاءَ الله تعالىٰ اها جلد رنگ لائيندي ۽ سندن صحبت ۾ رهي ڪري ماڻهو شريعت ۽ طريقت جون منزلون طي ڪري الله ۽ الله جي رسول ﷺ جو راضپو ۽ نزديڪي حاصل ڪندا. جيئن مون مٿي بيان ڪيو آهي تہ علامہ صاحب جن جون تحريرون نہ صرف هن دنيا لاءِ مشعل راهہ آهن بلڪ خداوند ڪريم وٽ نهايت شانائتي نمونې محفوظ آهن جيئن الله پاڪ قرآن پاڪ ۾ فرمايو تہ: "وَنَكْتُبُ مَاقَدَّمُوْا وَآثَارَهُمْ وَكُلَّ شيءٍ اَحصيعہ فِيْ اِمَامٍ مُّبِيْنٍ" سورت يٰسٓ آيت ١٢

ترجمہ: اسين لکي رهيا آهيون جيڪي هنن اڳتي ڪري موڪليو آهي ۽ اهي نشانيون جيڪي هو پوئتي ڇڏي ويا آهن ۽ هر شيءِ اسان هڪ پڌائڻ واري ڪتاب يعني لوح محفوظ ۾ ڳڻي رکي آهي.

مٿئين آيت سڳوريءَ مان معلوم ٿو ٿئي تہ انساني زندگيءَ جو عمل، هر قدم ۽ تحرڪ سڀ ڪجهہ الله وٽ محفوظ آهي ان آيت جي روشني ۾ علامہ صاحب جن جو تفسير ۽ مڙئي ڪتاب تحريرون ۽ تقريرون الله پاڪ جي راهہ ۾ کنيل هر قدم ۽ نيڪ عمل خدا پاڪ جي حضور ۾ لکيل، محفوظ ۽ مقبول آهن. الله پاڪ شال سندن قلم ۾ اڃان بہ قوت پيدا ڪري ۽ کين خضري حياتي بخشي جو حقيقي علم کي باطل علم جي مقابلي ۾ وڌيڪ منظر عام تي آڻن تہ جيئن انسان ذات کي علمي رهبريءَ سان روحاني رهبري، پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ، پنهنجي رب پاڪ کي سڃاڻڻ ۽ محبوب مصطفىٰ ﷺ جي شان کي سڃاڻڻ جي نعمت عطا ٿيندي رهي.

رفيعي رسول بخش گچيرائي

تاريخ 11 جولاءِ 2006ع مطابق 14 جمادي الثاني 1427هہ

بروز سومر

## زير مطالع ڪتاب جن تان حوالا ورتا ويا آهن:

(1) مقدس ڪتاب، قرآن مجيد ۽ ان جو ترجمه ڪنزالايمان، از امام اهل سنت محمد احمد رضا بريلوي رحمت الله عليه (2) قديم سنڌ (3) آئينهٔ قديم سنڌ (4) صورت الارض _ ابن حوقل (5) معجم البلدان _ ياقوت حموي (6) الڪامل في التاريخ ابن اثير (7) Suffering of Sindh _ محمد ايوب کهڙو (8) محمد ايوب کهڙو ۽ سندس سياسي تاريخ _ حميده کهڙو (9) سنڌ جيئن مون ڏٺي: ٽي پوسٽنس جي انگريزي ڪتاب جيڪو عطا محمّد ڀنڀري ترجمو ڪيو. (10) نئين زندگي رسالو ڊسمبر 1970ع (11) سنڌ جا وچايل بندرگاهه ادارو نئين زندگي جون 1970ع.

# منقبت

ٺلھہ: سونهن سنڌ جي شان وارو آ لطيف – مرتبي ۽ مان وارو آ لطيف

سرور ڪونين جو صالح ٻچو
پاڪ پرور ڪي پيارو آ لطيف

اسم عبداللطيف آ اعليٰ سندن
نسب ۾ بيشڪ ڀلارو آ لطيف

سندن پيارو پيءُ شاھ حبيب آ
اهل دل سهڻو سونهارو آ لطيف

اوليائن جي جماعت ۾ هي جوان
دلربا دلبر دلارو آ لطيف

ذات ۾ ۽ صفات ۾ اعليٰ عجيب
قرب ۾ ڪامل قرارو آ لطيف

ذڪر ۾ جنهن پوري ڪئي هئي زندگي
قلب ڪاري جو اجارو آ لطيف

دعا گهري دل ساڻ پرور پاڪ کان
مٺيندو دل جو مونجهارو آ لطيف

عشق جي ميدان جو هي مرد آ
هر مرحلي ۾سوڀارو آ لطيف

مظهر عشق محمد مصطفيٰ ﷺ
سونهن ۾ روشن ستارو آ لطيف

منقبت ان جي لکي "ادريس" ڇا
ڏاهري ڪي ياد يارو آ لطيف